ماهوار مئگزين
# همسري
حيدرآباد
ڊسمبر 2018



## هلنڊ ملڪي بحران ۾
## بينظير جهڙي ليڊر جي ضرورت






Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

Regd. No: 3160-A

ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:
زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب

سب ايڊيٽر:
لطيف گاد

خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڱاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي کهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:
غلام سرور (شيخ سنڌي)

سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽگڙ

ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:
راڄپر برادرز

آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 04
Number: 12
December, 2018
Regd. No: 3160-A Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ستاءُ

ايڊيٽوريل ..... 04

**راءِ ۽ تبصرا**
همسريءَ ۾ همسفر ٿي ..... 05

**سماجيات**
صحت سڌارن لاءِ عوامي ڳڻتي ۽ سماجي سطح تي اڀرائي ..... ڊاڪٽر اشوٿاما 06
منڇر جي ڪپ تي آباد ماڻهن جي دردن جي داستان ..... دريا خان جهتيال 07
ڏڪار ٻڌيل اچڙو ٿر ..... عبدالغني شر 08
مختلف مذهبي نظريا ۽ فڪر ..... ڊاڪٽر پيار علي جتوئي 09
زراعت جي تباهي جا تعليمي عمل تي اثر ..... سرمد ڪوسو 11

**ادب**
سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسنديت جي روايت ..... مسلم شميم 12
تصحيح، تحقيق، مقدمو ۽ تعليقات: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو ..... گل محمد عمراڻي 17

**سلسليوار ناول**
رنگ گرهڻ ..... ضراب حيدر 19

**اکري سئو وکري**
شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ..... 22

**پيٽا**
شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي ۽ ذاتي زندگي جون ڪجهه تصويري جهلڪيون ..... 23

**ليڊرشپ**
سماج سڌارڪ: عبدالحڪيم مهر ..... زاهده ابڙو 26

**شخصيت**
صوفي رمزن ۾ رنگيل (منور علي مهيسر) ..... ساگر صفي الله شر 30

**ڪتاب تي تبصرو**
مان موڪي ۽ مڪلي ..... مسافر هاليپوٽو 31

**ٽريولاگ**
اداس موسم ..... اعجاز منگي 32
نيو يارڪ ۾ نئون ڏينهن ..... زاهده ابڙو 34

**ڪهاڻيون**
اباڻا ڪک ..... ساحل سڪندر 37
مختصر ڪهاڻيون ..... 38

**شاعري** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ..... 39

**آن لائن وٿ ارم**
ڊاڪٽر سحر امداد شاهه ..... ارم محبوب 41

**رپورٽ**
پاڪستان جي اڳوڻي سفير عالم بروهي جي ڪتابن جي مهورت ..... لطيف گاد 43

**فن ۽ هُنر**
شڪارپوري بابلاڻي خاندان ۾ ڪاٺ تي اُڪر جو ڪم ..... محبت بابلاڻي 44

**پروفائل**
مهان ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر نجم عباسي ..... سليم چنا 45

**پينٽنگ** ..... خالق چنا 46

ايڊيٽوريل

# ثقافت ڏهاڙو سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ جو ڏينهن

ثقافت زنده قومن جو وڏو اثاثو هوندو آهي، جيڪي قومون پنهنجي ثقافت کي ڇڏي ڌارين جي ثقافت کي اختيار ڪنديون وينديون آهن هڪ ڏينهن سندن نالو ۽ نشان دنيا جي نقشي تان ميسارجي ويندو آهي ۽ پوءِ تاريخ جي بند ورقن ۾ ئي انهن قومن جا نشان ملي سگهندا آهن. جيئن انسان لاءِ سندس نالو اهم آهي جنهن سان ڪيس سڏيو ۽ سڃاتو وڃي ٿو، ائين ئي قومن لاءِ سندن ثقافت به سڃاڻپ جو هڪ اهڃاڻ هوندي آهي. سنڌي قوم جيڪا پنهنجي ثقافت کان ڪنهن قدر ڇڄي ڌار ٿيندي پئي وئي، جنهن ۾ سڀ کان اهم، پنهنجي ٻوليءَ کان لاتعلقي وڌندي پئي وئي اتي هن قوم کي اتفاقي طور هي ثقافتي ڏينهن تحفي طور مليو ويو آهي جيڪو سنڌي قوم لاءِ هڪ عيد مثل آهي. هن ڏينهن هر سنڌي فرد چاهي اهو امير هجي يا غريب، جوان هجي يا ٻار، مرد هجي يا عورت پنهنجي سنڌي هجڻ تي فخر محسوس ٿو ڪري ۽ پنهنجي ڌرتي ماءُ ۽ ثقافت سان پنهنجي محبت جو اظهار پنهنجي عمر ۽ سمجهه آهر ڪري ٿو.

خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي ته هاڻي اسان جا سنڌي چئنل صرف ناچ ۽ گاني سان هيءُ ڏينهن ملهائڻ نٿا گهرن، پر هڪ قدم اڳتي وڌائيندي هو پنهنجي قوم جي ڪنهن مسئلي کي به اڳيان ڪڍي اچڻ چاهين ٿا، ان سلسلي ۾ سنڌ ٽي. ويءَ جي ڪاوش ساراهڻ جوڳي آهي، جنهن ثقافتي ڏهاڙي تي پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ جي سوال ۽ ڊيلٽا جي بحالي کي هن ڏينهن لاءِ "ٿيم" مقرر ڪيو آهي جنهن تي همسري آڪٽوبر 2018 تي هڪ جامع ايڊيٽوريل شايع ڪري چڪو آهي. اهڙيءَ طرح هن ڏينهن هرهڪ سنڌي چئنل تي ۽ هر فورم تي سنڌ جي بنيادي مسئلن کي اُٿاريو وڃي ته جيئن ثقافت ڏهاڙي تي هر سال پوري قوم گڏجي پنهنجي بنيادي مسئلن کي اجاگر ڪندي رهي. ان سان پوري قوم اندر يڪجهتي ۽ اتحاد جو رجحان مضبوط ٿيندو ۽ هيءُ هڪ اهم ڏڻ جنهن تي هاڻي چئي سگهجي ٿو ته هر سال ڪروڙين رپيا خرچ ٿين ٿا ان کي هڪ نئون رخ ملندو. هن وقت سنڌ جي اهم مسئلن ۾ سڀ کان اهم مسئلو تعليم آهي، سڀني قوم کي گڏجي ان ڏينهن تي اهو عزم ڪرڻو آهي ته اسان پنهنجي وڃايل تعليمي ساک کي وري بحال ڪنداسين ۽ هر شعبي ۾ لائق ماڻهو پيدا ڪنداسين ۽ تعليم کي سنڌ جي هر ننڍي ۽ وڏي شهر ۾ عام ڪنداسين ته جيئن اسان جي قوم جو ڪوبه فرد اڻڄاڻ ۽ تعليم کان محروم نه رهي سگهي. جڏهن اسان جي معاشري ۾ معياري تعليم وري بحال ٿيندي ته ان وقت سماج جي هر طبقي ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا جيڪي پنهنجي ثقافت ۽ وڃايل قدرن جي بحالي لاءِ جاکوڙي سگهندا ۽ پنهنجن ڪسيل آئيني ۽ قانوني حقن جي حفاظت ڪرڻ جي قابل هوندا.



# همسري ۾ همسفر ٿي
# آءُ ونڊيون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## سنڌڙي ۾ لائبريري ڪولرائي وڃي!
## سانگي شبير ڪنير/سنڌڙي

ضلعي ميرپورخاص جي تعلقي سنڌڙي جا شاگرد تعليم ۽ شعور ۾ اڳرا آهن پر هتي جا شاگرد ڏاڍي تڪليف سان تعليم پرائين ٿا. هتان جي سرڪاري اسڪولن جي جيڪڏهن حالت ڏٺي وڃي تہ اتي سٺا استاد ۽ شاگرد آهن، پر انهن جون عمارتون زبون حال آهن ۽ پيئڻ جي پاڻي، واش روم، بجلي، فرنيچر سميت ٻيون سهولتون بہ ميسر ناهن. ٻئي پاسي جن اسڪولن ۾ رڳو حاضري پرجي ٿي اتي هر سهولت مهيا ڪيل آهي پر پوءِ بہ اهي غريب ۽ هاري طبقي جا ٻار تعليم پرائي اڳتي وڌي رهيا آهن. تعلقي سنڌڙي جي شاگردن کي هن وقت لائبريري جي سخت ضرورت آهي. هن جديد دور ۾ لائبريري هر تعلقي سطح تي هئڻ کپي، پر هتي ائين ناهي اگر حقيقي بنيادن تي ڏٺو وڃي تہ هتان جي چونڊيل نمائندن بہ هن وقت تائين هتان جي نوجوان نسل جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڪو بهتر ڪردار ادا ناهي ڪيو. ايستائين جو هتان جو نوجوان شاگرد هڪ لائبريري کان بہ محروم آهي، جيڪا هڪ وڏي ناانصافي آهي ان ڪري اسان جي سنڌ سرڪار کي اپيل آهي تہ سنڌڙي جي شاگردن لاءِ لائبريري قائم ڪئي وڃي تہ جيئن اهي لاڀ حاصل ڪن.

***

## مسافر هاليپوٽو/ماتلي

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد پهريون ڀيرو منهنجي هٿن تائين پهتو آهي، انتهائي خوبصورت ادبي مواد سان سينگاريل مئگزين ڏاڍو وڻيو. هن وقت پڪڙ جي دور ۾ اهڙو خالص ادبي مئگزين وقت سر آڻڻ سچ پچ تہ هڪ وڏو ادبي ڪارنامون چئبو. خوبصورت مواد جي چونڊ ۽ ان جي خوبصورت ترتيب اوهان جي اعليٰ ادبي صلاحيتن جو واضح ثبوت آهي. "تاريخ جي آئيني ۾" سلسلو تمام بهترين آهي، ڪوشش ڪري سنڌ جي تاريخ کي قسطوار هلايو وڃي تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو، اها منهنجي نماڻي راءِ آهي باقي اوهان جيڪو بهتر سمجهو. ادب، سماجيات، اڪري سئو وڪري، پروفائل، آن لائن وٺ ارم، ڪتاب تي تبصرو لاجواب سلسلا آهن. ڪهاڻين ۾ معزز ڪهاڻيڪارن پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي. شاعريءَ جا صفحا پنهنجو مٽ پاڻ لڳا. "پينٽنگ" ۾ شگفتہ شاهہ جو پيغام بيحد پسند آيو. اوهان طرفان "نيو يارڪ" جو سير وڻيو، بقايہ حصي جو شدت سان انتظار رهندو. همسري جي سڄي ٽيم لاءِ نيڪ تمنائون ۽ دعائن جا جهول آهن.

***

## منور علي "منور" ڪيهر/ڳوٺ آگاڻي لاڙڪاڻو

همسري نومبر 2018 مليو پوري وقت تي پرچو ڪڍڻ لاءِ همسري جي ساري سٽ جي ساراهہ ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي. محترم ايڊووڪيٽ مسلم شمير جو مضمون "بنياد پرستي ۽ اسلامي دنيا" بهترين مضمون آهي. "علم جي سوانح عمري" ڊاڪٽر پيار علي جتوئي صاحب جو مضمون بهتر ڄاڻ ڏيندڙ آهي. "جمهوريت لاءِ قرباني ڪنهن ڏني" محمد وارث جو مضمون سٺو آهي. ڀائو محمد وارث! هر دور ۾ قربانيون تہ عوام ئي ڏيندو آهي، ڏک جهلي ڀولي، ڪٿيو ڪائي فقير يا ڪڪڙ ڪورين جو نالو وڏيري جو وغيره. "آن لائين مهمان وٺ ارم" ۾ محترم تاج بلوچ صاحب جا هڪ لفظ سوال جا هڪ لفظ ۾ جواب ڏاڍا وڻيا. همسري جون ٽئي ڪهاڻيون بهترين آهن. انور شيخ جي ڪهاڻي "ٽي وي دانشور" سٺي ڪهاڻي آهي. مختصر ڪهاڻيون چارئي چڱيون آهن. عزيز قاسماڻي جي ڪهاڻي "ڪراچي شهر جو پٽ ئي ناهي" سٺي ڪهاڻي آهي. همسري جي شاعري سڀ سٺي آهي. آدرش امير جان جو نظم ۽ سيد سراج جو غزل وڻيا. شگفتہ شاهہ جي پينٽنگ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اعجاز منگي ۽ زاهده ابڙو جا سفر نامہ وڻيا.

***


## زاهد ابڙو/ميهڙ

نومبر 2018ع جو همسري مئگزين جي ايڊيٽوريل ۾ ذڪار ۽ ٿر ۾ وڌندڙ خودڪشيءَ جو رجحان بابت پڙهيم. جنهن ۾ پاڻي، بجلي، ڪاڌ خوراڪ ۽ زندگي جي تمام تر سهولتن کان ٿر جا پنتي پيل علائقا اڃان تائين محروم آهن. ٿر واسي قرض ۽ وياج ڪٽي پيٽ گذر ڪن ٿا. واپس نہ ڪري سگهڻ جي صورت ۾ خودڪشي ۾ اضافو ٿيو آهي. سڄي رسالي جي جان ايڊيٽوريل هو. "جمهوريت لاءِ قرباني ڪنهن ڏني" محمد وارث عباسي بهترين لکيو آهي. ميهڙ جي امڙ مريم ملاح جي درد ڪهاڻي پڙهي ڏک جي ڪيفيت طاري ٿي. دريا خان جهتيال بہ سٺو لکيو آهي. سليم چنا سوز هالائي جي پروفائل تي بهترين لکيو آهي. تاج بلوچ جو انٽرويو وٺ ارم، "مٽي" ڪتاب تي تبصرو، دردن ڍڪيو ويس، بي وسي مختصر ڪهاڻي، نيو يارڪ ۾ 9 ڏينهن جو ٽوئر حصو پهريون ۽ ٻيا سلسلا بهترين هئا. فرزانہ شاهين ۽ ٻين جي شاعري بہ سٺي هئي. ادي فرزانہ شاهين جو لکيل غزل "جيون پنهنجو سورج آهي" نومبر 2018ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿيندڙ "سورمي" مئگزين ۾ بہ شايع ٿيل آهي. جيئن آڪٽوبر 2018ع جي "همسري" مئگزين ۾ يوسف سنڌي جو آرٽيڪل "هڪ ايراني ماءُ جون يادگيريون" اڳارو 31 جولاءِ 2018ع جي "سوڀ" اخبار ۾ بہ شايع ٿيو هو. ڪراچي مان شايع ٿيندڙ ماهوار "لوڪ مئگزين" جي جولاءِ 2016ع واري پرچي ۾ ناصر بلوچ جو موڪليل پروفائل سنڌ جي سگهڙ استاد خير محمد "خاص" لنڊ جي عنوان سان ڇپيو هو ۽ وري ٻيهر همسفري مئگزين ۾ بہ شايع ٿيو. ڊاڪٽر پيار علي جتوئي جو آرٽيڪل "جهاز ۾ منهنجو پهريون سفر" همسري 2016ع جي شماري ۾ شايع ٿيو ۽ وري اهو ساڳيو آرٽيڪل 2017ع جي سلسليوار مئگزين آواز سنڌ حيدرآباد واري شماري ۾ بہ ڇپيو. جنهن جو صرف عنوان "پولينڊ ۾ ڏاڍي ٿي" مٽ هو. باقي آرٽيڪل ساڳيو ئي هو. سنڌ مان شايع ٿيندڙ سڀ مئگزين، ڊائجسٽ، اخبارون اداري جي نظرن مان تہ نٿا گذرن پر لکندڙن کي خيال ڪرڻ گهرجي تہ هو شايع ٿيل مواد ٻئي ڪنهن بہ ڊائجسٽ، رسالي يا اخبار ۾ نہ موڪلين. همسري مئگزين مون کي گهڻو انهيءَ ڪري پسند آهي جو هي ميگزين مهيني سر پڙهندڙن کي ٽائيم تي ملي ٿو. اڄ جي مهانگائي جي دور ۾ نج سنڌيءَ ۾ مئگزين ڪڍڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين شهرن مان شايع ٿيندڙن سنڌي رسالن ۾ لکيل تہ ماهوار هوندو آهي، پر ڇئن، پنجن مهينن ڪانپوءِ اچن ٿا. اميد آهي تہ همسري مئگزين اڳتي بہ پنهنجو سفر جاري رکندو.

# صحت سڌارن لاءِ عوامي ڳڻتي ۽ سماجي سطح تي اڳڀرائي

ڊاڪٽر اشوتاما

ويجهڙ واري عرصي ۾ عوامي حلقن پاران صحت شعبي جي ڪارڪردگي جي باري ۾ اٿاريل سوال ۽ ڳڻتي سماجي توڙي صحافتي فورمن تي بحث جو موضوع بڻيل رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هاڻي حڪومتي مشينري جي توجهه حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ علاماتي طور ڪجهه مثبت نتيجا سامهون اچڻ لڳا آهن. ان ڳڻتي جوڳي عمل جي دائري ۾ هڪ پاسي وڏن شهرن جون ٽيچنگ اسپتالون شامل آهن ته ٻئي پاسي پرائمري صحت سنڀال جي انهن ڏورانهن ڳوٺاڻن صحت مرڪزن يا رورل هيلٿ سينٽرن جي عوام لاءِ لاپائتي هجڻ جو جائزو ۽ جاچ پڙتال شامل آهي. ان گهڻ پاسائي سنجيده ڪوشش ۾ نه رڳو روزانو واپرائجندڙ کاڌ خوراڪ جا صحت تي پوندڙ اثرن، صاف پاڻي ۽ پبلڪ هيلٿ جي مختلف معاملن لاءِ حساسيت پيدا ٿي آهي، پر ساڳئي وقت دوائن، ليبارٽري چڪاسن، مختلف شعبن جي ماهر ڊاڪٽرن توڙي سهڪاري طبي عملي جي موجودگي ۽ ڪنهن به اتفاقي يا حادثاتي پيچيدگين ۾ زندگين بچائڻ جي بندوبستن خاص طور ايمبولينس ۽ ايمرجنسي فرسٽ ايڊ کي ڌيان ڏنو پيو وڃي. اهڙو اظهار ميڊيا ۾ ايندڙ خبرن ۾ واضح طور محسوس ٿيڻ لڳو آهي. حڪومتي ذميواراڻي رويي سبب صوبائي صحت جي وزارت، هيلٿ اسٽيبلشمينٽ جنهن ۾ ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ، ضلعي هيلٿ آفيسر شامل آهن. ساڳئي وقت هائر توڙي لوور جڊيشري جي جج صاحبان سان گڏ ڊويزنل ۽ ضلعي انتظامي بيورو ڪريسي ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر وقت بوقت صحت مرڪزن جو دورو ڪري مجموعي ڪارڪردگي کي ڏسڻ ۽ صورتحال جي بهتري لاءِ گهربل عملي قدم کڻڻ شروع ڪيا آهن. ان سڄي عمل جي نتيجي ۾ لاڳاپيل طبي عملو هاڻي هر وقت تيار رهڻ لڳو آهي ۽ ڪنهن به پڇاڻي کان ڀهرائين پنهنجي ذميوارين کي نڀائڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي ٿو. ان تبديلي جو هڪ ٻيو خوشگوار پاسو اهو پڻ سامهون آيو آهي جو هاڻي پبلڪ صحت سيڪٽر کي عوامي شراڪتي اداري بڻائڻ لاءِ باقائده قانون سازي ڪري سماجي تنظيمن کي انهن جو ڀاڱي ڀائيوار ڪيو ويو آهي. اهڙن معياري معاهدن کي سماجي تنظيمن جي سٺي ساک ۽ فني ڄاڻ سان مشروط ڪندي جاچ پڙتال جو ڪليل، واضح ۽ جوابدهي جو طريقو لاڳو ڪيو ويو آهي. ان تصور کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ مختلف صحت جي سماجي تنظيمن وانگر اينٽيگريٽيڊ هيلٿ سروسز پاڪستان يا آءِ ايڇ ايس پاران 2016 کان شروعات ڪئي وئي آهي. جنهن لاءِ هن تنظيم پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي 2010 ۾ پاس ٿيل ايڪٽ تحت سنڌ هيلٿ ڊپارٽمينٽ سان ڪيل هڪ معاهدو آهي. جنهن کي عملي جامو پارائيندي صوبي جي ڳوٺاڻن صحت مرڪزن، تعلقي ۽ سنڌ گورنمينٽ اسپتالن ۾ روزاني جي بنياد تي صحت سهولتن جي موجودگيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوڪل پرسن مقرر ڪيا ويا آهن. جڏهن ته اسپتال ۾ موجود انچارج ڊاڪٽر يا ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ان ڍانچي کان ڌار ۽ آزاداڻي طريقي سان پنهنجون طبي ذميواريون نڀائيندو رهندو. انهن صحت مرڪزن ۾ انتظامي توڙي طبي عملي جي نگهباني ۽ اڪلاءُ لاءِ ٽي ريجنل يونٽ حيدرآباد، شهيد بينظيرآباد ۽ لاڙڪاڻي جي 21 ضلعن تي ٻڌل آهن. انهن ضلعن لاءِ ضلعي مئنيجر، صوبي جي 111 تعلقي ۽ رورل هيلٿ مرڪزن جي نگهباني لاءِ مقرر ڪيل آهن. عام عوام کي مفت ۽ معياري صحت سهولتن لاءِ سرگرم ۽ تجربيڪار ان افرادي نگهباني سان گڏ جديد طور طريقن، نون هيلٿ ايڪيوپمينٽ، انٽرنيٽ ۽ جديد سافٽ ويئر جي استعمال ان سڄي عمل کي تيز ۽ وقتائتو بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جو لاڀ انهن علائقن ۾ رهندڙ سيني ماڻهن خاص طور عورتن ۽ ٻارن جي صحتمندي جي صورت ۾ ضرور نظر ايندو.





Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# منڇر جي ڪپ تي آباد مهاڻن جي دردن جي دانهن!


دريا خان جهتيال

سنڌ ڌرتي کي ڏاڍيءَ انيڪ نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي، هن واديءَ مهراڻ ۾ فطري ماحول جو عجيب لقاءُ، نظارو، مظهر پسي انسان دنگ رهجي وڃي ٿو. هتي هڪ طرف ٿر جو وارياسو خطو جيڪو فطري ماحولياتي نظام جو جيئرو جاڳندو نظارو آهي ته ٻئي طرف کيرٿر جبل جي ڪوهه سليمان جي ٽڪرين تي گورک جبل جهڙو ٺنڊو ۽ تفريحي ماڳ، ڪلاچيءَ جي ڪن واري مبارڪ ڳوٺ کان وٺي شڪور ڍنڍ تائين 350 کان 450 ڪلو ميٽرن جي سامونڊي پٽي ۽ ڪُرنگهي ڪريڪ کان ڪوري ڪريڪ تائين سنڌو درياهه جو انڊس ڊيلٽا ۽ درياهه سنڌ جو گجگوڙ ڪري عربي سمنڊ ۾ وڃي ميلاپ ڪرڻ، ڪشمور کان ڪيٽي بندر، ڪاڇي کان ڪارونجهر، ڪلاچي کان ڪمون شهيد تائين "جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون" جا نظارا پسي سگهجن ٿا. هنن درياهن جي ديس سنڌ ۾ 1209 ڍنڍون ۽ ڍورا سرڪاري طور تي رڪارڊ تي موجود آهن، پر ٻيا به ڪيترائي قدرتي مٺي ۽ کاري پاڻيءَ جا بيشمار آبشار، چشما، تل، ترايون، ڍنڍون، ڍورا، ڪاريون، ڇڇ، ڇاڙهون، لسن، ڪاما، ڇرون ۽ ڪَرَ آهن، جيڪي قدرت واري جي طرفان انسان ذات ۽ ٻين ساهوارن جي لاءِ هڪ اڻ ملهو تحفو آهن. اِهي پاڻيءَ ذخيرا انسانن توڙي حيوانن جي جياپي لاءِ تمام گهڻا اهميت وارا آهن، انهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ڏيهه ۽ پرڏيهه جا پکي، مڇي، جانور، وڻ، ٻوٽا، گاهه، وليون، آبي گاهه ۽ ٻي جهنگلي جيوت ۽ حيوان واڌ ويجهه ڪري ٿي ۽ انهن قدرتي پاڻي جي ذخيرن ۾ پلجي ٿي. هنن قدرتي پاڻي ذخيرن تي سنڌ ڌرتي جا اصلوڪا وارث مهاڻا جيڪي لکن جي تعداد ۾ آهن آهي هنن آبي ماڳن تي پنهجا پڪا اڏي ويٺل آهن ۽ ڪي پڪا ڇڏي هليا ويا آهن، جيڪي پنهنجي پڪڙن ۾ آباد آهن اهي مڇي ماري وڪڻي گذر سفر ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالين ٿا. انهيءَ کان علاوه مالوند ماروئڙا به مال جي گاهه چاري لاءِ هنن پاڻي ذخيرن تي ياڙين ٿا، سنڌ ۾ بدين، ٺٽو، سجاول، نوابشاهه، سانگهڙ، عمرڪوٽ، دادو، سکر، لاڙڪاڻو، قمبر شهداڪوٽ ۽ ڪشمور سميت ٻين ضلعن ۾ ڪيترين ئي بيشمار قدرتي ڍنڍون آهن، جن مان گهڻين ڍنڍن جي وجود کي خطرا اڏو آهن ۽ ڪيتريون ڍنڍون پنهنجو وجود وڃائي چڪيون آهن، جيڪي ڍنڍون هن وقت بچيون آهن انهن جي ڪپرن تي مهاڻا رهن ٿا، جنهن ۾ منڇر ڍنڍ به شامل آهي، منڇر ڍنڍ جو عروج هوندو هو، جيڪو هن وقت ناهي، جتي اڳ ۾ لکين ٽن مڇي مرندي هئي اتي هاڻي سوين مڻ مس ٿي مري. منڇر تي جيڪي هزارين مهاڻا پنهنجن پڪڙن ۾ رهندا هئا انهن مان ڪيترائي ٻين شهرن ڏانهن لڏي ويا آهن. منڇر تي آباد مهاڻن لاءِ ته هن وقت منڇر ايتري مڇي ته نٿي ڏئي سگهي پر حڪومتي بي ڌياني سبب منڇر تي آباد مهاڻا سخت تڪليفن کي مُنهن ڏئي رهيا آهن، انهن کي مڇي مارڻ کانسواءِ ڪو روزگار به ناهي، نه ڪا بنيادي سهولت مليل آهي. خاص طور تي صاف مٺي پاڻي جي مهاڻن ۽ پرپاسي جي ڳوٺاڻن کي سخت تڪليف آهي، منڇر ۽ پرپاسي جي ڳوٺن لاءِ مٺي پاڻي جا جيڪي آر او پلانٽ لڳايا ويا هئا انهن مان اڪثر خراب ٿي بند پيا آهن. ڪجهه مهينا اڳ سپريم ڪورٽ پاران جوڙيل پاڻي ڪميشن جي سربراهه آر او پلانٽ بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر ذميوارن ان حڪم کي ٿُڏي ڇڏيو.

اڄ اهڙي لاپرواهي جي ڪري ڪيترائي آر او پلانٽ بند پيل آهن جن تي لکين رپيا خرچ ٿيو هو. منڇر ۽ پرپاسي ۾ 39 آر او پلانٽ لڳل آهن جن مان 25 آر او پلانٽ مڪمل طور تي بند ٿي ويا آهن ۽ جيڪي هلندڙ آهن انهن جا به ڪوهه سُڪي ويا آهن جنهن سبب انهن جي هلڻ باوجود به آبادي کي پاڻي گهٽ ٿو ملي، لازمي آهي ته جتي 39 آر او پلانٽن جي ضرورت هجي اتي هلن رڳو 25 سو به گهٽ پاڻي ڏين ته آبادي کي ضرورت وارو پاڻي ڪيئن ملي سگهندو؟ آبادي وارن ڪيترن ڳوٺن ۾ آر او پلانٽ جو پاڻي نٿو پهچي، ڪيترن ئي آر او پلانٽن جي بند هجڻ جي ذميوارن کي ڪو اونو ڪونهي. منڇر ۽ پرپاسي ۾ آباد لڳ ڀڳ ڪيترن ئي ڳوٺن کي آر او پلانٽ مان ڪو لاڀ ناهي، ڇو جو آر او پلانٽ لڳل ته آهن پر اهي پاڻي لاءِ ناهن، رڳو مشينري آهي، جيڪي پلانٽ هلن ٿا اهي به ڇڻ آبادي لاءِ لايائتا ناهن. ملاحن، مهاڻن جو گذر سفر پهريان ته منڇر جي مڇي مان ٿيندو هو، تڏهن ايتريون تڪليفون نه هيون، پر اڄ مهاڻن کي هڪ ته غربت ورائي وئي آهي ۽ ٻيو وري مهاڻا بنيادي سهولتن کان محروم آهن. منڇر ڍنڍ ڪيترن ئي مهاڻن جو پيٽ پاليندڙ هئي، پر اڄ اها زهر ٻڻجي وئي آهي، ان جا مهاڻا مڇي لاءِ ته سڪن ٿا پر ٻين بنيادي سهولتن سميت مٺي پاڻي لاءِ به تڙپن ٿا. منڇر ۽ پرپاسي جا ڳوٺ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جا ووٽر آهن، پر انهن جي هيٺي حال جي وڏي وزير کي ڪا به پرواهه ناهي. ان ڳالهه تي ئي افسوس ٿئي ٿو ته تڪ جو چونڊيل ايم پي اي جيڪڏهن پنهنجي تڪ واسين جي سار نه لهندو ته ڇا ڪو ٻيو اچي انهن جي پريشاني ختم ڪندو؟ سيد مراد علي شاهه تڪ جو ايم پي اي به آهي ۽ سنڌ جو وڏو وزير به ته وري ساڳي جاءِ تي پ پ جو اهم اڳواڻ به. ان جي تڪ جا ماڻهو اڄ مٺي پاڻيءَ جي ڍُڪ لاءِ سخت پريشان آهن، انهن جو گذر سفر ته ڏکيو ٿي چڪو آهي پر انهن کي سرڪاري طور بنيادي سهولتون به نٿيون ملن.



سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس، پاڻي ڪميشن جي سربراهه ۽ سنڌ جي وڏي وزير کي اپيل آهي ته منڇر ۽ پرپاسي جي ڳوٺاڻن جي لاءِ روزگار جا اپاءُ ورتا وڃن، منڇر ڍنڍ کي آباد ڪيو وڃي ۽ مهاڻن کي پيئڻ جي مٺي پاڻي سميت سموريون بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن.



# ڏڪار ٻٽيل اڇڙو ٿر

**ڪوڙين ڪاياڻون ٽُنهنجيون، لِڪن لَڪَ هزارَ،**
**جئُ سڀ ڪنهن جئَ سين، دَرسن ڏارون ڏارَ،**
**پرِيَمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چئِي ڪيئن چوان.** (شاهه لطيف)

عبدالغني شر

هن وقت سڄو ٿر ڏڪار جي لپيٽ ۾ آيل آهي. بک، بدحالي، مفلسي ۽ بيماري جي ڪري معصوم ٻارڙن جون قيمتي جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. جهڙي طرح ٿر، ڪاڇو ۽ ڪوهستان منداڻتي مينهن جي نہ پوڻ ڪري ڏڪار وارين حالتن ڪي منهن ڏئي رهيا آهن اهڙي ريت اڇڙي ٿر تي بہ هيل ڏڪار واريون حالتون آهن.

هڪ سروي موجب اڇڙو ٿر ٻارهن تعلقن ۽ سترهن ڪائونسلن تي ٻڌل آهي. اڇڙو ٿر طبعي لحاظ کان ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ مرڪز واري پٽي ۽ ٻيو حصو ڊئين واري پٽن ۾ ورهايل آهي. اڇڙو ٿر ڪپري شهر جي ڪنڌي تي اڏيل نارا ڪئنال اورانگهڻ سان شروع ٿئي ٿو.

پهرين حصي ۾ ڪٽي مسلسل پٽن جو سلسلو آهي ۽ ڪٽي سڌن پٽن تي آباديون اچي وڃن ٿيون، ڪٽي سواءِ پٽن جي ڪجھ بہ ناهي اتي برساتون پوڻ ڪانپوءِ سواءِ مال جي چاري جي ٻيو ڪوبہ فصل نٿو ٿئي ۽ ڪٽي صرف ڊئيون آهن جنهن ۾ مٺي پاڻي جو مقدار وڏي تعداد ۾ موجود هوندو آهي. پاڻي جي سطح مٿي هئڻ ڪري اتي انساني آبادي وڏي تعداد ۾ رهي ٿي. ٿر جو هي وسيع علائقو هن وقت سخت ڏڪار واري حالت ۾ ورتل آهي!

وقتائتي ڏڪار وارين حالتن ڪي منهن ڏيندي اڇڙي ٿر جا رهواسي هن وقت تمام گهڻا پريشان حال آهن نہ مال جو چارو نہ پيئڻ جو پاڻي آهي، اتان جا ماڻهو جر جو کارو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن حڪومتي اعلان تہ ٿيا، پر اڃان تائين ڪوبہ عملي قدم نہ کنيو ويو آهي ۽ نہ وري ڪو اڇڙي ٿر واسين کي فوري رليف ملي سگهيو آهي. تنهنڪري روز مره جي زندگي گذارڻ جو اڪيلو ذريعو چوپايو مال ٻڪرن جي مٺ تي وڪڻي زندگي جي روز مره جون ضرورتون پوريون ڪري رهيا آهن. جيئن سڄي سنڌ خاص ڪري سنڌ جا ڳوٺ زندگي جي بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهن ائين اڇڙو ٿر بہ سيني زندگي جي بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهي. اسڪول آهن تہ استاد ڪونہ آهن ڪيترين ئي اسپتالون آهن تہ ڊاڪٽر غائب آهن نہ وري روڊ ٺهيل آهن خاص ڪري ويم گهر نہ هئڻ ڪري عورتون ويم دوران يا تہ مري ٿيون وڃن يا مختلف بيمارين جو شڪار ٿي وڃن ٿيون ۽ نانگن جا ڪکيل ماڻهو رستن تي پنهنجا پساهہ پورا ڪندا رهن ٿا.

بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ هن وقت ڏڪار واري حالت جي ڪري اتي زندگي جياپي جا گس ڳولهي رهي آهي اتان جا ماڻهو مختلف علائقن طرف لڏي وڃي رهيا آهن. اڇڙي ٿر جي نرم سفيد وارياسي پٽن تي هلندي غريبي بيوسي نراسائي ماڻهن جي چهرن مان صاف نظر ايندي. مٺي پاڻي لاءِ تڙپندي معصوم ٻچڙن جا اجارا چپ ۽ هڏائون پڃرو ٿي ويل چوپايو مال هن وقت ڪاري ڏڪار جو حقيقي منظر پيش ڪري رهيا آهن. اڙانگن پڃرن جا هيراڪ اتي جا ماڻهو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻ نٿا چاهين، پر لاچار ڪين زندگي بچائڻ لاءِ اتان لڏڻو ٿو پوي. اڇڙي ٿر ۾ برسات نہ پوڻ جي ڪري اتان جا هواسي وقت بوقت ڪيترين ئي تڪليفون ڀوڳيندا پيا اچن، پر پوءِ بہ همت ۽ حوصلي سان هو پنهنجي زندگي گذاري رهيا آهن نہ انتظاميہ نہ وري چونڊيل نمائندن جو سهڪار ساڻن گڏ آهي. ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمون اڇڙي ٿر جي غربت، پسماندگي، بيماري ۽ تعليم جي کوٽ حوالي سان ڪم ڪري رهيون آهن، پر عملي طرح اُهو سڀ اتي ۾ لوڻ برابر نظر اچي ٿو. اهي تنظيمون انهن ماڻهن لاءِ ڏنل امداد الائجي ڪٿي خرچ ڪن ٿيون جو سالن کان هلندڙ انهن جا پروجيڪٽ ٿر جي ماڻهن جي زندگي اڄ ڏينهن تائين تبديل نہ ڪري سگهيا آهن. هن ڏڪار وارين حالتن ۾ جتي انساني آبادي سخت متاثر ٿي آهي اتي ڪيترا مختلف قسمن جا ناياب نسل جا جانور جن ۾ هرڻ، ڦاڙهو ۽ ٻيا ڪيترائي جانور اڇڙي ٿر جي سونهن آهن اهي بہ سوڪهڙي جي ڪري پنهنجا پساهہ پورا ڪري رهيا آهن. اڇڙي ٿر ۾ گهمندي ڪيترين ئي خوبصورت ننڍيو ننڍيون ڍنڍون آهن انهن ڍنڍن مان پور چند ڍنڍ بلڪل انوکي ڍنڍ آهي. اڇڙي ٿر جي مختلف علائقن ۾ ڪيترائي درويش ابدي آرامي آهن. هن وقت وسوارن کي گهرجي تہ اتي جي لڏپلاڻ کي روڪي هنگامي بنيادن تي زندگي گذارڻ لاءِ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن لڏپلاڻ جي ڪري اتان جي ماڻهن جو مستقبل تباهي کان بچائي سگهجي. ٿر جي هن وسيع علائقي جي حالت کي تبديل ڪرڻ لاءِ وسوارن کي سنجيدگي سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.



ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

# مختلف مذهبي نظريا ۽ فڪر

ڊاڪٽر پيار علي جتوئي

انساني تاريخ تي گهري نظر ڊوڙائبي ته خبر پوندي، جيئن پوءِ تيئن انسان پنهنجي باري ۾ توڙي پنهنجي آسپاس موجود شين جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪندو رهيو آهي تيئن هو پنهنجي محدود ڄاڻ مطابق پنهنجي تخليق توڙي هن ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ مختلف خيال پيش ڪندو رهيو آهي ۽ مختلف نظريا ۽ فڪر جوڙيندو رهيو آهي. جيئن ته ڪائنات جي تخليق توڙي ماحولياتي ڦير گهير جي ڄاڻ اوائلي انسان کي نه هوندي هئي تنهنڪري خوف ۽ اڻ ڄاڻائي جي ڪري هر طاقتور شيءِ کان ڊڄندو هو ۽ ائين سمجهندو هو ته هن دنيا جو چرخو هلائڻ واري هستي شايد اها طاقتور شيءِ آهي. اهڙيءَ طرح مختلف طاقتور قوتن کي پنهنجو خدا سمجهڻ جي ڪري سماج ۾ گهڻ خدائن جو تصور وجود ۾ اچي ويو. انساني سماج ۾ خدا جي باري ۾ پيدا ٿيل مختلف تصور هيٺ ڏجن ٿا.



**پولي ٿيزم:**

انساني سماج ۾ خدا بابت پيدا ٿيل هي پهريون تصور سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ انسان پنهنجا مختلف قسمن جا خدا ناهي ڇڏيا هئا. هن تصور ۾ هڪ کان وڌيڪ خدا وجود ۾ هئا جن مان هرهڪ جي پنهنجي الڳ سڃاڻپ هئي. هن تصور کي اسان گهڻ خدائون تصور چئي سگهون ٿا. خدا بابت اهڙي تصور جو بنياد انساني لوهه واري دور يا ڪنجهي واري دور کان شروع ٿيل ڏسجي ٿو، جنهن ۾ لوهه ۽ ڪنجهي جا ٺهيل عاليشان بوتا ڏسي سگهجن ٿا. قديمي يوناني، لاطيني ۽ رومي مذهبن توڙي اوائلي چيني مذهبن ۾ گهڻ خدائن وارو تصور ڏٺو وڃي ٿو. هندستان ۾ هندو ڌرم ۾ به گهڻ خدائن واري بنياد تي ٻڌو ويو آهي. گهڻ خدائن واري تصور ۾ هر خدا هڪ ٻئي کان منفرد ۽ مختلف ٿئي ٿو ۽ انهن جا دنيا کي هلائڻ وارا ڪم به مختلف ٿين ٿا. ڪوئي خدا ٻئي جي ڪم ۾ مداخلت نه ڪري ٿو ۽ نه ئي ٻئي جي مٿان مسلط ٿئي ٿو. هر ديوتا کي سندس ڪم مطابق انهن جا نالا ۽ جنس منسوب ٿيل آهي. مثال طور: پيار ۽ محبت واري ديوتا کي ديوي يعني عورت طور سڏيو وڃي ٿو، ساڳيءَ طرح دولت واري ديوي کي به لڇمي سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ته طاقتور ديوتا جيڪو سزائون ۽ آفتون آڻيندو آهي انهن کي مرد ديوتا سڏيو ويو آهي. اهڙي طريقي سان ڪائنات کي خلقيندڙ هڪ خدا جو ڪم آهي جڏهن ته مارڻ وري ٻئي خدا کي سونپيل آهي. تنهنڪري ته سنڌيءَ ۾ به گهڻ خدائن واري طرز تي ٻڌل چوڻي آهي ته ”مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي.“ اهڙيءَ طرح موت کانپوءِ واري زندگي ڏيندڙ خدا الڳ آهي ۽ دنيا جو حڪومت هلائڻ لاءِ الڳ ۽ سج چنڊ توڙي آسمانن کي هلائڻ وارا الڳ الڳ خدا بيان ٿيل آهن.

**مونو ٿيزم:**

هي تصور خدائن جي باري ۾ جديد تصور سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ انسان جي سمجهه ۽ ساڃاهه جي اوسر ٿيندي ئي انسان خدا جي باري ۾ به پنهنجي راءِ تبديل ڪندو رهيو. جيئن ته اڳ ۾ خدا هڪ اهڙي شيءِ کي سمجهيو ويندو هو جيڪو جسم رکندو هو يا جنهن کي ڏسي يا هٿ لائي سگهبو

هو پر وقت گذرڻ سان گڏ اهڙي خدا جو اهڙو روپ پيش ڪيو ويو جيڪو صرف هڪڙو واحد هو، جنهن جي طابع سموري ڪائنات هجي ٿي ۽ جيڪو هر ڪم ڪار جي مٿان قادر هجي ٿو. اهڙو خدا جنهن کي نہ ڏسي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي هٿ لاهي سگهجي ٿو، تنهن هوندي بہ اهو خدا هر هنڌ حاضر ناظر ۽ هڪ ئي وقت ۾ هر هنڌ هجي ٿو. دنيا ۾ اهڙي خدا جو تصور پهريون پيرو حضرت ابراهيم عليہ السلام پيش ڪيو، جنهن جي بنياد تي دنيا جا ٽي وڏا مذهب يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام پيدا ٿيا. يهوديت واحد خدا جي شاخ جو سڀ کان اوائلي مذهب تصور ڪيو وڃي ٿو، جيڪو اڄ کان تقريبن 3500 سال اڳ وچ اوپر ۾ وجود ۾ آيو، جنهن جو باني حضرت موسيٰ عليہ السلام هو ۽ هن مذهب جو بنيادي ديني ڪتاب توريت آهي. يهودين جي نظريي تحت خدا هن قوم کي ساري امت مان چونڊي پيدا ڪيو آهي تہ جيئن هيءَ قوم دنيا ۾ ٻين قومن لاءِ اخلاق ۽ ڪردار جو اعليٰ نمونو پيش ڪري مثال قائم ڪري سگهي. هن مذهب جي نشاني ڇهن ڪنڊن وارو تارو آهي.

عيسائيت هڪڙي خدا واري تصور جو ٻيون وڏو مذهب سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جو باني حضرت عيسيٰ عليہ السلايم آهي، جيڪو اڄ کان 2000 سال اڳ رومن سلطنت ۾ پيدا ٿيو ۽ جنهن کي ڀرپور جواني ۾ ئي صرف 33 سالن جي عمر ۾ ئي عيسائين جي عقيدي مطابق صليب تي چاڙهي ڏاڍين اذيتن سان قتل ڪيو ويو. هن مذهب ۾ هڪ خدا جي تصور سان گڏ عيسائي ٽڪنبو (تثليث) آهي جنهن کي عيسائي مذهب جو بنيادي تصور سمجهيو وڃي ٿو. ان ٽڪنڊي جي مطابق اصل خدا واحد صرف هڪڙو ئي آهي. ان کان علاوه ٽي وڏيون هستيون آهن، جن مان هڪ پيءُ آهي تہ ٻيو پٽ آهي جڏهن تہ ٽيون وري پاڪ روح آهي، اهو پيءُ نہ ئي پٽ آهي ۽ نہ ئي اهو پاڪ روح آهي، اهو پٽ نہ ئي پيءُ آهي ۽ نہ ئي اهو پاڪ روح آهي ۽ اهو روح وري نہ ئي پيءُ آهي ۽ نہ ئي پٽ آهي، جڏهن تہ اهي ٽئي وري خود خدا بہ آهن، يعني اهو پيءُ بہ خدا آهي، پٽ بہ خدا آهي ۽ اهو پاڪ روح بہ خدا آهي. هن مذهب جي نشاني صليب آهي جنهن تي حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي چاڙهيو ويو هو. دين اسلام ابراهيمي مذهب واري زنجير جي آخري ڪڙي سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جو بنياد اڄ کان اٽڪل 1400 سال پهرين عربستان ۾ پيو. حضرت محمد صلي الله عليہ و آلهي وسلم نبين ۾ آخري نبي مڃيو وڃي ٿو. هن مذهب ۾ خدا جي وحدانيت، نبي پاڪ صلي الله عليہ و آلهي وسلم کي آخري نبي ڪري مڃڻ، ملائڪن تي ايمان، آسماني ڪتابن تي ايمان ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ ايمان جا خاص جزا سمجهيا وڃن ٿا.

**ديئزم:**

هي نظريو مذهب جي جديد نظرين مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ آخرڪار هڪڙي خدا کي هن ڪائنات جو تخليق ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو پر ان سان گڏ اهو بہ يقين سان سمجهيو وڃي ٿو تہ ان عظيم خدا هن ڪائنات کي تخليق ڪري، ان جا ڪجهہ نہ بدلجندڙ قائدا ۽ قانون جوڙي ڪائنات کي ڇڏي ڏنو آهي. هاڻي اهو خدا هن ڪائنات جي ڪنهن بہ عمل ۾ دخل نٿو ڪري. اها ڪائنات انهن ڏنل خاص قاعدن مطابق هلي رهي آهي. ان جي قاعدن کي ڪابہ طاقت ڀيجي نٿي سگهي. هن نظريي ۾ مذهب ۾ ٿيندڙ معجزن جي ڪابہ گنجائش ناهي ۽ نہ ئي ڪا قسمت يا نصيب جو عمل دخل آهي. هن فڪر ۾ اها بہ منع ٿيل آهي تہ ڪا ڄاڻ انساني رهنمائي لاءِ آسمانن مان اچي ٿي پر هنن جو پختو يقين آهي تہ انسان پنهنجي ذاتي تجربن، مشاهدن، سببن ۽ ان جي اثرن مان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ وسيلي ان خدا کي ڄاڻي سگهي ٿو.

**اٿيئزم:**

هي نظريو جديد انسان جو سائنسي ۽ منطقي نظريو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ اهو چيو وڃي ٿو تہ جيئن هر انسان جو بنيادي حق آهي تہ هو ڪيترن مذهبي نظرين مان ڪنهن بہ خدا کي مڃي ان جي پوڄا ڪري سگهي ٿو، تهڙيءَ طرح انسان جو اهو بہ حق آهي تہ هو هر خدائي نظريي کي رد ڪري هو اهڙي نظريي جي پيروي ڪري سگهي ٿو جنهن ۾ ڪنهن بہ خدا جو وجود نہ هجي. هن نظريي مطابق ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو مذهب ان رياست جو آئين ۽ قانون هجي ٿو جنهن ۾ هو رهندو هجي ٿو. جيئن مذهبي ماڻهن جو خيال آهي تہ انسان پنهنجي زندگي گذارڻ جا بهترين طور طريقا مذهب مان سکي ٿو پر هن نظريي وارن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اڄ جو انسان ذهني طور ڪافي بلند ۽ ڏاهو ٿي ويو آهي تنهنڪري اهڙي انسان کي مذهب مان اخلاق وٺڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي. تنهنڪري اهو انسان پاڻ پنهنجي لاءِ پنهنجين نين گهرجن ۽ ضرورتن مطابق نوان قاعدا ۽ قانون جوڙي ڪامياب ۽ خوش زندگي گذاري سگهي ٿو.



p03323993783@yahoo.com

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

# زراعت جي تباهي جا تعليمي عمل تي اثر

سرمد کوسو

اسان ان معاشري ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون، جنهن معاشري جي 60 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ واري اذيت ڀري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. رُڳو پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ به ويچاري انسان کي ڪِيترين ئي خواهشن ۽ حسرتن جي قرباني ڏيڻي ٿي پوي. اسان جي سنڌي سماج جي اڪثر آبادي اڄ به ڳوٺن ۾ رهي ٿي ۽ سندن گذر سفر جو وڏو ذريعو زراعت ۽ چوپايو مال آهي. اسان جا ڳوٺ پنهنجي فطري سونهن سان ته ڀرپور آهن، پر سنڌ حڪومت طرفان ڌيان نه ڏيڻ ڪري اسان جا ڳوٺ بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهن جن ۾ روڊ رستا، اسپتالون، اسڪول، بجلي، گئس ۽ ٻيون ضرورت جون شيون شامل آهن. هونئن ته هي سڀ مسئلا الڳ الڳ بحث طلب آهن ۽ انهن جي سڌاري لاءِ سوچجي ۽ عملي ڪم ڪجي، پر هن ليک ذريعي مان پنهنجي پڙهندڙن سان هيءَ ڳالهه بحث هيٺ آڻڻ ٿو چاهيان ته زراعت جي تباهي سان سنڌي سماج جي ٻهراڙي جي ٻار جي تعليم تي ڪهڙا اثر پيا آهن؟؟ ۽ انهن ناڪاري اثرن کي ڪيئن حل ڪجي؟؟ گذريل ڪجهه سالن کان پاڻي جي کوٽ ۽ غير منصفاڻي ورهاست جي ڪري سنڌ جي زراعت مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي آهي. ان ۾ به خاص طور تي لاڙ وارو علائقو پوئتي ۾ هئڻ ڪري هڪ ته زراعت لاءِ پاڻي نٿو ملي ۽ ٻئي پاسي سمنڊ روزانو سوين ايڪڙ زمين ڳڙڪائيندو اچي. ان سڄي صورتحال ۾ هڪ هاري جيڪو پنهنجي سموري ڪٽنب سميت ٻنيءَ ۾ ڏينهن رات محنت ڪري ان کي اپائي ٿو ۽ پنهنجو پيٽ ڪٽي پنهنجن ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهڻ لاءِ موڪلي ٿو، ان جي زندگي ڏاڍي ڏکي ٿي پئي آهي. پاڻي جي کوٽ کانسواءِ زرعي جنسن جا اگهه به گهٽ ڏنا وڃن ٿا. نتيجي ۾ فصل تي ڪيڙي، ڀاڻ، ٻج ۽ تيل جو خرچ به ويچاري هاري جي ڳچي ۾ پوي ٿو ۽ هو هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين قرض جي چڪي ۾ پيسجندو رهي ٿو. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان تعلق هئڻ ڪري، مان روز اهڙا ڪوڙ شاگرد ڏسندو آهيان، جيڪي اسڪول اچڻ ۾ به مجبور هوندا آهن. ڪين ڪا سواري به ناهي ملندي جو هو ڳوٺن مان سفر ڪري ويجهن شهرن ۾ اچي پڙهي سگهن. ڪافي شاگرد اسڪول مان غيرحاضر رهندا آهن. جڏهن سبب پڇندا آهيون ته پٽ اسڪول ڇو نٿا اچو ته چوندا سائين مون پنهنجي بابا سان مزدوري پئي ڪرائي يا وري لابارو پئي ڪيو يا وري ڦٽين ۽ ٽماٽن جي چونڊي پئي ڪئي وغيره وغيره. ان ڪري نه اچي سگهيس ۽ اجا ڪجهه ڏينهن ٻيا به نه اچي سگهندس. سچ پڇو ته سندن اهي لفظ ٻڌي جيءُ جهري پوندو آهي. اهي ٻار، جن جي هٿن ۾ سنا سنا ڪتاب، پينون ۽ ڪاپيون هجڻ گهرجن اهي معصوم هٿ پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ مزدوري ۾ مشغول آهن. تعليم هونئن ئي اسان جي عام ماڻهو جي ترجيح ۾ شامل ئي ناهي. ويتر زراعت جي تباهي ڪانپوءِ هاري چوي ٿو ته ٻار اسڪول موڪلڻ جيترا پئسا ناهن، سو ڇوڪريون ويهي گهر جو ڪم ڪار ڪن ۽ ڇوڪرا وڃي مزدوري ڪن. مزدوري ڪندا ته پنهنجو پيٽ پاري سگهندا ۽ پڙهندا ته نوڪري هونئن به نٿي ملي پڙهي ڇا ڪندا...!!!

تعليم ته شعور جو ۽ ٻري ڀلي ۾ فرق جو نالو آهي، پر طبقاتي سماج ۾ تعليم رڳو نوڪري حاصل ڪرڻ جو نالو آهي. اُن طبقاتي سماج ۾ ئي اميرن لاءِ تعليم ڌار آهي ۽ غريبن لاءِ ڌار آهي. سرندي وارا ماڻهو پنهنجي اولاد کي وڏن وڏن خانگي ادارن ۾ داخل ڪرائي ۽ ٽيوشنون پڙهائين ٿا ۽ اتي غريب جي ٻار کي صبح جو نيرن ۾ چانهه جو ڪوپ به نٿو ملي. پيرن ۾ پائڻ لاءِ بوٽ ته وڏي ڳالهه آهي، پر ڪا موچاري چپل به نٿي ملي. سياري جي سيءَ کان بچڻ لاءِ ڪا جرسي يا سوئيٽر به ناهي هوندو. اسڪول جي يونيفارم وٺڻ انهن ٻارن لاءِ وڏو خرچ آهي. غذائي کوٽ جي ڪري ڪافي شاگرد مختلف بيمارين جو شڪار ٿين ٿا ۽ هن وقت ڪيترائي ٻار آهن جيڪي سنڌ ۾ غذائي کوٽ جي ڪري ننڍي قد جو شڪار ٿي رهيا آهن. سندن قد نه وڌڻ جي ڪري اهي اڳتي هلي ڪوبه وڏي محنت ۽ مشقت وارو ڪم ڪرڻ جي قابل به نه رهندا. اهي ٻار پنهنجي تعليم جاري نٿا رکي سگهن. طبقاتي تعليمي نظام ڏسي ڪري اڪثر ٻار نفسياتي مونجهارن جو به شڪار ٿين ٿا ۽ احساس ڪمتري ۾ هليا وڃن ٿا. هن سماجي اڻبرابري ۽ ناانصافي جي ڪري ڪيترائي باصلاحيت ٻار هر سال تعليم کان محروم رهن ٿا ۽ جيڪي ادارن ۾ داخل ٿين ٿا، سي مناسب خرچ نه ملڻ ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي وڃي مال چارين ٿا يا وري مزدوري ڪن ٿا. زراعت جي موجوده تباهي عام ماڻهو کي پِنڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري غريب لاءِ اولاد کي اسڪول موڪلڻ ۽ سندس خرچ پڪو ڏيڻ ۽ ان جي حاضري کي يقيني بڻائڻ بهتر کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. هي اسان جي سماج جو هڪ تمام وڏو مسئلو آهي، جنهن جا گهڻا خوفناڪ اثر سامهون اچن پيا ۽ مستقبل ۾ به اجان وڌيڪ سامهون ايندا. ان جي حل لاءِ حڪومت کي عملي اپاءُ وٺڻ گهرجن ۽ سرندي وارين ڌرين کي به اسان جي هاري ۽ پورهيت طبقي سان گڏجي بيهڻ گهرجي، ان جي ڏکن ۾ ان جو ڀرجهلو ٿيڻ گهرجي ۽ ان سان ٿيندڙ ناانصافي تي آواز اٿارجي. باقي ڪم رڳو ڏيکاءُ، فوٽو سيشن ۽ سوشل ميڊيا جي واهه واهه تائين محدود نه هجي، پر عملي طور به نظر اچن ته ڀلو ٿيندو. اهو ڪرڻ سان سماج ۾ مثبت تبديلي جي روايت جنم وٺندي ۽ اسان جو مستقبل روشن ٿيندي نظر ايندو.





ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

# سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسنديت جي روايت

تحرير: ايڊووڪيٽ مسلم شميم

تخليق تخليقڪار جي شخصيت جو عڪس هوندي آهي. اها تخليق چاهي شاعري هجي، مصوري يا موسيقي. تخليق سان تخليقڪار جو رشتو آئيني ۽ آئيني ۾ عڪس وارو هوندو آهي. ان حساب سان ڪنهن به ٻوليءَ جي شاعري ڪي ان ڌرتي ۽ ان ڌرتي تي رهڻ واري آبادي، ان جي تاريخ، ان جي تهذيبي ورثي، تمدني اثاثي ۽ قدرن جو آئينه دار هجڻ گهرجي. سنڌي شاعريءَ جي ضمن ۾ ان تخليقي نظريي جي سچائي هڪ سچي قول جو درجو رکي ٿي. سنڌي شاعري پنهنجي سفر جي آغاز کان ئي سنڌ ڌرتيءَ جو آواز آهي ۽ اها سنڌ ڌرتيءَ جي خوشبوءِ ۾ ٻڌل آهي. سنڌي ثقافت جو رنگ ان جو رنگ آهي، سنڌي تهذيب جون خاصيتون، جماليات، اخلاقيات ۽ انسان دوستيءَ جا قدر سنڌي شاعريءَ جون جمالياتي وصفون آهن. موهن جي دڙي جي وادي سنڌ جي عظيم تهذيب جي 1922ع ۾ دريافت سنڌ جي عظيم تهذيب جي اهڃاڻن جو سونهري باب آهي. تهذيب جي باب ۾ اهو ٻڌائڻ اجايو نه هوندو ته هر قوم جي هڪ تهذيبي شخصيت هوندي آهي، ان شخصيت جا ڪيترائي انداز ٻين تهذيبن سان ملندا جلندا آهن، پر ڪجهه اهڙيون جدا خاصيتون هونديون آهن جيڪي هڪ قوم جي تهذيب کي ٻين تهذيبن کان الڳ ٿلڳ ۽ مٿيرو ڪري بيهارينديون آهن، هر قومي تهذيب پنهنجي انهيءَ جدا خاصيتن سان سڃاتي ويندي آهي. وادي سنڌ جي تهذيب پنهنجي عظمت ۽ قدامت ۾ ميسو پوٽاميه ۽ مصر جي تهذيب جي قطار ۾ بيٺل آهي ۽ ان جي هم عصر چورائڻ جي حقدار آهي. ميسو پوٽاميه جي تهذيب دجلا ۽ فرات جي ڪناري آباد انساني آبادي جي تهذيب آهي جڏهن ته مصر کي درياءِ نيل جو عطيو سڏيو وڃي ٿو. سنڌو ماٿري جي تهذيب سنڌو درياءِ جو تحفو آهي تهذيب ۽ انسان لازم ۽ ملزوم حقيقتون آهن، يعني انسان کان بنا تهذيب جو وجود ممڪن ناهي ۽ نه ئي تهذيب بنا انسان، انسان چورائڻ جو حقدار هوندو آهي. تهذيب انسان جي خاصيتن تي ٻڌل انفراديت آهي اها ئي انفراديت ان کي ٻين جانورن جي خاصيتن کان مٿيرو ڪري بيهاري ٿي. جئي سگهجي ٿو ته ان ۾ ڪجهه اهڙيون خاصيتون موجود آهن جيڪي ٻين جانورن ۾ نه هيون ۽ نه ٿي سگهن ٿيون ۽ انهن خصوصيتن جي ڪري انسان تهذيبي تخليق ڪري سگهيو، ان تهذيب کي جنم ڏنو ۽ اڳتي وڌايو. دنيا جي هر نئين ۽ پراڻي تهذيب جي تشڪيل چئن عنصرن تي ٻڌل آهي، (1) طبعي حالات (2) آلات ۽ اوزار (3) فڪر ۽ احساس جو نظام (4) سماجي قدر. ان ۾ اوپر اولهه يا ٿڌن ۽ گرم علائقن جو ڪوبه فرق نه آهي.

مٿين چئني تهذيبي عنصرن جي مختصر تجزياتي مطالعي سان سنڌي ادب جي گهاڙيٽي تي نظر وڌي وڃي ته هيءَ عظيم تهذيب انهن چئني عنصرن جي معيار تي پوري ٿي لٿي ۽ ان جو ارتقائي سفر ان جي صداقت جو ثبوت آهي. موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيب جنهن کي سنڌو ماٿري جي تهذيب سڏجي ٿو، تاريخ ۾ ڪنجهي (پتل) جي دور جو عروج هو. هيءَ تهذيب هماليه جبلن جي دامن کان ڪاٺياواڙ تائين، ڪوئيٽا کان راجپوتانه تائين پکڙيل هئي، اها دنيا جي سڀ کان وڏي تهذيبي وحدت هئي ڇو ته ان جو دائرو ان وقت جي مصري، سوميري ۽ ايراني تهذيبن کان ڪيترائي ڀيرا وسيع هو. اها تهذيب تقريبن هڪ هزار سال (1500-2500 ق. م) تائين شان ۽ مان سان زنده رهي. هيستائين ان جا 60 کان وڌيڪ آثار دريافت ٿي چڪا آهن جن مان ٻه وڏا شهر موهن جو دڙو ۽ هڙپا آهن ۽ ٻيون ننڍيون ننڍيون وستيون به شامل آهن جيڪي پوري سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پکڙيل هيون. موهن جو دڙو سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آباد هو ۽ هڙپا راوي درياءَ جي ڪناري تي آباد هو. (بقول سبطِ حسن) خيال اهو ڪيو ٿو وڃي ته اهي ٻئي شهر سنڌو ماٿريءَ جا گاديءَ جا هنڌ هئا موهن جو دڙو تجارتي بندرگاهه به هو جنهن جي آبادي هڪ لک جي ويجهو هئي. سنڌو ماٿري تهذيب جو شهري چهرو مصري ۽ سونيري تهذيبن کان وڌيڪ روشن هو. ان تهذيب جا اهڃاڻ کوٽائيءَ دوران مليا آهن انهن اهڃاڻن مان اها ڳالهه ظاهر آهي ته سنڌي تهذيب ۾ آرٽ کي نمايان جاءِ مليل هئي جنهن جو ثبوت پتل مان ٺهيل موهن جي دڙي مان ملڻ واري رقاصه جي مورتي آهي. ان تهذيب جي ٻي خاصيت اها سامهون آئي آهي ته ان جي کوٽائي مان ڪوبه هٿيار نه مليو آهي، جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سنڌي تهذيب ۾ جارحيت ۽ جنگ جوئي جا عنصر شامل نه هئا. سيد مظهر جميل جي چواڻي مطابق ته اها ڳالهه ڏاڍي عجيب آهي ته موهن جي دڙي مان سون، چاندي جا هار، مالائون، گلوبند، ڪڙا، جهومر، گل، سرميدانيون گهڻائي ۾ مليا آهن، پر هتان ڪوبه ويڙهه وارو اوزار يا جنگي سامان نه مليو آهي، جيڪو ان تهذيب جو امن پسند هئڻ جو دليل آهي.

سنڌي شاعري هن عظيم تهذيب جي امين ۽ ترجمان آهي جنهن جي مٽيءَ ۾ امن پسندي ڳوڻل آهي، جنهن ۾ انتها پسندي ۽ جنگ جوئي لاءِ ڪابه جاءِ نٿي ملي. امن پسندي ۽ رواداري ترقي پسنديت جون بنيادي وصفون آهن، جنهن مان انسانيت ۽ دوستي جا جهرڻا ڦٽن ٿا. سنڌي شاعريءَ جو هڪ وڏو وسيلو سنڌ جون لوڪ ڪهاڻيون ۽ داستان آهن انهن داستانن ۾ سسئي پنهون، عمر ماروي، مومل راڻو، سورٺ راءِ ڏياچ، ليليٰ چنيسر، سهڻي ميهار وغيره شامل آهن. انهن عشقيه داستانن کان علاوه رزميه موضوعن تي به ڪيترائي نظم زباني هڪ نسل کان ٻي نسل تائين پهچندا رهيا آهن. شاهه ڀٽائي جن داستانن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي سندس مقصد انهن قصن کي بيان ڪرڻ نه پر ان جي چونڊيل حصن کي معنوي علامتن طور بيان ڪرڻ آهي. شاهه ڀٽائي اردو يا فارسي طرز تي مثنوي نه لکي هئي، پر صرف

انهن چونڊيل واقعن کي پيش ڪيو آهي جيڪي ان جي مرڪزي خيال جي ضرورت آهن. قديم سنڌي شعري روايت ۾ ننڍين ننڍين واقعن کي بہ موضوع بڻايو ويو آهي ۽ انهن بابت شاعري عوام ۾ مشهور ٿي آهي، پر ان ورثي ۾ سڀ کان اهم ورثو صوفي فقيرن جي صوفياڻي شاعري جو آهي جيڪو خبر ناهي تہ ڪڏهن کان هڪ سيني کان ٻي سيني تائين منتقل ٿيندو پيو اچي ۽ هر دور ۾ ان ۾ اضافو بہ ٿيندو ٿو رهي. سنڌي شاعريءَ ۾ تصوف جو اهم ڪردار رهيو آهي ۽ ان جو رنگ ڍنگ ٻين ٻولين جي شعري مزاج کان بہ مختلف رهيو آهي.

سنڌي سماج ۽ سنڌي ثقافتي ورثي ۾ تصوف کي اهم مقام حاصل آهي. منهنجو خيال آهي تہ تصوف جو روح رواداري، صلح جوئي ۽ انسان سان محبت ڪرڻ آهي جيڪو ترقي پسنديت جو بنيادي جزو آهي. سنڌي قديم شاعراڻي روايت ۾ سڀ کان وسيع ۽ گهري روايت تصوف جي آهي، تصوف جي اثر هيٺ مختلف مذهبي عقيدن جي وچ ۾ پرامن ۽ دوستاڻو تعلق شروع کان ئي هن سماج جو حصو آهن. اسلام ۽ هندو مت جا اهڙا گڏيل خيال جن سان خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ سڌو سنئون لاڳاپو ڳنڍجي ٿو جنهن ۾ مذهبي ويڇن کان مٿيرو انساني عظمت جو احساس نمايان ٿئي ٿو، اهي عام ٿيڻ لڳا. سنڌ ۾ ٻارهين صدي عيسوي ۾ صوفياڻا خيال مقبول ٿيڻ لڳا ۽ آهستي آهستي مختلف صوفي مسلڪن جا سلسلا شروع ٿيندا ويا. هتي هن ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ سنڌي شاعريءَ ۾ تصوف جو عمل دخل مذهبي عقيدت طور نہ ٿيو هو، پر هڪ زندگيءَ جي طور طريقي جي فلسفي جي حيثيت سان شروع ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي صوفين اندر مذهبن لاءِ تنگ نظري جي بجاءِ انسان دوستي ۽ محبت بنا ڪنهن فرق جي ملي ٿي. سنڌ جي صوفين نہ رڳو مذهبي سختگيري جي خلاف پر سياسي ڏاڍ ۽ معاشي استحصال جي خلاف بہ عوامي رد عمل جي حوصلا افزائي ڪئي پر ڪمزور ۽ ڏتڙيل عوام ۾ زندگي جيئڻ جي لاءِ حوصلو ۽ برداشت پيدا ڪيو. سنڌ جا صوفي هجن يا هندو ڀڳت گهڻو ڪري بادشاهن جي درٻارن کان پري رهيا ۽ پاڻ کي مال ۽ دولت جي حرص کان پري رکيو. انهن عوام کي دنيا تياڳڻ جي تربيت نہ پر عوام کي خدا ترسي ۽ ٿوري تي راضي رهڻ جي تربيت ڏني. سنڌ ۾ رائج صوفياڻي خيالن ۾ انهن سيني مذهبن لاءِ گنجائش موجود آهي جيڪي بنيادي طور وحدانيت تي يقين رکن ٿا ان ڪري هندو مت ۽ سک مت جي تعليم ۽ اخلاقيات بہ صوفين لاءِ قبول ڪرڻ جوڳي هئي. پنهنجي انهن خاصيتن ۽ روايتن جي پسمنظر ۾ سنڌي سماج بنيادي طور مذهبي ڪٽرپڻي کان پري رهيو انتها پسندي ۽ شدت پسندي کان اڻ واقف رهيو هڪ سيڪيولر سماج رهيو ۽ سيڪيولر ازم کي مان ترقي پسنديت جو روح سمجهان ٿو. سائين جي ايم سيد جي "بزم صوفيہ" سنڌ جي تحريڪ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي.

سائين سيد مظهر جميل جي مشهور ڪتاب جديد سنڌي ادب ۾ لکيو اٿس تہ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سومرن جي دور جو شاعري وارو احوال ۽ ان جي ڪلام جو نمونو نٿو ملي. ان حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا جا قول نقل ٿيل آهن تہ سومرا دور سنڌي ادب جو گهڻي اونداهي وارو دور هو. ڇو تہ ان دور جو ڪوبہ ذڪر جوڳو شعري مثال ۽ نمونو اڃان تائين نہ ملي سگهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي پهرين شاعر جو احوال چڱو تفصيل سان ملي ٿو ۽ جنهن جو ڪلام هن وقت گهڻي مقدار ۾ موجود آهي ان جو سهرو سنڌ جي مشهور هيرو ڄيٺ لال نڪر جي ڪوشش جو نتيجو آهي جيڪو هينئر هندستان ۾ آهي. قاضي قاضن سنڌي شاعري جي چوسر جو تعلق ارغون دور سان هو، قاضي قاضن جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ قاضي قادن لکيو آهي. سنڌي ٻولي جي ڪلاسيڪي روايت جو پهريون مڃيل شاعر آهي، سندس شاعريءَ تي بہ تصوف جو رنگ چڙهيل آهي پر دنياوي مسئلن ۽ زندگيءَ جي مختلف صورتن جي جهلڪ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ نهايت ئي اهم عهدي تي ويٺل هو ۽ سندس واسطو ان وقت جي سرڪاري درٻار سان رهيو پر هن پنهنجي شاعري کي ان فضا کان محفوظ رکيو ۽ عوامي جذبن ۽ احساسن جي اپٽار پنهنجي شاعري ۾ ڪئي. قاضي قادن عربي، فارسي جو توڙي عالم بہ هو پر ان جي شاعري ۾ تشبيهون، استعارا، علامتون ۽ ماحول خاص سنڌي سماج مان ورتل آهن ۽ ائين قاضي قادن شروع ۾ ئي سنڌي شاعري ۾ ڌرتيءَ سان رشتي کي مضبوط ڪيو.

شروع ۾ ئي چيو اٿم تہ ترقي پسنديت سنڌي شاعريءَ جي مٽيءَ ۾ ڳوندل آهي ڇو تہ تصوف جي اثر هيٺ انساني دوستي، رواداري، صلح جوئي ۽ محبت جا آفاقي قدر سنڌي تهذيب ۽ ثقافت، ادب ۽ شاعريءَ ۾ پيهي ويل آهن. ان ڪانسواءِ سنڌ ڌرتيءَ جي خوشبو سنڌي سماج جي پوري عڪاسي يعني سنڌيت جي ڀرپور ترجماني سنڌي شاعري ۾ پهرين ڏينهن کان خاص طور شامل رهيا آهن. منهنجي ويجهو ترقي پسنديت جو احساس زميني رشتي ڳنڍجڻ سان آهي ۽ اردو شاعري هڪ ڊگهي عرصي کان ان عنصر کان وانجهيل رهي آهي، ان جي فن جو دامن زمين جي رشتن ۽ زميني لاڳاپي واري فن کان بنهہ ڏور آهي. گنگا جمنا جي واديءَ ۾ پرورش حاصل ڪرڻ واري اردو شاعر (نظير اڪبر آباديءَ کان علاوه جنهن ۾ ڌرتيءَ جي مهڪار ملي ٿي)، هن جي شاعريءَ ۾ گنگا جمنا جي تهذيب ۽ ثقافت ۽ ان ڌرتيءَ جي Flora and Fauna (وڻن ٽڻن، جيتن جڻن) جو ذڪر گهڻو ملي ٿو. اهو منظور نامون ترقي پسند تحريڪ کان پهرين جو آهي. ترقي پسند تحريڪ اردو شاعريءَ جو رشتو ڌرتيءَ سان جوڙيو، هندستان جي آزاديءَ جي جنگ جي ترجمان بڻي، اردو نظمن ۾ انقلاب زنده باد جا نعره گونجڻ لڳا. هندستان جي ڳوناڻي زندگي اردو ادب ۾ پهريون ڀيرو ايري اڳيان آئي. اردو شاعري جي تشبيهن، استعارن ۽ علامتن مان ڪنهن جو بہ تعلق پري پري تائين ان ڌرتيءَ سان نہ هو جتي اها شاعري سرجي رهي هئي. خيالي عاشق ۽ معشوق ۽ حسن ۽ عشق جي خيالي قصن ۾ اردو شاعري ايتري حد تائين تہ ٻڏل هئي جو حقيقي عشق جو اظهار اڻهوند برابر هو. ان سڀي اڻهوند کي ترقي پسند تحريڪ اچي ختم ڪيو ۽ ان ۾ اهو رجحان پيدا ٿيو جيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي صدين کان موجود هو. اهو رجحان ۽ انداز اردو شاعريءَ ۾ ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان ملي ٿو.

ويهين صدي عالمي تاريخ ۾ اهم ترين صديءَ طور ليکي وينديءَ، ان صديءَ ۾ تاريخ جون تباهڪار جنگيون لڳيون. (پهرين جنگ عظيم 1914-1918ع ۽ ٻي جنگ عظيم 1934-1945ع) جنهن ۾ ڪروڙين ماڻهو اجل جو شڪار بڻيا. انساني معاشرو ڀيانڪ ۽ هولناڪ صورتحال جي ور چڙهيو. مصيبتن ۽ تباهين جي اهڙي تاريخ لکي وئي جيڪا انسان ذات پهرين نہ ڀوڳي هئي. 1945ع ۾ انساني آباديءَ تي هيرو شيما ۽ ناگا ساڪيءَ مٿان ايٽم بم ڪرائي اسلحي جو بد ترين تجربو ڪيو ويو، جيڪو انساني ضمير مٿان هڪ داغ آهي ۽ اڄ بہ هڪ سواليہ نشان بڻيل آهي. اهو فخر جهڙو تمغو جمهوريت ۽ انساني حقن جي چئمپين رياست آمريڪا جي حصي ۾ آيو آهي. هن صديءَ جو هڪ ٻيو تابناڪ پاسو بہ اڀريو ۽ هن صدي جي شروعات ۾ سڀ کان وڏو انقلاب، آڪٽوبر انقلاب 1917ع روس ۾ برپا ٿيو. جنهن جا اثر سڄي دنيا تي نظر آيا ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪن کي ٽئين دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ٿي. ان ۾ سوويت يونين جو ڪردار تاريخ جو حصو بڻيو. ويهين صديءَ ۾ ٿيندڙ ايجادن ۽ دريافتن جتي دنيا کي گلوبل وليج ۾ تبديل ڪيو، اتي فڪر ۽ شعور، نظرين ۽ احساسن جي دنيا ۾ بہ انقلاب آيو. عالمي ادب ۾ ان جو ڀرپور اظهار ٿيو ۽ ادب تمام اعليٰ طريقي سان سرجڻ لڳو، خاص طور ناول جي صنف ۾ ان جو ڀرپور اظهار ڏسڻ ۾ آيو. هيءَ صدي صدين کان غلام رهندڙ ملڪن لاءِ آزاديءَ جو پيغام کڻي آئي ۽ زمين تي نو آبادياتي نظام جو خاتمو ٿيو. سنڌي ڪنب لاءِ هيءَ صدي آزاديءَ جي تحريڪ جي صدي رهي، جيڪا 1947ع ۾ ڪامياب ٿي. سنڌ لاءِ هيءَ صدي گهڻي اهم رهي، هن صديءَ ۾ سنڌ ۾ ڪيتريون ئي تحريڪون هليون جن جا اثر سنڌ جي سياسي، معاشرتي ۽ ثقافتي زندگيءَ تي پيا. ويهين صديءَ کان اڳ ۾ بہ سنڌ ڌرتيءَ تي هڪ اهڙي تحريڪ هلي هئي، جنهن جا اثر سنڌ جي تاريخ تي گهڻا ڳوڙها پيا هئا. اها هئي شاهہ عنايت شهيد جي هاري تحريڪ جيڪا ڪلهوڙن جي دور ۾ هلي هئي. شاهہ عنايت شهيد جي اها تحريڪ سنڌ ۾ صدين کان جاگيرداراڻي ۽ وڏيرڪي ظالماڻي نظام خلاف هڪ گڏيل آواز هو. سيد سبط حسن، شاهہ عنايت شهيد جي ڪارنامن ۽ زندگيءَ تي هڪ جامع مضمون لکيو آهي جنهن ۾ کيس سنڌ جو سوشلسٽ صوفي لکيو اٿس، سندس نعرو هو "جو کيڙي سو کائي" اهو نعرو مڪمل طور تي اشتراڪي نعرو هو. شاهہ عنايت جي تحريڪ جي گونج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت سچل سرمست جي ڪلام ۾ ٻڌجي ٿي. شاهہ ڀٽائي سائين حضرت شاهہ عنايت شهيد جي شهادت جي حوالي سان پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪيترين ئي جاين تي ڪيو آهي. شاهہ عنايت جي شهادت جي گونج ٻنهي مهان شاعرن جي ڪلام ۾ چٽي واضح نظر اچي ٿي، جيڪا وقتي نہ هئي، جيڪا منتقل ٿيندي ويهين صديءَ تائين پهتي آهي ۽ جديد سنڌي ادب ۾ جيڪي لهرون اڀريون انهن جي ابتدا شاهہ عنايت جي تحريڪ سان ٿي. ڀٽائيءَ وٽ جيڪو احتجاج ۽ مزاحمت نظر اچي ٿي، شاهہ سائين کان متاثر ٿيندڙ نسل ان کان ڪيئن ٿا وانجهيل رهي سگهن. ڀٽائي سرڪار جي شاعريءَ ۾ ڪلهوڙن جي دور جو ظالماڻو معاشي نظام پنهنجن سيني تباهڪارين سان هلندو ٿي رهيو ۽ ڏاڍ جو راڄ هو جنهن جو اظهار شاهہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ٺُڙ شاعراڻي انداز ۾ استعارن ۽ علامتن ذريعي ڀرپور نموني ڪيو آهي. شاهہ پنهنجي لافاني لوڪ داستان جي ڪردار "مارويءَ" جي حوالي سان هڪ طرف ڌرتيءَ سان محبت جا اعليٰ قدر پيش ڪيا آهن تہ ٻئي پاسي مارويءَ کي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف هڪ مزاحمتي ڪردار طور پيش ڪيو اٿس. اهي ئي ترقي پسند روايتن جا اعليٰ مثال آهن. هيءَ روايت پنهنجي پنهنجي دور ۾ اڳتي وڌي آهي. سچل وٽ وري اها روايت بدليل رنگ ۽ ڍنگ ۾ ملي ٿي ۽ اڳيان وڌي ٿي. شاهہ ڀٽائي جي صدي يعني ارڙهين صدي جي روايت اوڻهين صديءَ جي اوائل ۾ سچل سائين جي وسيلي اڳيان آئي ۽ پنهنجا اڻ مٽ نقش ڇڏيا. هتي جين راءِ ساميءَ جو نالو بہ معنيٰ سان ڀرپور آهي ۽ هڪ وڏو حوالو آهي. اوڻهين صديءَ جي ٽن ڀاڱن واري دور کان نظر هٽائيندي، حضرت سچل سرمست کانپوءِ واري دور ۾ جيڪو لڳ ڀڳ هڪ صديءَ تي ٻڌل آهي، سنڌي ادب ۾ شاعري هڪ مانار واري ڪيفيت سان همڪنار آهي، پر ساڳئي وقت برطانوي نو آبادياتي حڪومت جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ تمام گهڻو اهم ڪم ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جا قاعدا ۽ ضابطا، ٻوليءَ جي الفا بيٽ ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف کي ڏوري لهڻ اهو سڀ ڪم ان دور ۾ ئي ٿيو، ان کي 1843ع واري انگريزن جي دور جو تحفو Blessing in disguise بہ چئي سگهجي ٿو. سڄي سنڌي ڪنب ۾ برطانوي راڄ هڪ نئون دور شروع ڪيو. هندستان ۾ ان دور ۾ پريسون، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون قائم ٿيون.




ماڻهن کي قانون جو تصور مليو ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جو هڪ خاڪو جڙيو، آمد و رفت جو نظام جڙيو، خاص طور تي اسڪولن جو ڄار سڄي ملڪ ۾ هڪ ڪنب کان ٻي ڪنب تائين پکيڙيو ويو. مغلن جي دور ۾ اهو سڀ ڪجهه نہ ٿي مليو، پر ڪجهه خوش فهميءَ جو شڪار ماڻهو ان دور کي بہ سونهري دور ڪري ليکين ٿا. انگريزن جي دور کان اڳ ۾ ڏسجي تہ ان سڄي پسمنظر ۾ سنڌ جي صورتحال ڪهڙي هئي، عوام کي فلاح ڏيڻ لاءِ ڪهڙي حڪمت عملي هئي. قانون جنهن جي غير موجوگيءَ ۾ انساني حقن جو تصور بي معنيٰ هو، سماجي ۽ حڪومتي ڍانچي ۾ قانون نالي تصور ڪمزور هو سماج ۾ قانوني تحفظ نہ هئڻ برابر هو. ڪجهه قومپرست دانشور انهن تاريخي حقيقتن جي هوندي

سوندي ڪلهوڙن جي دور کي اڄ به ياد ڪن ٿا ۽ ٽالپرن جي دور جي خاتمي کي سنڌ جي غلامي تصور ڪن ٿا. منهنجي نظر ۾ مٿيان ٻئي دور انڌاهيءَ وارا دور هئا، انهن کان ڇوٽڪاري ڏيارڻ واري برطانوي راڄ لاءِ مون وٽ چڱن لفظن ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. جيڪڏهن برطانوي راڄ نندي ڪنڊ ۾ نه اچي ها ته سڄو ننڍو کنڊ اڄ افغانستان وانگر اونداهيءَ جي ور چڙهيل هجي ها. افغانستان جهڙي حڪومت ۽ طالبان جي ور چڙهيل هجي ها، اوڻهين صديءَ ۾ سنڌ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي ۽ ويهين صديءَ ۾ ايندڙ نواڻ لاءِ بنياد پيا.

ويهين صدي سنڌ لاءِ به نواڻ ۽ تحريڪن جي صدي هئي. عالمي سطح تي جيڪي تبديليون آيون سنڌي سماج انهن کان بي خبر ۽ ڌار نه هو. 1912ع ۾ بلقان جي جنگ هندستان جي مسلمانن جو ترڪيءَ جي حمايت جو اظهار ڪيو جيڪو هڪ تحريڪ جي صورت ۾ ٿي رهيو هو. 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس قائم ٿي ۽ ان پليٽ فارم تان آزاديءَ جي تحريڪ نون نون واقعن ۽ مرحلن مان گذري رهي هئي. ان ڪانپوءِ مسلمانن جي سياست جي شروعات ٿي ۽ 1906ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ قائم ٿي. ٻنهي پارٽين جا پنهنجا پنهنجا سياسي رويا ۽ پروگرام عوام آڏو اچي رهيا هئا. 1914ع ۾ پهرين جنگ عظيم جو آغاز ٿيو جيڪو 1918ع ۾ وڃي ختم ٿيو. ان جنگ ۾ لکين هندستاني سپاهين حصو ورتو. 1918ع ۾ امرتسر ۾ جڙيان والا باغ جو خوني واقعو هندستان جي سياست جو محور ۽ مرڪز بڻيو. خلافت تحريڪ پوري هندستان ۾ شروع ٿي ۽ سنڌ به ان تحريڪ جو مرڪز بڻي ۽ ان ڪانسواءِ هتي هجرت تحريڪ به هلائي وئي، جنهن ۾ هزارين سنڌي پنهنجو گهر ٻار ڇڏي هجرت ڪري وڃي افغانستان ۾ تڪليفون سٺيون. ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ڪانپوءِ سنڌ کي ممبئي کان ڌار ڪرڻ جي تحريڪ زور ورتو جيڪو 1935ع ۾ ممبئي جي سنڌ کان ڌار ٿيڻ تي پورو ٿيو. اها تحريڪ ڪاٻي ڌر جي سياست لاءِ هڪ وڏو پليٽ فارم ثابت ٿي. طبقاتي شعور تي ٻڌل هن تحريڪ هاري طبقي جي مفادن ۽ بي زمين هارين جي حقن لاءِ تاريخ ساز جدوجهد وارو تاريخي ڪردار ادا ڪيو. ان تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جون خدمتون ۽ قربانيون تاريخ جو اڻ وسرندڙ باب آهن. هو هڪ مفڪر، شاعر ۽ دانشور هو ۽ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو تمام گهڻو رهيو آهي. سنڌ جا هندو ۽ مسلمان رهنما هڪ ئي وقت سياسي اپ تي اپريا، جيئن جيئن آزاديءَ جي تحريڪ اڳتي وڌندي وئي سنڌ جي مختلف طبقن سان لاڳاپيل ماڻهو ان ۾ شامل ٿيندا ويا ۽ ڪردار نڀائيندا ويا. چاليهين واري ڏهاڪي جي شروع ۾ ئي سنڌ ۾ شاگردن جي هڪ منظم تحريڪ، آزاديءَ جي تحريڪ جو حصو بڻي. جنهن جي

سرواڻي سوڀي گيان چنداڻي پئي ڪئي. 1936ع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي ڪل هند ڪانفرنس لکنئو ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي ليکڪن شرڪت ڪئي ۽ پاڻ سان گڏ ان ڪانفرنس جا فيصلا ۽ منشور به ساڻ آندا ۽ پوءِ سنڌ ۾ به ان جو پايو وڌيو ويو. گوبند مالهي ۽ سوڀو گيانچنداڻي ان عمل ۾ اڳڀيان هئا. ڪراچي جي ڊي جي ڪاليج ۾ ادبي سرگرميون شروع ٿيون. سنڌي ادبي سرڪل جا باضابطه اجلاس ٿيڻ لڳا جن ۾ شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق ۽ سوڀي گيان چنداڻيءَ جهڙين شخصيتن جا نالا نمايان آهن. سنڌي ادب ۾ آزاديءَ جي حمايت ۾ ادب تخليق ٿيو جيڪو اڳتي هلي هڪ وڏي ادبي تحريڪ جو محرڪ بڻيو، يعني سنڌي ادبي سنگت لاءِ تنظيمي ۽ تخليقي راهون جوڙيون.

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ کي ڪيترن ئي صدمن کي ڀوڳڻو پيو، جنهن ۾ ڪراچي جو سنڌ کان ڌار ٿيڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان ٿيندڙ نا انصافي مٿيرا آهن.



ڪنهن به ٻوليءَ ۽ ان جي ادب ۾ اهو ئي هوندو آهي جيڪو ان جي سماج ۾ هوندو آهي. ڪاٻه ٻولي نه امير هوندي آهي نه غريب، غريب ۽ امير ته سماج هوندو آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جو ادب ان سماج جي تهذيبي ورثي جو امانتدار هوندو آهي. قديم يوناني ٻوليءَ ۾ ان دور جو ادب ان سماج جي فڪر ۽ فلسفي جو خزانو ٿو لڳي. ساڳي ريت دنيا جي هر ٻولي ۾ ان سماج جو تهذيبي ورثو ۽ ثقافتي اثاثو ٻوليءَ ۽ ادب جو ورثو ۽ اثاثو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي سماج جي تصوير ٿي جهلڪي. شاهه ڀٽائي جي شاعري سنڌ جي ارڙهين صديءَ جي زندگيءَ جو عڪس آهي. ان دور ۾ تصوف جو وڏو زور هو ۽ شاهه جي شاعريءَ ۾ تصوف انتها حد تائين موجود آهي ۽ ان ڪانسواءِ ان صديءَ جي معاشرتي زندگي خاص طرح عوامي زندگي سندس شاعريءَ جا موضوع آهن. ويهين صديءَ ۾ سنڌي سماج جن حالتن ۽ تحريڪن سان لهه وچڙ ۾ آيو، اهو ئي سنڌي ادب ۽ شعر جو موضوع ۽ اثاثو بڻيو.

ويهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ سنڌي ادبي تاريخ ۾ اجتماعيت جو عنصر جهلڪي ٿو. 1915ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ قادري خاندان جي هڪ بزرگ ”بزمِ مشاعره“ قائم ڪئي، اتان کان مشاعرن ۽ ادبي ويهڪن جي شروعات ٿي ۽ ”بزمِ شعراءِ سنڌ“ جي قيام لاءِ راهه جڙي. بزمِ شعراءِ سنڌ جي تنظيمي تحريڪ سان گڏ تخليقي شعبي ۾ نون روين ۽ رجحانن جو اظهار ٿيو، سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعري جو اثر چٽو رهيو، عروضي شاعري کي قبوليت ڏيارڻ جي اجتماعي سرگرمي عام رهي. فارسي ٻوليءَ جا لفظ عام استعمال ٿيڻ لڳا، سنڌي لفاظيات (Diction) جيڪو شاهه ڀٽائي جي ڪلاسيڪي روايت جي خصوصيت آهي، ان جي

جاءِ تي فارسي لفظ عام استعمال ٿيڻ لڳا. اهو رويو ان دور جو سنڌي شاعريءَ جي ان روايت کان بنهہ ابتڙ هو جنهن جي روايت شاهہ ڀٽائي ۽ ان کانپوءِ ٻين شاعرن وڌي، منهنجي ويجهو اهو ئي ترقي پسنديت جو رويو آهي. اهي لفظ هن ڌرتيءَ جي ٻوليءَ مان ورتل هئا جن ۾ نج ڌرتيءَ جي مهڪ هئي، چوٽيون ۽ پهاڪا، علامتون ۽ استعارا سڀ ڌرتيءَ سان جڙيل هئا. انهن کي نظر انداز ڪري اردو شاعريءَ وانگر پرڏيهي فضا ۽ ماحول جوڙڻ جي ڪوشش پئي ٿي. اهڙو رويو سنڌي شاعريءَ جي مزاج کان بنهہ ڌار هو ۽ گهڻو وقت هلي نہ سگهيو ۽ مختصر عرصي ۾ پاڻ ئي ختم ٿي ويو. شاهہ سائين جي روايتي ڊڪشن ئي پنهنجي ڌاڪ ڄمائي. ان سڄي سلسلي ۾ شيخ اياز جي تخليقي ۽ توانائي سان ڀرپور اظهار جي صلاحيتن فيصلو ڪندڙ ڪردار ادا ڪيو.

شيخ اياز کانسواءِ ان دور جي ٻين ڪيترن ئي ناميارن ۽ تخليقي صلاحيتن وارن شاعرن، سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي قدرن سان ڳنڍي ڇڏيو. انهن پنهنجي تخليق ۾ قديم سنڌي ٻوليءَ جي حرمت جو مڪمل لحاظ ڪيو، انهن سنڌي لوڪ ورثي جي ڪردارن، هتان جي مندن، ڌرتيءَ جي خوشبو، سج چنڊ ۽ تارن ڪتين، ڌرتيءَ جي گلن ٻوٽن ۽ فصلن، سماج جي ڏکن ۽ سکن کي پنهنجي احساسن ۾ پوئي ڇڏيو، ائين انهن پنهنجي اڳوٽين روايتن جي قدرن کي چار چنڊ هڻي ڇڏيا. ائين سنڌي ثقافت کي وجائڻ بنا ارتقا جي سفر کي اڳتي وڌايو. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي روايت جي اهڙيءَ ريت پاسداري ڪئي وئي جو سنڌيت ۽ سنڌ جو روح نئين دور جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي. سنڌي شاعري هاڻوڪي وقت جي ۽ وقت جي ضمير جي آواز جي جمالياتي روايتن کي بہ قائم رکيو آهي، اها ئي روايت سنڌي شاعري ۾ ترقي پسنديت جي ارتقا آهي.

ويهين صدي منهنجي ويجهو سنڌي شعر ۾ ادب لاءِ نواڻ جي صدي آهي. هن ۾ نيون صنفون شامل ٿيون. هن نئين دور جو اهم ڪردار مرزا قليچ بيگ (1855-1939ع) هو. مرزا قليچ بيگ جي سنڌي ادب ۾ ساڳي حيثيت آهي جيڪا الطاف حسين حاليءَ جي اردوادب ۾ آهي. هن سنڌيءَ ۾ نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا. هن سنڌي نثر کي اڊائي کان ٽي سئو تائين ڪتاب ڏنا ۽ شاعريءَ جا بہ اٺ مجموعا ڏنا. مرزا صاحب جو وڏو ڪارنامو اهو هو تہ هن سنڌي ادب کي عالمي ادب جا شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪري ڏنا.

ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسنديت جي حوالي سان هڪ وڏي ٻرانگهہ ڀرڻ جو احساس ٿئي ٿو. 1930ع ۾ ٻہ شعري مجموعا سنڌي شاعري ۾ شامل ٿيا هڪ هو ڪشن چند بيوس جو شعري مجموعو ”شيرين شعر“ ۽ ٻيو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جو شعري مجموعو ”تحفهءِ سنڌ“ ڪشن چند بيوس کي ترقي پسند دبستان جو باني چيو ٿو وڃي بلڪ اهو ڪشن چند بيوس اسڪول آف پوئٽري جي نالي سان بہ سڏيو ٿو وڃي. اردو ادب ۾ ان دور ۾ اهڙا نالا اڀيان آيا جن 1936ع ۾ شروع ٿيڻ واري ترقي پسند تحريڪ جي فضا کي سازگار بڻايو، انهن ۾ پروفيسر مجنون گورکپوري ۽ ڊاڪٽر اختر حسين

راءِ پوري خاص ذڪر جوڳا آهن. سجاد ظهير ”انگاري“ جي عنوان سان افسانن جو مجموعو ڏيئي ترقي پسند ادب ۾ نئون جهنڊو کوڙيو. مجاز لکنوي ۽ جوش مليح آبادي جي نظمن کي نئين سفر جي شروعات ليکيو وڃي ٿو. سنڌي شاعري ۾ ترقي پسنديت جي روايت هڪ نئين رنگ ڍنگ ۾ نظر آئي. تخليقي سطح تي سنڌي شاعريءَ ۾ مختلف تحريڪون ۽ عوامل اثر انداز ٿيا ۽ هڪ نئين دور جو آغاز ٿيو. 1942ع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي شاخ سنڌ ۾ قائم ٿي، جنهن جو پهريون جنرل سيڪريٽري گوبند مالي هو. ان انجمن ستت ئي سنڌي ادبي سنگت جو روپ اختيار ڪري ورتو ۽ سنڌي شاعري ۾ انقلابي گونج ڪڏهن شيخ اياز جي نظمن ۾ ٻڌڻ ۾ آئي تہ ڪڏهن شيخ عبدالرزاق جي شاعري ۾.

سنڌي افسانو پنهنجي شروعات کان ئي ترقي پسند روايت ڪڻي هليو آهي. سوڀو گيان چنداڻي، ڊاڪٽر اياز قادري ۽ جمال ابڙو انهن ٽنهي باني افسانہ نگارن جا افسانہ ترقي پسند معيارن تي پورا لهن ٿا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ تي جيڪو بہ وهيو واپريو سو سنڌي شاعرن جي جذبن ۽ احساسن جو حصو بڻيو تہ وري ڪڏهن احتجاج ۽ مزاحمت جو نعرو بڻيو. ون يونٽ خلاف هلندڙ سنڌي ادبي سنگت جي تاريخي ڪردار کان سڀ واقف آهن. ان دور ۾ هر شاعر جي تخليق ۾ احتجاج ۽ مزاحمت جو رنگ نمايان هو.

شيخ اياز تہ شاهہ ڀٽائيءَ کانپوءِ وڏي قد ڪاٺ جو شاعر بڻجي اڀريو. شيخ اياز جي ان دور جي سنڌي شاعري کي بين الاقوامي شاعريءَ جو درجو مليو. سندس ان دور جي شاعري ۾ سنڌ جي روح ۽ سنڌيت جي ترجماني سان گڏوگڏ عالمي ضمير جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پاڪستان ۽ هندستان جي جنگ جي خلاف، امن جي حق ۾ سندس تخليقي اظهار سگهارو آواز هو، جنهن جو اندازو ايوان اقتدار جي رد عمل سان لڳائي پئي سگهجو، جنهن جي بدلي اياز کي قيد جون صعوبتون ڀوڳڻيون پيون. ان نظم جو اهو بہ ڪرشمو هو تہ نارائڻ شيام جو نالو مٿي اڀري آيو ۽ هو هڪ ستاري جيان جرڪڻ لڳو. شيخ اياز جي عهد ۽ ان کانپوءِ سنڌي شاعرن جي هڪ ڪهڪشان نظر اچي ٿي، جيڪي سڀ پنهنجي دور جا ترجمان آهن ۽ پنهنجي دور جي ڏاڍ ۽ ظلم خلاف آواز بلند ڪندا رهيا، جن ۾ عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، قمر شهباز، امداد حسيني، استاد بخاري ۽ فتاح ملڪ جهڙن ناميارن شاعرن جا نالا اچن ٿا. ان کانسواءِ انهن مٿين نالن سان گڏ انهن جي همعصرن جي نالن جي بہ هڪ وڏي لسٽ آهي جن ترقي پسند روايت کي سنڌي شاعريءَ ۾ نئين معنويت ۽ اهميت ڏني. نئين نسل جا ڪيترائي شاعر آهن جن جو تعلق ساڳئي قبيلي سان آهي. منهنجو موقف آهي تہ سنڌي شاعريءَ جي گٽيءَ ۾ ترقي پسنديت جي روايت شروع کان ئي پيل آهي ۽ سنڌي شاعري ترقي پسند روايت جي شروع کان ئي امانتدار آهي.



**نوٽ: (همسريءَ لاءِ لکيل هي آرٽيڪل اردو مان سنڌيءَ ۾ اداري طرفان ترجمو ڪيو ويو آهي.)**

# ”مُعارف“ سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان لُواري واري جو تصحيح، تحقيق، مقدمو ۽ تعليقات: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

## گل محمد عمراڻي

محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ مولانا جلال الدين رومي جي فڪري (Intellectual) اپياس تي پي. ايچ. ڊي ڪيل آهي. سنڌ ۾ تصوف جا اهم فڪري سرچشما ۽ ماخذ (Sources) سندس تحقيق ۽ تدوين جا موضوع سندس اوائلي تعليمي دور کان رهيا آهن. سندس علمي، فڪري، ادبي ڪارنامن جي فهرست چڱي طويل آهي جنهن ۾ ”بين العارفين“، منهاج المعرفت، جڳ مشهور مڪمل شرح ابيات سنڌي (شيخ عبدالرحيم گرهوڙي)، رسالہ فتحيہ (مخدوم فتح محمد)، احوال و آثار عبدالقادر بيدل (فارسي) ۽ شاھ جو رسالو (سمجهاڻي ۽ مفهوم سميت) عظيم تر مثنوي رومي جي روشني ۾ شامل آهن. ”مُعارف“ سلطان اولايا خواجہ محمد زمان لُواري جو ڪتاب، سنڌ ۾ تصور جي تاريخ ۾ هڪ اهم ماخذ جي حيثيت رکي ٿو جنهن کي ڊاڪٽر سومري صاحب واقعي وڏي محنت ترتيب، تصحيح (درست) ڪري ۽ تحقيق ڪري علمي مقدمو (Introduction) لکي، ان تي عميق حوالا ۽ سمجهاڻيون ڏنيون آهن. هيءُ ڪتاب ”مُعارف“ دراصل ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جي تحقيقي ڪاوش جي اها پيش رفت آهي جنهن تحت هو صاحب صوفي شاعرن جي ڪلام ڪانسواءِ نثري تصنيفات ذريعي بہ سلوڪ ۽ معرفت جي حقيقتن کي بيان ڪري رهيو آهي. پاڻ مهراڻ ٽماهيءَ ۾ سنڌ جا اهم فڪري ماخذ (Main Sources of Sufi Thought) پيش ڪري چڪو آهي جن ۾ مٿي آيل ڪتاب شمار ڪجن ٿا. ابوالحسن ڏاهري جو ٽن جلدن ۾ ڪتاب ”ينابع الاحيات الابديہ“ بہ هڪ اهم ماخذ آهي ۽ هيءُ موجوده ڪتاب ”مُعارف“ هڪ اساسي ڪلاسڪ Mystic صوفي تصنيف ”فتح الفضل“ تي مبني آهي جيڪو وري شيخ عبدالرحيم گرهوڙي جو ئي تصنيف ڪيل آهي. ڳالهہ کي هينئن سمجهائجي تہ ”فتح الفضل“ دراصل سلطان اولياءَ خواجہ محمد زمان لُواري واري جي ڪل 46 قولن ۽ چوٽين جو عربي مجموعو آهي. هيءُ گرهوڙي صاحب عربي ۾ لکيا ۽ انهن جي سمجهاڻي بہ عربي ۾ لکيائين. انهن مان 243 چوٽين کي لُواري درگاهہ جي ٻئي گادي نشين خواجہ گل محمد فارسي ۾ پاڻ ترجمو ڪيو. شروعاتي فارسي 243 چوٽين جو سنڌي ترجمو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ڪيو هو جيڪو 1982ع ۾ ڇپيو پر اهو اڌ ترجمو هو اصل ڪتاب ”فتح الفضل“ جو هيءُ ڪتاب المعارف ڊاڪٽر صاحب سنڌي ۾ مولانا حافظ محمد رمضان مهيري واري نسخي تان ڀيٽي پاڻ ان جي درستگي، تحقيق، علمي مقدمو ۽ تعليقات (حوالا ۽ حاشيہ) لکيا آهن جيڪي بذات خود هاڻ هڪڙيون جامع ادبي وٿون آهن ۽ فڪري خزانو آهن.



ڊاڪٽر عبدالغفار صاحب جو هيءُ ڪارنامو هڪ ڳوڙهو دقيق علمي ڪم آهي جنهن کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ بہ هڪ مخصوص مزاج ۽ رُجحان هجڻ لازم آهي. گرهوڙي صاحب جو هيءُ ڪتاب ”فتح الفضل“ سنڌ ۾ بقول محقق جي تصوف جي خالص علمي ۽ فڪري روايت بابت هڪ اهم تصنيف آهي ۽ اهو ان ڪري جو اهو ڪتاب گرهوڙي صاحب جي ٻي تصنيف ”شرح ابيات سنڌي“ جي تڪميل (Climax) آهي. ”شرح

ابيات سنڌي“، سلطان الاولياءَ جي چوراسي سنڌي بيتن جي عارفانہ شرح آهي تہ ”فتح الفضل“ ۾ وري سلطان الاولياءَ جي قولن ۽ چوٽين جن کي نقشبندي سلسلي جي اصطلاح ۾ ”ڪلمات قدسي“ چون ٿا، تن جي اعليٰ عارفاڻي تشريح ملي ٿي. اچو تہ انهن مان ڪجهہ ”ارشادات“ هتي پڙهي ڏسون جن جي تشريح ڊاڪٽر سومري صاحب وڏي اعليٰ معيار ۽ عميق علميت سان پيش ڪئي آهي. سلطان الاولياءَ فرمايو: نااهل کي رازن جي تعليم ڏيڻ ائين آهي جيئن ڪنهن ڏاڙيل جي هٿ ۾ تلوار ڏجي، پوءِ ڏاڙيل جنهن تي تلوار هلائيندو، ان جي دانهن ڪوڪ ڪي چا ڄاڻيندو؟ ها رازن جي تعليم انهي کي ڏجي، جنهن ۾ برداشت ڪرڻ ۽ مار کائڻ جو تحمل هجي. هڪ ٻئي ارشاد ۾ سلطان الاولياءَ فرمايو تہ شهر ٺٽي ۾ هڪڙو ظاهري علم جو عالم هو سو مخدوم شيخ ابوالقاسم مرحوم (نقشبندي صوفي بزرگ) جي فقيرن تي ٺٺول ۽ مسخري ڪندي چوندو هو تہ مراقبي ۾ ڪنڌ جهڪايو وينا آهن جو جڻ ڪنهن ڪنڌ پيچي ڇڏيو هجين. الله جي قدرت جو سُتت ئي دهليءَ جي بادشاهہ جو امير ٺٽي تي ڪاهي آيو ۽ انهي مولوي صاحب کي ڳچي ۾ ڳٽ وجهي، ڪنڌ هيٺ ڪرائي ڪيس بادشاهہ ڏانهن دهلي وٺي ويا حافظ شيرازي چيو آهي تہ:

ترسم اين قوم کہ بر دردِ کُشان مي خند نم

(آئون ڊڄان ٿو تہ ڏک سهندڙ ٽولي مٿان کلندڙن تي ڪا تڪليف نہ اچي).

ارشاد آهي سلوڪ جي واٽ تي سالڪ مٿان جيڪي احوال (تڪليفون) ايندا آهن، انهن احوالن جي ڪري سالڪ کي مايوس ٿيڻ نہ گهرجي ۽ نا اميدي ڪانپوءِ پهچڻ جي اميد حاصل ٿيندي آهي. سلطان الاولياءَ فرمايو تہ ڪي عارف موت جي تمنا ڪن ٿا، ان منجهان هڪڙو مولانا رومي بہ آهي جيڪو چئي ٿو (ترجمو) ”بدن ڪانسواءِ روح بيڪار آهي، جيئن پڃري ۾ پکي بيقرار آهي“ حضرت شيخ مُجدد الف ثاني (وحدت الشهودي هو ۽ ان ڪري مولانا رومي جي وحدت الوجود جي نفي ڪندو هو)، اهو چئي ٿو تہ مولانا رومي صاحب جي موت جي تمنا ڪرڻ سني نہ آهي، بلڪ ان تي اعتراض وارد ٿئي ٿو تہ جڏهن الله تعاليٰ حياتي ۾ راضي آهي تہ اها ڀلي آهي، جيڪڏهن رب تعاليٰ موت ۾ راضي آهي

تہ اهو ڀلو آهي. ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جو 93 صفحن وارو مقدمو هن صوفياڻي ڪتاب جي تفصيلي سمجهاڻي آهي جنهن ۾ تصوف جي تفصيلي تاريخ آهي. داستان بہ جيڪو هندستان ۽ سنڌ جي تناظر ۾ بيان ڪيل آهي. ان ضمن ۾ نقشبندي سلسلي جي هند ۾ آمد ۽ عروج جو احوال آهي ۽ ان ڪانپوءِ سنڌ ۾ مجدد الف ثاني جي اولاد جي تيرهين صدي جي آمد جي تاريخ اچي ٿي. ٻارهين صدي کان سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي جي آمد ۽ فروغ جي دستاويزي اپٽار بہ ڪيل آهي. سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان لُواري واري جي سوانح حيات علمي ادبي زاوين سان ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن بعد شيخ عبدالرحيم گرهوڙي جي زندگي جو احوال ۽ ان وقت جون سياسي حالتون بيان ٿيل آهن. بعد ازان شيخ محمد عابد سنڌي ۽ سندس تصنيف ”ڪلمات قدسيہ“ جو ذڪر اچي ٿو. فتح الفضل ۽ ڪلمات قدسيہ جو علمي ۽ فڪري جائزو بہ نهايت دلچسپ ۽ دقيق آهي جيڪو مقدمي جي جان ۽ روح آهي. آخر ۾ بُرهان فقير ۽ سندس فتح الفضل واري نسخي جو احوال آهي. علمي تحقيق معيار تي هيءُ ڪتاب انهيءَ ڪري بہ فائق آهي ڇاڪاڻ تہ هن ۾ فتح الفضل جو سليس سنڌي متن (text) ۽ ڪلمات قدسيہ جو سنڌي متن پهريون دفعو ڏنل آهي ۽ ان ڪانپوءِ بہ ضميمہ الف (الورد المحمدي) ۽ ب (تڪلمہ الورد محمدي)، گرهوڙي جا متن ۾ آيل فارسي شعر، صفحي 429 کان 517 تائين تشريحي حوالا، ڏسٽيون (Idices)، ڪتابيات (Bibliography)، فتح الفضل جو مڪمل عربي نقش (photo) ۽ ڪلمات قدسيہ جو مڪمل عربي نقش آهن. هي سنجيده ڪتاب عبدالرحيم گرهوڙي صاحب ۽ سندس روحاني رهبر ۽ مرشد سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان لُواري واري جو صوفياڻو تبرڪ ۽ ورثو آهي جنهن تي هن ماديت واري جديد دور ۾ ڊاڪٽر عبدالغفار ايڏي وڏي اورچائي ۽ ذهني پورهئي سان ريسرچ ڪري سنڌي سماجي ۽ علمي دنيا ۾ تصوف جي گلشن جي آبياري ڪئي آهي. ”معارف“، معرفت جي جمع آهي ۽ هي ادبي نسخو، مرده دلين ۾ اميد ۽ اقرار جي لاٽ ٻاريندو ۽ روحاني جوت جلائيندو.



## ناول_ قسط اٺاويهين

# رنگ گرھڻ

ضراب حيدر

ڪا مهل مان اسپتال جي ڪاريڊور ۾ بيٺو رهيس. فائزا کي اڃان هوش نہ آيو هو ۽ ساڻس ملڻ يا کيس ڏسڻ جي ڪنهن کي بہ اجازت نہ هئي. مان مسلسل فائزا متعلق سوچي رهيو هئس. هن جيڪو ڪجھ ڪيو، سو بنھ غير متوقع هو. مون کي اندازو ئي نہ هو ڪو فائزا، جيڪا هڪ شاندار ۽ شانائتي شخصيت جي مالڪ آهي، "سا ايڏو وڏو قدم کڻي سگهي ٿي. هوءَ ننڍڙي ڳالھ تي پنهنجو انت آڻڻ جو بہ سوچي سگهي ٿي؟"

مان ڪاريڊور ۾ بيٺو هئس مسلسل فائزا جي ردِ عمل تي سوچي رهيو هئس. مون کي اِهو خوف کائي رهيو هو تہ ڪٿي فائزا بہ سمرينا وانگي پنهنجي زندگي وڃائي نہ ويهي. ڇاڪاڻ جو مون کي اِهو اندازو چڱي طرح هو تہ عورت، جيڪا پنهنجي سمورين انتهائن ۽ سُپردگين سان ڪنهن کي چاهيندي آهي سا عورت فدا بہ ٿيڻ ڄاڻندي آهي. مون ڪڏهن ڪٿي پڙهيو هو تہ "مرد ڪنهن وڻ يا ٿُڙ مثل هوندو آهي، جيڪو طوفانن جي سختين ۾ پاڙن کان اُکڙي ويندو آهي ٿُني پوندو آهي. جڏهن تہ عورت ڪنهن ٽاريءَ مثل آهي، جيڪا طوفانن جي سختيءَ ۾ مُڙي تہ ويندي آهي، پر ٽُٽندي ڪونهي"، پر منهنجو پنهنجو خيال هو تہ "عورت اُها ٽاري، اُها ڏانڊي آهي، جنهن تي رڳو گلَ ۽ مُکڙيون ٽڙنديون آهن."

عورت، جيڪا صرف پيار جي ڏانڊيءَ مثل آهي سا محبت جي موٽ واري پاڻيءَ سان ئي سائي رهندي آهي. ٿوري بي ڌياني يا لاپرواهي کيس ٽوڙيندي رهندي آهي يا وري سُڪائي ڇڏيندي آهي. عورت جيڪا محبت ۾ سدائين ڦلُ ۽ خوشبوءِ ڏيندڙ رهي آهي سا موٽ ۾ صرف ڌيان ئي چاهيندي آهي. اُهو ڌيان، جيڪو سندس ذات کي زنده ۽ تازو رکي سگهي.

مرد، جيڪو محبت جي روپَ ۾ ٻيو گهڻو ڪجھ ماڻڻ چاهيندو آهي، اُن جاءِ تي عورت صرف سانڍيندي آهي اُن محبت کي، جيڪا سندس روحَ مان ڦُٽندي آهي. هوءَ فطري طور هڪ تخليقڪار آهي ۽ هڪ مها تخليقڪار وانگي سندس فطرت ۾ صرف تخليق ڪري ڇڏڻ ئي ناهي هوندو، پر اُن کي سانڍڻ ۽ سنڀالڻ بہ شامل هوندو آهي. عورت پنهنجي پيار کي ٻار جيان سانڍيندي ۽ سنڀاليندي آهي. عورت، جنهن پيار کي هڪ ننڍڙي احساس کان شروع ڪندي آهي، اُن جو انت ڪنهن بہ قسم جي جذبن جي پوراءُ تي، ختم ناهي ٿيندو، پر اڃان اڳاهون ٿيندو آهي، مطلب انت کان بہ انت تي ويندو آهي.

مان ڪاريڊور ۾ بيٺو هئس منهنجي ذهن ۾ پريشانيءَ سان گڏ ڪيئي خيال گهُمي رهيا هئا. رات جو اڌ حصو گذري چڪو هو، پر مان ڪاريڊور ۾ پريشان هڪ ڪُنڊ کان ٻي ڪُنڊ تائين مُسلسل هلي رهيو هئس. هڪ گهڙيءَ لاءِ ڪٿي ڪاريڊيور ۾ رکيل ڪُرسين تي ويٺس پئي، نہ تہ بس عجيب قِسم جي اُڻ ٽُڻ هئي. هڪڙي سُهڻي موچاري نرس اِن دوران مون کي ڪيترا ڀيرا چيو بہ هو تہ "مان آرام سان ڪُرسي تي ويهي رهان" پر اندر جي بيچيني مون کي ٽانيڪو ٿيڻ نٿي ڏنو.

مون کي فائزا سان گڏ سمرينا جون بہ ڪيئي ڳالهيون ياد پئجي رهيون هيون، مان جيئن جيئن سمرينا جو تصور ڪري رهيو هئس، تيئن تيئن مون کي خوف ۽ انديشا ورائيندا ٿي ويا. اسپتال ۾ اڌي رات ڪانپوءِ ماٺار ٿي وئي. بس ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ نرسون ڪاريڊور مان گذري رهيون هيون، جن ۾ هڪڙي سهڻي موچاري نرس بہ شامل هئي. اڌيءَ رات ڪانپوءِ ساڳي سهڻي موچاري نرس منهنجي ويجهو آئي ۽ مون کي چيائين:

"توهان آرام سان ڪرسيءَ تي ويهي رهو نہ! مون ڪيترا ڀيرا توهان کي چيو آهي جيئن ئي توهان جي پيشنٽ کي هوش آيو تہ توهان کي ٻڌائينداسين." مون ڏاڍي بي وسيءَ وچان نرس کي چيو هو:

"منهنجي هڪڙي ننڍڙي رڪئيسٽ آهي، جي مهرباني ڪندئو تہ توهان جو شڪرگذار رهندس."

"جي، جي ٻڌايو."

"مون کي صرف هڪ لمحي لاءِ پيشنٽ ڏسڻ ڏيو، بس رڳو دروازي وٽان ئي."

"نہ، هن وقت اِهو ممڪن ئي ڪونهي، بس دعا ڪريو تہ پيشنٽ رڳو خطري مان نڪري اچي، پوءِ بلڪل ايئن ٿي سگهندو." نرس جا جملا منهنجي مٿان ڪنهن بم جيان ٿِي ڪِريا.

"اف خدايا... فائزا کي ڪجھ ٿي ويو تہ مان سموري عمر پنهنجي ئي اڳيان ڪاٺيارو رهندس.. مون دِل ئي دِل ۾ چيو. نرس تہ واپس پنهنجي بوٿ ۾ هلي وئي ۽ مان پريشانيءَ ۾ ڪُرسيءَ تي ويهي رهيس. ٿوري ساعت ڪانپوءِ ساڳي نرس مون وٽ آئي ۽ چيائين:

"اچو مون سان..." مون کيس حيرت وچان ڏٺو، هُن مُرڪندي چيو:

"ها... ها... اچو مون سان..." مان ساڻس گڏ هلڻ لڳس، هوءَ اسپيشل نگهداشت واري ڪمري جي در وٽ مون کي وٺي آئي ۽ در کولي، اِشارو ڪندي چيائين:

"ڏسو پنهنجي پيشنٽ کي هتان ئي..."

مون فائزا جي حالت ڏٺي تہ منهنجي ڄنگهن مان ساھ ڇڏائجي ويو، مون ڀانيو، جيڪڏهن هڪ لمحو بہ وڌيڪ اُتي بيٺو رهيس تہ مان ڪِري پوندس، اِن ڪري پوئتي هٽيس ۽ تڪڙو تڪڙو هلندو اچي ڪاريڊور ۾ رکيل هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس، منهنجون اکيون لڙڪن سان ڀرجي آيون.

مون فائزا جي جيڪا حالت ڏٺي سا منهنجي برداشت کان گهڻي هئي. هوءَ آڪسيجن واري ڪوپي سان گڏوگڏ رڳو مشينن جي گهيري ۾ هئي، اُهي مشينون جيڪي کيس شايد جيئارڻ جي جستجوءَ ۾ مُسلسل ڌڙڪي رهيون هيون ۽ ڪيڪُن ڪيهُن جهڙا سنهڙا آواز ڪڍي رهيون هيون سي منهنجو تہ ڄڻ هانءُ ڦاڙي رهيون هيون. جتي مون جهڙي شخص فائزا کي اڪيلو ڪري موٽ جي منهن ۾ اُڇلائي ڇڏيو هو، اُتي رڙندڙ ۽ ڪِنجهندڙ مشينون ڀلا ڪيترو کيس بچائينديون اِهو خيال ويتر مون کي ماري رهيو هو، مون کي

پنهنجو اندر ڏاڍي ملامت ڪري رهيو هو. مان دِل ئي دِل ۾ پنهنجو پاڻ کي چئي رهيو هئس، ”جيڪڏهن مان فائزا کي پنهنجي پيار ۽ ڏيان سان ڏسان ها ته هوءَ ڪڏهن به انهن مصنوعي مشينن جي آڌار تي جيئڻ جي ڪوشش ۾ نه هجي ها.“ منهنجي ڪنن ۾ بار بار نرس ۽ ڊاڪٽر وارا جملا پڙلاءُ ڪري رهيا هئا ته: ”بس! دعا ڪريو!“

مون کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته مان ڪيئن دعا گهران، دعا گهرڻ لاءِ مون وٽ ڪوبه ذريعو، ڪوبه وسيلو نه هو. منهنجي پنهنجي ذات، جيڪا رولاڪين جي جهان ۾ بي نانءُ ئي رلندي رهي هئي، اُن وٽ دعا ۽ دعا ٻڌڻ واري جي ڪا ذري به معرفت نه هئي. اُها هستي، جيڪا منهنجي وجود ۾ موجود هوندي به مون کان جهڙوڪر اوجهل هئي، تنهن کي سَڏڻ يا پُڪارڻ جو مون وٽ ڪو جواز ئي نه پئي جڙيو. آئون جيترو پنهنجي رنگن کي سمجهندو هئس، جيترو پنهنجي برش ۽ ڪينواس کي ڄاڻندو هئس، اوتري ته منهنجي اُن هستيءَ سان سُڃاڻ نه هئي. منهنجي جيتري وابستگي امان سان رهي هئي، روبيءَ سان هئي، استاد جان جوزف سان رهي هئي، سمرينا سان رهي هئي، فائزا سان هئي، ڊاڪٽر رائو بشير سان رهي هئي، اوتري ته ڇا، اُن جي تِرَ جيتري به وابستگي اُن هستيءَ سان نه هئم، جنهن اڳيان دعا گهرڻ ۽ پِنڻ لاءِ مون کي بار بار ڊاڪٽر ۽ نرس چئي رهيا هئا.

منهنجون اکيون پرجي آيون، دل چيو پئي ته رانياٽ ڪري روئان، الائي ڇو مون کي امان ڏاڍو ياد پئي آئي، دل چيو پئي ته جيڪر امان هجي ۽ اُن جي جهوليءَ ۾ لِڪِي رڙيون ڪري روئان. مان عجيب ڪيفيت ۾ هئس، اُن لمحي الائي ڪيئن منهنجي واتان ”امان“ ۽ پوءِ ”الله“ نڪري ويو، جنهن ڪانپوءِ منهنجون اکيون نيسارن جيان وهي پيون. منهنجا سمورا ضبط ٽٽي ويا ۽ مان پنهنجي مُنهن روئڻ لڳس. امان جو چهرو منهنجي خيالن ۾ چٽو ٿي ويو ۽ الائي ڪهڙو اڻ لکو احساس ٿيڻ لڳم، اهو احساس بس مون کي آٿت ڏئي رهيو هو، ائين پئي لڳو، ڄڻ ڪو هلڪو آواز منهنجي ڪنن ۾ اهو چئي رهيو هو:

”ملهار! تون نه روءُ، الله آهي نه، اُن مان آسرو نه لاهه...“ هي اُهو ئي آواز هو، جيڪو مان اڪثر امان جي واتان ٻڌندو رهندو هئس. مان جڏهن به ڪنهن به تڪليف يا بيماريءَ ۾ هوندو هئس ۽ امان جي جهوليءَ ۾ ڪنڌ رکي ڪِنجهندو هئس ته امان مون کي اهو ئي جملو چوندي رهندي هئي. مون ڪيئي ڀيرا امان کان پڇيو به هو ته:

”الله“ ڪهڙو هوندو آهي؟ منهنجي معصوم سوال جو جواب امان بس ائين ڏيندي هئي ته:

”الله“ اهڙو ئي هوندو آهي، جهڙي ماءُ هوندي آهي، ابو هوندو آهي، اجان ٻي ”الله“ انهن کان به سوين ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي. مان وري به معصوميت وچان امان کان پڇندو هئس ته:

”پوءِ الله نظر ڇو نه ايندو آهي؟“ هوءَ منهنجي مٿي تي هٿ گهمائيندي چوندي هئي ته:

”الله بلڪل نظر ايندو آهي، بس ڪيس ڏسڻ واريون اکيون هجڻ گُهرجن...!“

”امان! الله کي ڏسڻ واريون اکيون ڪهڙيون هونديون آهن؟ ڪيئن هونديون آهن؟“ امان مُرڪي پوندي هئي ۽ چوندي هئي:



”تون اجان ننڍڙو ٻار آهين، تون اُهي ڳالهيون سمجهي نه سگهندين.“ مان ضد ڪندو هئس ته:

”نه امان! مون کي ٻڌائي...“ شايد امان ڳالهه لنوائيندي بس ايترو چوندي هئي ته:

”اهي اکيون، رب رکيون هونديون آهن، اُهي اکيون دل جون اکيون هونديون آهن، روحَ جون اکيون هونديون آهن.“ منهنجا سوال وڌندا ويندا هئا ۽ امان منهنجي مٿي تي ٿڏڙا ڪندي چوندي هئي:

”تون انهن ڳالهين کي ڇڏ، بس چُپڙي ڪري ننڊ ڪر ته توکي آرام اچي ويندو.“ امان پوءِ پنهنجي سريلي آواز ۾ ”الله“ الله... الله هُو...“ ڪرڻ شروع ڪندي هئي. مون کي ائين لڳندو هو، ڄڻ مون تي خمار چڙهي رهيا آهن ۽ مان سمهي پوندو هئس. سُجاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجا سمورا سور ۽ تڪليفون ختم ٿي وينديون هيون.

مون کي اُن لمحي روئيندي ڪجهه دير جي جُهٽڪي لڳي وئي، اوچتو سجاڳ تڏهن ٿيس، جڏهن پنهنجي ڪُلهي تي هٿ محسوس ڪيم، ڏٺم ته ساڳئي نرس سامهون بيٺل هئي ۽ سندس هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ هو. مون ڏانهس نِهاريو ته هن ”چانهه پيئو“ چوندي ڪوپ منهنجي اڳيان ڪيو.

”نه! مان چانهه نه پيئندس..!!“

”توهان لاءِ آندي اٿم، رات کان توهان ڪجهه به کاڌو پيتو ناهي ۽ پريشان رهيا آهيو...“ مون چانهه جو ڪوپ ڪانئس ورتو ۽ پرسان رکيل ڪرسيءَ تي رکيم.

”مان مُنهن ڌوئڻ ٿو چاهيان، هتي ڪو واش روم آهي...؟“

”ها، ها ڇونه...!! توهان اچو مون سان.“ هن چانهه جو ڪوپ کڻي ورتو ۽ مون کي اسٽاف روم ۾ وٺي آئي، مان واش روم ۾ هليو ويس. واش روم مان واپس آيس ته چانهه جو ڪوپ وري منهنجي اڳيان ڪيو، مون ڪوپ ورتو ۽ اسٽاف روم مان نڪرڻ لڳس.

”ڪيڏانهن پيا وڃو...؟ هتي ئي ويهو، آرام سان چانهه پيئو، پوءِ هليا وڃجو...“ مان اسٽاف روم ۾ رکيل هڪڙي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس ۽ چانهه جون چسڪيون ڀرڻ لڳس.

”پيشنٽ توهان جي ڇا ٿي لڳي؟ مون ڏٺو آهي ته توهين انتهائي پريشان رهيا آهيو رات کان وٺي...“ مون ڏانهس نهاريو ۽ چيم:

”فائزا منهنجي دوست آهي...“

”اڇا! مون سمجهيو تہ...!“ هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو، مون بہ وڌيڪ ڪجهہ نہ ڳالهايو، ڪن پلَ ڪانپوءِ هُن وري ڳالهايو:
”توهان جي پيشنٽ جو ڪوبہ گهرياتي نظر نٿو اچي هتي...“ سندس سوال تي مان ڇرڪي پيس، گذريل ڪيتري ئي عرصي کان مان فائزا سان گڏ رهيو هئس، پر مون کي خبر نہ هئي تہ فائزا جا گهرياتي ڪير آهن؟ ۽ ڪٿي رهندا آهن؟ مون پنهنجي طرفان جواب ڏنو تہ:
”اُهي سڀ ملڪ کان ٻاهر رهندا آهن...“ هوءَ ٿورو مُرڪي، پر سندس مُرڪ ۾ ڪيئي معنائون هيون.
”جي مناسب سمجهو تہ هڪڙو سوال ڪريان...؟“
”ها، چونہ! بلڪل...!“
”پيشنٽ! ايڏيون ساريون ننڊ جون گوريون ڇا لاءِ کاڌيون هيون؟“
نرس جي سوال جو مون وٽ اُن وقت ڪوبہ جواب نہ هو. مان صفا مُنجهي پيس تہ کيس ڪهڙو جواب ڏيان؟ مان اڃان مونجهاري ۾ ئي هئس تہ هُن وري ڳالهايو:
”توهان جو ڪو جهيڙو يا ناراضگي ٿي هئي ڇا؟“
”نہ نہ... اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي...“ مون يڪ ساهيءَ چئي ڏنو.
”توهان ڪڏهن کان هڪٻئي جا دوست آهيو؟“
مون کي الائي ڇو ڪوفت ٿيڻ لڳو، دل ئي دل ۾ سوچيم تہ هڪ چانهہ جو ڪوپ پيئاري هيءَ نرس ايترو ويجهو ۽ گهري ڇو ٿي رهي آهي، مان سوچ ۾ هئس تہ هوءَ اُٿي بيٺي:
”توهان اتي ئي آرام سان ويٺا رهجو، مان توهان جي پيشنٽ جو واءُ سواءُ وٺي اچان ٿي.“ هوءَ اسٽاف روم مان نڪري وئي ۽ مان سوچيندو رهيس تہ آخر هيءَ نرس اهڙي قسم جا سوال ڇو ڪري رهي هئي. هن شايد اِهي سڀ ڳالهيون پڇڻ لاءِ ئي مون کي چانهہ جو ڪوپ آڇيو هو ۽ پنهنجي اسٽاف روم تائين وٺي آئي هئي. ڪٿي هوءَ مون کان ڳالهين ئي ڳالهين ۾ تفصيل تہ ڄاڻڻ نٿي چاهي؟ ڪٿي ائين تہ ڪونهي انتظاميہ طرفان کيس چيو ويو آهي تہ مون کان سمورا تفصيل وٺي.
هوءَ ٿوري دير ۾ موٽي آئي، پنهنجي جاءِ تي ويهندي چيائين:
”پيشنٽ! اڃان خطري مان نہ نڪتي آهي.“ مون پريشانيءَ وچان کيس ڏٺو، هُن وري ڳالهايو:
”پيشنٽ تہ پنهنجي پَرَ ۾ پنهنجو انت آڻي ڇڏيو آهي! ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. بس دعا ئي ڪريو.“ سندس جملي تي، مان وڌيڪ وسامي ويس، سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڳالهايان، ڇا چوان، هن وري ڳالهايو:
”توهان ٻڌايو بہ! نٿا نہ تہ، هُن ڪهڙي ڳالهہ تان ايڏو وڏو قدم کنيو آهي؟“
”مون اڳ بہ توهان کي چيو تہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي.“
”توهان ٻُڌائڻ نٿا چاهيو تہ ڀلي نہ ٻُڌايو، پر مسٽر...“ هُن سواليہ انداز ۾ جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
”ملهار! مون کي ملهار چوندا آهن.“ مون ورندي ڏيندي سواليہ کيس ڏنو،
”جي ملهار صاحب! مان نسرين مهتاب آهيان.“
”نسرين صاحبہ! مان بلڪل صحيح پيو چوان اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي.“
”پيشنٽ هيڏو وڏو اٽيمپٽ ڪيو آهي. پنهنجي زندگيءَ سان کيڏڻ ڪا مذاق تہ ناهي! توهان چئو ٿا اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي.“
”بلڪل توهان درست آهيو، فائزا جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي سو سمجهہ کان ٻنهہ گهڻو آهي. سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي تہ هُن ائين ڇو ڪيو...!؟“ مون ائين چيو ڇڻ مون کي ڪا خبر ئي ڪونهي.
”خير دعا ڪريو تہ پيشنٽ کي هوش اچي وڃي...“ منهنجون اکيون وري ڀرجي آيون.
”توهان ڇا ڪندا آهيو مسٽر ملهار؟“
”مان هڪڙو آرٽسٽ آهيان... مصور.“
”ڇئبو تہ توهان آرٽسٽ آهيو. ائبنارمل... سوري مطلب سُپر نارمل ماڻهو... ٻنهہ حساس...“
”ها! حساس ماڻهو تہ هر ڪو ئي هوندو آهي ۽ ائبنارمل بہ سيڪو. پنهنجي ذات جي جهان ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪو ائبنارمل بہ آهي تہ حساس بہ...“
هوءَ مون کي حيرت وچان ڏسڻ لڳي. هوءَ رات کان وٺي بار بار مون سان ڪنهن نہ ڪنهن بهاني رابطي ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، پر هِن لمحي هوءَ مون ڏانهن گهڻي متوجهہ ٿي رهي هئي.
”توهان منهنجي تصوير ٺاهيندوَ؟“ هُن اوچتو ڇڻ نامناسب سوال ڪيو، مان بس حيرت وچان کيس ڏسڻ لڳُس. هُن شايد محسوس ڪري ورتو تنهنڪري يڪدم وري چيائين:
”مان موقعي جي مناسبت سان غلط ڳالهہ ڪري ويس.. سوري..“ هوءَ خاموش ٿي وئي، مان بہ خاموش رهيس. هُن ٻيهر وري ڳالهايو:
”توهان جي دوست ڇا آهي؟ مطلب ڇا ڪندي آهي؟“
”فائزا...؟ ڪجهہ بہ نہ ڪندي آهي، بس گُهمندي ڦرندي آهي ۽ ماڻهو پڙهندي آهي.“
”ماڻهو پڙهندي آهي، سمجهيس نہ؟“
”فائزا نفسياتي ماهر آهي.“ هُن کان ٽهڪ نِڪري ويو.
”نفسياتي ماهر! پوءِ بہ هُن...“ هُن گهڻين معنائن سان جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
”پوءِ بہ هُن... توهان ڇا پيا چوڻ چاهيو؟“ هُن ڳالهہ لنوائيندي چيو،
”توهان کي خبر آهي؟“
”ڇا...؟“ مون ڏانهس نهاريو،
”ڪجهہ ماڻهو ذهني ائبنارمل هوندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو جسماني.“
”ها تہ پوءِ...!؟“ مون سواليہ انداز ۾ کيس ڏنو.
”مان وارڊ جو سُڌ سماءُ لهي اچان ٿي...“ هوءَ ڪجهہ چوندي بہ شايد چئي نہ سگهي ۽ ڳالهہ لنوائي اسٽاف روم مان نِڪري وئي. مون بہ کيسي مان سگريٽ ڪڍيو ۽ ڪاريڊور مان هلندو ٻاهر پارڪ ۾ آيس. سگريٽ دُکائي هڪڙو وڏو ڪش هنيم، دونهين جي بادلن ۾ منهنجي اکين ۾ وري ڳوڙها اچي ويا. ...(هلندڙ)...



# اکري سئو وکري

### بيت- شاهہ لطيف
همسري

**ڳڍي ڪانگا! تو ڏِيان هنئون1 ساڻُ هَٿَن،**
**وَڃي ڪاڻ وِلاتِ2 ۾، اڳِيان عَجِيبَنِ3،**
**پِرين مان4 چَوَن، هَئَن قُربانُ ڪيرَ ٿِئي.**

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**
1. **هنئون- دل**. 2. **ولات- ولايت**. 3. **عجيبن- محبوبن**. 4. **مان- من**.

****

### پهاڪو
همسري

**عمر وٺي وني مارئي وٺندو، ٿر تہ ڪين ٽيلهيندو:**
يعني ڪيس مارئي گهربي هئي، سا هن کي ملي، باقي ٿر وارن کي، لڏائي تہ ڪونہ ڪڍندو.

****

### وتايو فقير_ حڪمت ۽ دانائي
نيٺ تہ هتي ايندا!

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري ٿي وئي، ڳوناٽا چورن جا پير کڻي نڪتا پر وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان ۾ ويهي رهيو، ماڻهن پڇيس تہ "فقير، هتي ڇا وينو ڪرين؟" چيائين تہ "چورن جو اڳ تہ وڃان! نيٺ هتي ئي ايندا!" انهيءَ ڏينهن ڪانپوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوٽي مشهور آهي تہ "وتائي فقير وارو اڳ جهليو اٿئي!"

****

### مختصر ڪهاڻي
### صليب تي ٽنگيل احساس
### راشد شر

هميشہ جيان اڄ بہ پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ جڏهن ڪجھ لکي رهيو هئس تہ امان پڇيو ابا ڇا پيو لکين؟ ايستائين امان کي ڪوبہ جواب نہ ڏنم جيستائين ڪهاڻي لکي پوري نہ ڪيم، امان بہ ايستائين منهنجي جواب جي انتظار ۾ ويٺي رهي. ڪهاڻي لکي جيئن ئي پوري ڪئي اٿينءَ پاڻ امان کي جواب ڏيڻ بجاءِ امان جي اڳيان پنو ڪنهن احتجاجي پلي ڪارڊ جيئن کولي بيٺس پني تي ڪجھ ليڪا ڪڍيل صليب جي تصوير جنهن تي سماج جا احساس ٽنگيل نظر ٽا اچن، امان وڌيڪ ڪجھ پڇڻ بجاءِ پنهنجي رئي جي پلو سان اکين مان ٽمندڙ ڳوڙهن کي اگهندي هلي ٿي وئي.

...........

### ايڪتا ڏينهن جي مناسبت سان
### سڪندر شيخ
### سنڌ ديس جا ماڻهو

درد ونديءَ جي ديس جا ماڻهو،
لوئي اجرڪ ڪيس جا ماڻهو.
ساوڪ سلڙا ڪيت اسان جا،
پٽ ڏٽيءَ جا بيت اسان جا،
ڳيڙوءَ رتڙي ويس جا ماڻهو.
درد ونديءَ جي ديس جا ماڻهو.
سنڌڙيءَ ساڻ سِرن جا سودا،
پنهنجو پيار چون ٿا جوڏا،
ڪو نہ ٽيا سي رئيس جا ماڻهو.
درد ونديءَ جي ديس جا ماڻهو.
چاهت ٻڻجي چاهہ رکون ٿا،
واهر ٿي ويساهہ رکون ٿا،
ناهيون اسين پرديس جا ماڻهو.
درد ونديءَ جي ديس جا ماڻهو.

****

### شاهين وهاب

هي منهنجي اندر جي تنهائي نہ ماري وڃي مون کي
اڄ هڪ گهڙي ڪن تہ جياري وڃ مون کي
هي خاموش رات ٻرندڙ ڏِيو سُنسان سارو چمن
ايئن در کڙڪائي ساڙي نہ وڃ مون کي
ڪنڌ مان ڪرڙي بہ نهاري پئي ٿي ڪلي
ٻڌا تہ ڇا چوان اُن کي ڪجھ تہ ٻڌائي وڃ مون کي
کُلي ڪِڙڪي لڳو جهُونو صفا ڇرڪي پيس جو مان
ايئن اي ڪاش! تون بہ اچي ڇرڪائي تہ وڃ مون کي
سڙيل سگريٽ وانگر مان سڙندي ٿي وڃان سهڻا
پلا سگريٽ وانگر ئي وري دُکائي تہ وڃ مون کي
نٿي "شاهين" کي جا اچي ورائي ننڊ نيڻن ۾
اچي ڪو پري پاڪُر ورائي ننڊ وڃ مون کي
هي اندر جون تنهائيون نہ ماري وڃن مون کي
اچي هڪ گهڙي ڪن تہ جياري وڃ مون کي.

****

### هيلٿ ٽپ
### ڪيلشيم جي گهٽتائي، علامتون ۽ غذا

جيڪو ڪيلشيم اسان غذا ذريعي کائون ٿا اهو اسان جي هڏين ۾ جمع ٿي وڃي ٿو ۽ وقت پوڻ تي جيتري اسان جي جسم جي گهرج هوندي آهي ان جو اوترو ئي مقدار هڏين مان رت جي سطح ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. جڏهن اسان ڪيلشيم جو صحيح مقدار غذا ۾ شامل نٿا ڪريون تہ ان صورت ۾ اسان ڪيلشيم جي کوٽ جو شڪار ٿيون ٿا. ڪيلشيم جي گهٽتائي جي ڪري جسم ۾ ڪيترين ئي بيمارين پلجن ٿيون. ٻارن ۾ گهٽو ڪري ڪيلشيم جي گهٽائي جي ڪري سندن هڏيون نرم ۽ ڪمزور ٿي وينديون آهن ۽ انهن جي سرگرمي گهٽجي ويندي آهي. ان کان علاوه وڏن ۾ بہ هڏين جو ڀُرڻ، هڏن ۾ سور ۽ سرگرمي جي گهٽتائي شامل آهي. ڪيلشيم جي گهٽتائي جي ڪري گهڻو ڪري ماڻهن کي ڪرنگهي جي مهرن ۾ سور جي شڪايت جي ڪري چيلهہ ۾ سور وڌي ويندو آهي ان جي گهٽتائي کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي غذا ۾ مڇي، کير، پالڪ، بادام، ڏهي ۽ پنير جو استعمال ڪرڻ گهرجي. ساين ڀاڄين ۾ ساڳ، ڦرين ۽ ڪنيين ۾ ڪيلشم جو مقدار گهڻو موجود هوندو آهي.

ليڊرشپ

# سماج سڌارڪ: عبدالحڪيم مهر

زاهده ابڙو

**تعارف:**
منهنجو نالو عبدالحڪيم مهر آهي، مان هڪ يتيم ٻار هئس هڪ ننڍڙي ڳوٺ کان پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪيم. جنهن وٽ پڙهڻ لاءِ وسيلا نہ هئا، ان وقت ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ اسڪول نہ هو اسان ڳوٺ نظر علي لغاري ۾ جيڪو اسان کان پنج ڪلو ميٽر پري هو اتي پڙهڻ ويندا هئاسين. اتي هڪڙو ماستر هوندو هو جيڪو روز سائيڪل تي ايندو هو. ان وقت ۾ سخت گرمي جي ڪري استاد شاگردن کي ٻنپهرن جو موڪل نہ ڏيندو هو ۽ ڏينهن ٺاري پوءِ شاگردن کي گهر ڏانهن موڪل ڏيندو هو. تڏ ۽ گرميءَ جا مزا چکيندي انهن حالتن مان گذرندي مون ميٽرڪ پاس ڪئي، پوءِ انٽر ميڊيئٽ جو امتحان پاس ڪيم. جنهن ڪانپوءِ مون کي گهر هلائڻ لاءِ پئسن جي سخت ضرورت محسوس ٿي ۽ ان وقت جي ايگزون ڪمپني جيڪا هاڻي اينگرو سڏجي ٿي ان ۾ تربيتي ڪورس ڪرڻ جو موقعو مليو، جتي مون پنج سال ٽيڪنيشن طور ڪم







ڪيو. ان ڪانپوءِ آئل اينڊ گئس ۾ درخواست ڏنم، جتي خوش قسمتيءَ سان پگهار بہ سٺي هئي ۽ پرڏيهہ مان ڪيترائي ٽيڪنيڪل ڪورس بہ ڪيم، جنهن ۾ سنگاپور، ملائيشيا، انڊونيشيا، لنڊن، اسڪاٽ لينڊ، يو اي اِي ۽ چائنا شامل آهن. 30/35 سالن کان هن ڪمپني ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان.

**زاهده ابڙو: تيل ۽ گئس ڪمپني ۾ ڪندي توهان کي اسڪول کولڻ جو خيال ڪيئن آيو؟**

**عبدالحڪيم مهر:** ان جا ٻہ ٽي سبب هئا جنهن ڪري مون اسڪول کولڻ پئي چاهيو. هڪ تہ ننڍپڻ ۾ مون پاڻ جن حالتن کي ڀوڳيو آهي اهي ڪي خوشگوار نہ هيون ۽ منهنجي ذهن ۾ هو تہ منهنجي ڀائرن، ڀينرن ۽ اتان جي ڪميونٽي جا ٻار انهن حالتن مان نہ گذرن. 2011ع ۾ ضلعي گهوٽڪي جي تعلقي ڏهرڪي ۾ ان جي يونين ڪائونسل لوٽي سڏجي ٿي ان جي ڀرسان جيڪا مشهور جڳهہ آهي ان کي راجا فارم چوندا آهن ڳوٺ جو نالو آدم مهر آهي. مون جڏهن نيو فائونڊيشن پبلڪ اسڪول جي شروعات ڪئي تہ ان وقت ۾ منهنجن چئن ئي ٻارن جي يونيورسٽي جي تعليم مڪمل ٿي چڪي هئي. منهنجو پنهنجن ٻارن جي تعليم تي لڳ ڀڳ هر مهيني سوا ڏيڍ لک رپيا خرچ اچي ويندو هو جيڪو هاڻي بچت ۾ پئي ويو. جنهن تي مون کي خيال آيو تہ هاڻي ڪميونٽي جي ٻارن جي لاءِ بہ ڪو ڪم ڪرڻ گهرجي. ٻيو تہ مون کي اهو بہ احساس هو تہ جيڪڏهن منهنجن ڀائرن ۽ ڀينرن جا ٻار نہ پڙهيا تہ سڀاڻي منهنجا ٻار انهن کي پنهنجي ڀر ۾ بہ ويهڻ نہ ڏيندا. مون ان ويڇي کي ختم ڪرڻ جو سوچيو. ٽيون سبب اهو هو تہ اڳتي هلي آئون پنهنجن ٻارن جي ڪم سان نہ پر پنهنجي ڪيل ڪم سان سڃاتو وڃان.

**زاهده ابڙو: اسڪول کي قائم ڪرڻ ۾ توهان کي ڪهڙيون ڏکائيون اڳيان آيون.**

**عبدالحڪيم مهر:** بيشمار مسئلا درپيش آيا، پهريون مسئلو اهو هو تہ اسڪول کي شروع ڪيئن ڪجي. پهرين چونڊ مون وٽ اها هئي تہ اهي پئسا آئون پنهنجي خاندان جي ٻارن تي خرچ ڪرڻ لاءِ انهن کي شهر وٺي اچان ۽ انهن جي لاءِ ڪو گهر ٺهرائي وٺان ۽ ڪين هتي اچي رهايان، پر ڪجهہ دوستن ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ چيو تہ ان سان ڪيترا مسئلا اڳيان اچي سگهن ٿا. جنهن ڪانپوءِ اسڪول ڏهرڪي شهر منجهہ کولڻ جو سوچيم، پر اتي بہ ساڳيو مسئلو درپيش هو، نيٺ مون سوچيو تہ جن ٻارن کي تعليم ڏيڻي آهي انهن جي ويجهو ئي اسڪول کولجي ۽ پهرين مون هڪ ننڍڙي جهوپڙي ٺاهي ۽ مون بہ ٽي استاد پنجن ڇهن هزارن تي رکيا ۽ پنهنجي خاندان جي ٻارن کي اتي پڙهائڻ شروع ڪيو. منهنجي ان قدم تي ماڻهن مون تي ڏاڍيون ٺٺوليون ڪيون ۽ ڏاڍي ڪل ٿي ۽ ماڻهن جو تعاون بہ نہ پئي مليو. نيٺ آهستي آهستي منهنجي خاندان جي ٻارن کي پڙهندو ڏسي ٻين ٻارن بہ اچڻ شروع ڪيو ۽ ائين اها جهوپڙي ڀرجي وئي. نيٺ مون کي ٻہ خيما لڳائڻا پيا ۽ آهستي آهستي اها جهوپڙي ۽ ٻئي خيما بہ ٻارن سان ڀرجي ويا. ان ڪانپوءِ مون نيٺ چار ڪمرا تعمير ڪرايا، منهنجو خيال هو تہ اهي چار ڪمرا اسان جي اسڪول لاءِ گهڻا ئي ٿيندا، پر جڏهن اسان جا ٻار انهن ڪمرن ۾ منتقل ٿيا تہ اهي چار ڪمرا بہ ڀرجي ويا. اڳئين سال مون کي ڪجهہ بونس مليا جنهن مان مون وڌيڪ چار

ڪمرا تعمير ڪرايا، اٺ ڪمرا تعمير ٿي ويا ان ڪانپوءِ ٻارهن ڪمرا ٿيا، آهستي آهستي وڌائيندي سورهن ڪمرن تائين آياسين ۽ اسڪول جا خرچ ٻن لکن کان مٿي وڃڻ لڳا ته مون لاءِ خطري جي گهنٽي وڄڻ لڳي. ڇو ته اهو سڄو خرچ مان پنهنجي کيسي مان ڪري رهيو هئس ۽ هاڻي مون وٽ ايتري گنجائش نه هئي جو مان اڪيلي سر ايترو ڪم ڪري سگهان. پوءِ دل ۾ خيال آيو ته هاڻي سنڌ حڪومت کان ڪا مدد وٺجي سنڌ حڪومت سان ڳالهايوسين ته سنڌ سيڪريٽري ايڊيوڪيشن ڪا خاص موٽ نه ڏني. ڪنهن دوست صلاح ڏني ته سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن سان ڳالهايان، مون اتي ويٺي ويٺي هڪ مئسيج ناهي ميڊم ناهيد دراني ڏانهن موڪليو ڏهن منٽن اندر سندس جواب اچي ويو ۽ ٻئي ڏينهن مون کي ٽائيم ڏنو ويو ته مان سندس ٽيم سان ملاقات ڪرڻ لاءِ پهچان ۽ ٻئي ڏينهن تي مان ميٽنگ لاءِ پهچي ويس. SEF وارن منهنجي سڄي ڳالهه ٻڌي ۽ مون کي اهو چيو ته آئون هڪ سال ڪانپوءِ وٽن اچان ڇو ته ايندڙ سال سندن ڪا اهڙي اسڪيم اچي رهي آهي جيڪا خانگي هلندڙ اسڪولن جي مدد ڪندي. نيٺ 2017ع ۾ مون ساڻن معاهدو ڪيو. هاڻي هن وقت منهنجي اسڪول جا جيڪي خرچ آهن انهن جو اسي ڪان نوي سيڪڙو خرچ SEF برداشت ڪري رهي آهي. ان معاهدي ڪانپوءِ منهنجي دل کي ڏڍ مليو ته هاڻي اسڪول کي اڃان وڌيڪ وڌائي سگهجي ٿو. منهنجي لاءِ سڀ کان وڏي ۾ وڏو مسئلو اسڪول کي وڌائڻ جي سلسلي ۾ اهو هو ته نياڻين جو تعداد اسڪول ۾ نه هئڻ جي برابر هو. تمام گهڻي ڊڪ ڊوڙ جي باوجود به آئون 2017 تائين چاليهه کان پنجيتاليهه نياڻيون اسڪول ۾ داخل ڪرائي سگهيس. پوءِ مون اتان جي ڪميونٽي سان گڏجاڻيون ڪرڻ شروع ڪيون جتان مون کي خبر پئي ته اتان جا ماڻهو پنهنجي نياڻين کي ڇوڪرن سان گڏ پڙهائڻ جي حق ۾ نه آهن. مون ڪين نياڻين جي ڌار اسڪول جي آڇ ڪئي ۽ ڪين اهو به چيو ته سندن استاد عورتون هونديون ته ڇا پوءِ اهي پنهنجون نياڻيون موڪليندا، جنهن تي ڪميونٽي راضي ٿي. 2017 ۾ مون اسڪول کي وڌائڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو ۽ آئون سترهن ڪمرن کي ٽيويهن ڪمرن تائين ڪڻي آيس. ڇو ته مون کي نياڻين کي به ڌار ڪمرا ڏيڻا هئا ۽ ايندڙ پنجن سالن جي پلاننگ به ان ۾ شامل هئي. 2018ع جي نئين سيشن ۾ اهي ٽيويهه ڪمرا شاگردن سان ڀرجي ويا. هاڻي وري اهو ساڳيو چئلينج اڳيان بيٺو آهي ته نئين داخلا ۾ ايندڙ ٻار ڪٿي ويهندا. ان سڄي اسڪول بلڊنگ ۾ منهنجو هيستائين چار ڪروڙ رپيا خرچ ٿيو آهي، جيڪو مون پنهنجي ذاتي خرچ مان ڪيو آهي، پر ان جو ڪريڊٽ مان پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن کي به ڏيندس جن منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ ڪڏهن به مون کي ان ڪم ڪرڻ کان نه روڪيو.

**زاهده ابڙو: هن وقت اسڪول ۾ ٻارن جي انرولمينٽ ڪيتري آهي، ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جو انگ ڪيترو آهي ۽ انهن جي پرفارمنس ۾ ڪيترو فرق آهي.**

**عبدالحڪيم مهر:** هن وقت اسان وٽ ڪل انرولمينٽ 860 ٻارن جي آهي جنهن ۾ 200 ڇوڪريون ۽ باقي ڇوڪرا آهن. جيئن ته ڇوڪرين جي لاءِ هي پهريون سال آهي ان ڪري انهن ۾ ٿوري گهڻي جهجهڪ آهي، پر ان هوندي به هو پنهنجي استادن سان گڏ هر سرگرمي ۾ ڀرپور حصو وٺي رهيون آهن. جنهن ۾ اسيمبلي جي تياري ۽ خاص موقعن تي تقريرون شامل آهن. گذريل سال SEF اسان جي اسڪول جي اسيسمينٽ ڪئي هئي جنهن ۾ ٽاپ ٽين شاگردن ۾ ٽي ڇوڪريون آهن، جنهن جو مطلب اهو آهي ته ڇوڪريون وڌيڪ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري رهيون آهن.

**زاهده ابڙو: توهان جي اسڪول کلڻ ڪانپوءِ اتان جي ڪميونٽي مان ڇوڪرين جي پڙهائي لاءِ توهان کي ڪهڙو فيڊ بيڪ ملي رهيو آهي.**

**عبدالحڪيم مهر:** جيئن ته اتي قبائلي سسٽم رائج آهي جنهن جي ڪري نياڻين جي تعليم جو رجحان تمام گهٽ آهي. اسان پنهنجن ستن سالن جي هن سفر ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن ۾ اسان مائٽن سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪري انهن کي آماده ڪيو ته پنهنجي نياڻين کي پڙهائين. هتان جي گهڻي آبادي پير صاحب پاڳاري جي پوئلڳ آهي. گذريل جنوري ۾ پير صاحب هن پاسي آيو هو ته اسان ڪيس پنهنجو اسڪول وزٽ ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي جيڪا هن اسان کي عزت ڏيندي قبول ڪئي ۽ هن پنهنجن پوئلڳن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجين نياڻين کي پڙهائڻ لاءِ اسڪول موڪلين. جنهن جي ڪري هن وقت 200 ڇوڪريون اسڪول ۾ پڙهي رهيون آهن. ٻيو قدم اسان اهو کنيو ته اسان جي اسڪول ڪوآرڊينيٽر گهر گهر تائين وئي ۽ مائرن کي آماده ڪيائين ته هو پنهنجين ڌيئرن کي پڙهائڻ لاءِ اسڪول موڪلين. هن وقت جيڪا مائٽن جي ۽ استادن جي ميٽنگ ٿيندي آهي ان ۾ گهڻو ڪري مائرون ايندريون آهن، جيتوڻيڪ اهي پڙهيل نه آهن، پر ان هوندي به هو پنهنجين نياڻين جي تعليم ۾ دلچسپي وٺي رهيون آهن. گذريل ميٽنگ ۾ به تقريبن 150 مائرن شرڪت ڪئي، جيڪا ڏاڍي خوش آئند ڳالهه آهي.

**زاهده ابڙو: ايتري ڏورانهين علائقي ۾ توهان وٽ استاد اسڪول تائين رسائي ڪيئن حاصل ڪن ٿا.**

**عبدالحڪيم مهر:** اسان جي علائقي ۾ عورت استاد موجود ڪو نه هيون ان ڪري اسان کي شهر واري پاسي کان استادن کي گهرائڻو پوندو آهي جنهن جي لاءِ مون هڪ ايئر ڪنڊيشنڊ وين ورتي آهي جيڪا انهن استادن کي پڪ اينڊ ڊراپ جي سهولت مهيا ڪندي آهي. جنهن جي ڪري هاڻ اسان کي عورت استادن جي خدمت حاصل ڪرڻ ۾ ڪا به تڪليف نٿي ٿئي.

**زاهده ابڙو: استادن جي تربيت لاءِ توهان ڪهڙا بندوبست ڪيا آهن؟**

**عبدالحڪيم مهر:** اسان جو اسڪول هڪ وارياسي علائقي ۾ آهي جنهن ۾ مقامي استاد تمام گهٽ آهن جيڪي آهن اهي به وڏن شهرن ۾ وڃي ڪم ڪري رهيا آهن. ٻن ٽن سالن کان ان سلسلي ۾ اينگرو فائونڊيشن اسان جي تمام گهڻي مدد ڪري رهي آهي. بنا ڪنهن معاوضي جي اسان جي استادن جي تقرري انهن جي اسيسمينٽ ۽ تربيت ۾ اسان جي مدد ڪري رهي آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر صدوري ناز ڪيريو جو وڏو هٿ آهي، جنهن اسان کي بنا معاوضي جي اها سهولت مهيا ڪري ڏني آهي. اسان جون عورت استاد اينگرو جي پليٽ فارم تان چونڊجي اسان وٽ اينديون آهن جنهن جي ڪري انهن جا مائٽ به مطمئن رهن ٿا. اينگرو فائونڊيشن

وارن جا 30/40 اسڪول هن وقت ڪچي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن هنن جو هڪ وڏو مضبوط نيٽ ورڪ آهي جنهن ۾ منهنجي درخواست تي هو اسان جي به مدد ڪري رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ تعليم جي مد ۾ ائين هڪ اداري کي ٻئي اداري جي مدد ڪرڻ گهرجي ته جيئن تعليم جي عمل کي اڳتي وڌائي سگهجي.

**زاهده ابڙو: SEF توهان جي اسڪول کي ڪهڙي عملي امداد فراهم ڪري رهيو آهي.**

**عبدالحڪيم مهر:** SEF جيڪڏهن نه هجي ها ته آئون پنهنجي اسڪول کي ايترو گهڻو وڌائي نه سگهان ها. ٻيو ته اسان جي اسڪول جي معياري تعليم بنائڻ ۾ SEF جو وڏو هٿ آهي. گذريل سال اسان جا ڇهه استاد سندن پليٽ فارم تي پندرهن ڏينهن جو آءِ. بي. اي سکر جي مدد سان انگلش جو ڪورس ڪري آيا آهن. ان کان علاوه انهن اسان کي سائنس ليب ناهڻ جي لاءِ فنڊ فراهم ڪيو آهي. ان ۾ موجود جيڪو به گهربل ليب جو سامان آهي اهو به اسان کي SEF ڏنو آهي، باقي ڪمرو ۽ ان ۾ فرنيچر اسان فراهم ڪيو آهي. ان کان علاوه ڪمپيوٽر ليب لاءِ اسان کي ٽي لک جي گرانٽ ڏني وئي، جنهن تي ڇهه ست لک رپيا خرچ اچي ويو. ائين سمجهو ته اڌو اڌ خرچ اسان کي SEF ڏنو آهي اها ليب اسٽيٽ آف آرٽ آهي هن وقت سائنس ۽ ڪمپيوٽر ليب ٻئي فنڪشنل آهن. جنهن مان شاگرد مڪمل طور تي فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. ان کان علاوه انهن جو هڪڙو ٻيو پروجيڪٽ به آهي جنهن ۾ اسان انهن کي هڪ ڪمرو آڊيو وڊيو سهولت سان سيٽ ڪري ڏنو آهي، جنهن ۾ هنن اسان کي 55 انچ جي هڪ سمارٽ ٽي وي مهيا ڪئي آهي، باقي فرنيچر اسان مهيا ڪيو آهي. ان کان وڌيڪ هو اسان کي ٽيهه ٽيبليٽ مهيا ڪندا جنهن لاءِ اميد اٿم ته هڪ مهيني اندر ملي ويندا. ان جو استعمال اهو هوندو ته پهرين کان وٺي پنجين درجي تائين جو سڄو سليبس، سڄا سبق ان ۾ اندر هوندا ۽ ٻار اليڪٽرونيڪلي ويهي سبق پڙهندا ۽ سکندا. ان سان نه رڳو ٻارن کي پر استادن کي به ڪافي سکيا ملندي. هينئر به استادن جي تربيت لاءِ SEF ڪجهه وڌيڪ نالا گهريا آهن جنهن ۾ اسان آءِ. ٽي، ميٿ، سائنس ۽ انگلش جي استادن جي لسٽ ڏني آهي.

**زاهده ابڙو: غريب ڪميونٽي جي ٻارن، جن جي پهچ ڪمپيوٽر تائين گهٽ هوندي انهن شاگردن جي آءِ. ٽي ۾ موٽ ڪيئن آهي.**

**عبدالحڪيم مهر:** اليڪٽرونڪ ميڊيم جو استعمال ٻارن لاءِ تمام گهڻو اتساهڪ آهي، مان جڏهن به اسڪول ويندو آهيان ته ٻار مون وٽ ايندا آهن ته انهن کي ڪمپيوٽر جا ڪلاس وڌيڪ ڏنا وڃن، ملٽي ميڊيا جي وڌيڪ استعمال لاءِ چوندا آهن. هن وقت اسان وٽ ٻه آءِ. ٽي استاد موجود آهن اسان جي اسڪول جا ٻه سيڪشن آهن، هڪ ڇوڪرين جو ته ٻيو ڇوڪرن جو. اسان وٽ ست سيڪشن صرف نرسري جا آهن ته چار ڪي جي جا آهن. ان ڪانپوءِ تقريبن هر ڪلاس جا ٻه ٻه سيڪشن آهن، ان حساب سان هفتي ۾ هر ڪلاس کي ٻه دفعا آءِ. ٽي جي ڪلاس جو موقعو ملي ٿو. وقت سان گڏ آءِ. ٽي بيسڊ تعليم کي وڌيڪ عملي طور داخل ڪيو ويندو.

**زاهده ابڙو: ٻارن جي تعليمي سرگرمي کان علاوه اسڪول ۾ ٻيون ڪهڙيون سرگرميون آهن جنهن سان انهن جي شخصيت جي تعمير ٿي سگهي.**

**عبدالحڪيم مهر:** هڪ سال کان اسان ٻارن کي تعليم کان علاوه ٻين عملي سرگرمين ۾ شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ تقريري ۽ ڪوئز مقابلا، ان کان علاوه مختلف قومي ڏهاڙن جو ملهائڻ. هن سال اسان جا جيڪي به پروگرام ٿيا آهن اهي تقريبن شاگردن پاڻ ئي آرگنائيز ڪيا هئا. جنهن ۾ هنن جون انتظامي صلاحيتون به وڌي رهيون آهن. منهنجي ڪوشش اها آهي ته ٻن سالن اندر منهنجو اسڪول گهوٽڪي جو بهترين اسڪول شمار ٿئي. اسان جي اسڪول جو سيٽ اپ ٻه ايڪڙن تي ٿهيل آهي، جنهن ۾ اسان وٽ ڪو وڏو پلي گرائونڊ ناهي، جتي هو ڪرڪيٽ يا هاڪي کيڏي سگهن، پر ننڍيون ننڍيون رانديون کيڏندا آهن. منهنجي ڪوشش آهي ته مون کي پنهنجي اسڪول جي پر ۾ چار ايڪڙ زمين ملي وڃي ته مان ٻارن جي لاءِ هڪ بهترين پلي گرائونڊ به تعمير ڪريان جتي اهي ڪرڪيٽ ۽ ٻيون رانديون کيڏي سگهن.

**زاهده ابڙو: اسڪول توهان جو خواب هو جنهن جي تعبير توهان حاصل ڪري ورتي، ڇا اسڪول کان اڳتي توهان جو ٻيو ڪو خواب آهي.**

**عبدالحڪيم مهر:** اسڪول جي تعمير تائين منهنجو خواب اڌورو آهي منهنجو خواب تڏهن مڪمل ٿيندو جڏهن منهنجي اسڪول سان گڏ يونيورسٽي به تعمير ٿيندي. ماڻهو منهنجي ان ڳالهه تي به کلندا آهن ته هن ڳوٺ ۾ يونيورسٽي تعمير ٿيندي. هاڻي اسڪول ڪانپوءِ يقينن ٻارن لاءِ ڪاليج جي تعمير جي ضرورت پوندي ۽ ڪاليج ڪانپوءِ اڳتي قدم يونيورسٽي لاءِ هوندو. مون کي لڳي ٿو ته سال ٻن جي اندر منهنجي اسڪول جا ٻار اي ۽ اي-ون گريڊ کڻڻ لڳندا ان ڪانپوءِ اسان ڪاليج شروع ڪنداسين ۽ پوءِ يونيورسٽي تي ڪم ڪنداسين.

**زاهده ابڙو: سنڌ جي تعليم کي توهان ڪيئن ٿا جاچيو. ڇا سنڌ جي ننڍين ڳوٺن ۾ تعليم جو اهو معيار آهي جيڪو توهان پنهنجي اسڪول ۾ پنهنجي محنت سان مٿي آندو آهي ؟**

**عبدالحڪيم مهر:** بدقسمتيءَ سان پاڪستان جي چئني صوبن ۾ سنڌ جي تعليم تمام پٺتي پيل آهي. اهو آئون وثوق سان چئي سگهان ٿو ته سنڌ جي تعليم پنجاب ۽ ڪي پي ڪي کان پٺتي پيل آهي باقي هاڻي مقابلو آهي سنڌ ۽ بلوچستان جو، سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جو گهڻو سٺو نتيجو نه نڪري رهيو آهي. ڇو ته سرڪاري اسڪولن مان ايندڙ ٻار اسان وٽ جڏهن ايندا آهن ته اهي پنهنجو ٽيسٽ پاس نه ڪري سگهندا آهن. پنجون درجو پاس ڪيل ٻار سمجهو ته پهرين درجي جي لياقت رکي ٿو. جيڪي ٻار سرڪاري اسڪولن مان داخلا لاءِ اچن ٿا انهن کي داخلا ڏيڻ به مسئلو ته نه ڏيڻ به مسئلو آهي. منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن نيو فائونڊيشن پبلڪ اسڪول نه هجي ها ته اهي ساڍا اٺ سئو ٻار تعليم کان محروم رهن ها يا انهن مان وڏ ۾ وڏ اٺ کان ڏهه سيڪڙو ٻار شهرن ۾ وڃي تعليم حاصل ڪري سگهن ها ۽ باقي ٻيا ٻار وڃي ٻني ٻارو ڪن ها.

**زاهده ابڙو: ڇا توهان جو اسڪول مڪمل طور تي مفت تعليم مهيا ڏو ڪري يا ٻارن ڪان نالي ماتر في ورتي ٿي وڃي؟**

**عبدالحڪيم مهر:** اسان جو اسڪول مڪمل طور تي مفت تعليم فراهم ڪري رهيو آهي. شروع ۾ اسان اسڪول جي بلڊنگ ۽ استادن جي سهولت فراهم ڪئي، جنهن ۾ شاگرد پنهنجا ڪتاب ۽ يونيفارم پاڻ وٺندا هئا، پر جڏهن ڪان وٺي اسان SEF سان پارٽنرشپ ڪئي آهي تڏهن ڪان ٻارن کي ڪتاب مڪمل طور تي مفت فراهم ڪيا وڃن ٿا ۽ يونيفارم اسان انهن ڏهه ڪان ويهه سيڪڙو غريب شاگردن کي مفت فراهم ڪندا آهيون جيڪي انتهائي غريب آهن.

**زاهده ابڙو: سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي اسڪول آهن جيڪي SEF جي پارٽنرشپ ۾ هلي رهيا آهن، توهان انهن جي معيار کي پنهنجي اسڪول جي معيار سان ڪيئن ڀيٽيندا.**

**عبدالحڪيم مهر:** گذريل سال SEF جي اسيسمينٽ ۾ پنجيتاليهه اسڪول ٽاپ تي آيا هئا جن جي ڪارڪردگي بهتر آهي ۽ انهن ۾ اسان جو اسڪول ٽاپ ٽين ۾ شامل آهي. ڪيترا اسڪول آهن جيڪي شهرن جي ويجهو آهن انهن کي استادن جي ڀرتي جو ڪوبه مسئلو ناهي پر اسان شهر ڪان تمام پري آهيون اسان جي لاءِ ڪيترائي مسئلا آهن ان حساب سان مان سمجهان ٿو ته اسان جي ڪارڪردگي گهڻي بهتر آهي. منهنجي ڪوشش اها آهي ته SEF جي پارٽنرشپ ۾ اسان هڪ سال ۾ جيترو پاڻ کي بهتر ڪيو آهي ٻئي سال ۾ اسان ان ڪان به وڌيڪ ڪم ڪريون ۽ ائين سان ٽاپ ڪريون.

**زاهده ابڙو: ان جو ڪهڙو سبب آهي ته ٻيا اسڪول جيڪي SEF جي پارٽنرشپ ۾ هلي رهيا آهن انهن جي ڪارڪردگي اڃان متاثر ڪندڙ نه آهي.**

**عبدالحڪيم مهر:** مون ڪيترائي اهڙا اسڪول پاڻ وزٽ ڪيا آهن ۽ منهنجو خيال آهي ته انهن ماڻهن جي گهر جا خرچ به انهن اسڪولن مان نڪرن ٿا، پر منهنجي اسڪول ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪونهي ۽ انهن جي سيڙپ صرف اهائي آهي جيڪا SEF جي طرفان رقم مهيا ڪئي ٿي وڃي، جنهن سان هو وڌيڪ اسڪول جي پروجيڪٽ کي وڌائي نٿا سگهن. SEF جون گهرجون اهي آهن ته نوان ڪمرا اڏيون، آڊيو وڊيو ليب هجڻ کپي، سائنس ۽ ڪمپيوٽر ليب لاءِ ڌار ڪمرا هئڻ کپن. هاڻي اهڙا ماڻهو جيڪي محدود آمدني ۾ اسڪول هلائي رهيا آهن انهن جي لاءِ اسڪول کي جلد وڌائڻ ممڪن ڪونهي. خدا جي مهرباني آهي جو مون وٽ ايترا وسيلا هئا جو مون اسڪول مٿان سيڙپڪاري ڪئي.

**زاهده ابڙو: سنڌ حڪومت کي توهان پرائمري تعليم جي سڌاري لاءِ ڪهڙي تجويز ڏيڻ چاهيندا.**

**عبدالحڪيم مهر:** سنڌ جي نئين تعليم جي وزير جا ڪجهه ڪنيل قدم ڏاڍا اميد ڏياريندڙ آهن، پر ان هوندي به اڃان سنڌ حڪومت کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بنائڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. شهرن ۾ هڪ اسڪول جو ٻيو متبادل موجود آهي پر ٻهراڙيءَ ۾ سواءِ ان هڪ اسڪول جي ٻيو ڪو سهارو ڪونهي. اسان جي ستر سيڪڙو آبادي ٻهراڙيءَ ۾ رهي ٿي. انهن جي تعليم جي مسئلي کي حل ڪرڻ جنهن ۾ اسان جو پنجاهه سيڪڙو ڇوڪرين جو موجود آهي انهن کي تعليم يافته بنائڻ انتهائي ضروري آهي. خاص طور SEF جو ادارو جيڪو سنڌ حڪومت وٽ موجود آهي ان مان وڌ ۾ وڌ فائدو ورتو وڃي، ٻهراڙيءَ ۾ ڪيترن ئي اسڪولن جون سٺيون عمارتون موجود آهن، پر اهي بند پيون آهن، اهڙن اسڪولن کي فنڪشنل ڪيو وڃي. منهنجو خيال آهي ته ٻن ٽن سالن اندر SEF جيڪا پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاري آهي ان سان اهو سنڌ جي تعليم لاءِ هڪ وڏي اميد بڻجي ويو آهي. SEF جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ميڊم ناهيد شاهه دراني جڏهن ڪان آئي آهي هن اڻٿڪ ڪوششون ڪري سنڌ جي تعليم لاءِ عملي ڪم ڪيو آهي. ڪيترن ئي گوسٽ اسڪولن ۽ انهن جي پارٽنرن کي اڳيان آندو اٿس. ان سان حقيقي ماڻهو سامهون آيا آهن، جيڪي ماڻهو سٺو ڪم ڪري رهيا آهن انهن کي وڌيڪ پروجيڪٽ ڏنا پيا وڃن. اسڪول اسيسمينٽ ۽ ويليڊيشن جو پروگرام تمام سٺو آهي. SEF جي آڊٽ ٽيم ايندي آهي جيڪا آڊٽ ڪندي آهي، جنهن ڪانپوءِ اسان کي سبسڊي ڏني ويندي آهي. سنڌ حڪومت کي هڪ مڪمل سنجيده تعليمي نظام آڻڻو پوندو جنهن ڪانپوءِ سنڌ جي تعليم کي مثبت رخ ڏيئي سگهجي ٿو.

**زاهده ابڙو: توهان پنهنجي اسڪول جو سسٽم هلائڻ لاءِ ڪهڙا معيار مقرر ڪيا آهن.**

**عبدالحڪيم مهر:** جڏهن اسڪول وڌڻ لڳو ته تعليمي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ سوال اٿڻ لڳا ان ڪري اسان سٺن اسڪولن ۾ جيڪي به هلندڙ روايتون هيون انهن کي کنيو، ان لاءِ اسان اينگرو فائونڊيشن جي ٽيم ڪان به تمام گهڻي مدد ورتي. جنهن ۾ پهريون ڪم اسان اهو ڪيو ته اسڪول کي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ٻن سيڪشنن ۾ ورهايو. هر سيڪشن ۾ ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ پرائمري ليول تي ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي سليبس جي پوري ٿيڻ سان گڏوگڏ امتحان ۽ ٽيسٽ جا نتيجا ڏسندا آهن، ان ڪان علاوه روز جون ٿيندڙ سرگرميون به جاچيندا آهن. اهي پنهنجون رپورٽون سيڪشن هيڊ کي موڪليندا آهن ۽ انهن رپورٽن مطابق جيڪي خال هوندا آهن انهن جو تجزيو ڪيو ويندو آهي ۽ انهن کي پرڻ لاءِ ايڪشن پلان ٺاهيو ويندو آهي. اسان جي اسڪول جو ساليانو پلان ٺهيل آهي ۽ ان جو هر مهيني جو بريڪ اپ هوندو آهي ان کي ڪٿي اسان هلون ٿا. ان سڄي نظام کي ڪٽي هلڻ سان اسان نظام ۾ تڪڙي بهتري آندي آهي. اسان جي هر ٻار جو اسيسمينٽ رڪارڊ مينيوئلي ۽ اليڪٽرانڪ ڊيٽا ۾ محفوظ آهي. جنهن جي مدد سان اسان ڪنهن به ٻار جي ڪارڪردگي منٽن ۾ ڏسي سگهون ٿا. ان رڪارڊ ڪيپنگ سان اسان کي ٻار جي هر سبجيڪٽ ۾ ان جي ڪارڪردگي جي به خبر پوي ٿي نه رڳو ٻار جي پر استاد جي ڪارڪردگي جي به خبر پوي ٿي.

**زاهده ابڙو: والدين لاءِ ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندا؟**

**عبدالحڪيم مهر:** والدين لاءِ اهو پيغام ڏيندس ته هو پنهنجن ٻارن کي تعليم ضرور ڏيارين چاهي انهن کي نوڪري ملي يا نه ملي. مائٽن کي نااميد بلڪل نه ٿيڻ گهرجي. مون پنهنجي ڪميونٽي مان پنهنجن ٻارن کي پڙهائي هڪ مثال قائم ڪيو آهي منهنجا ٻار سي ايس ايس به آهن ۽ ڊاڪٽر به آهن اهي جڏهن پنهنجي ڪميونٽي ۾ وڃن ٿا ته انهن کي ڏسي ٻين ماڻهن کي به اتساهه پيدا ٿئي ٿو. والدين کي گذارش آهي ته هو پنهنجين نياڻين کي ضرور پڙهائين ڇو ته هڪ نياڻي جو پڙهڻ هڪ خاندان جو پڙهڻ آهي.


### شخصيت

# صوفي رمزن ۾ رنگيل منور علي مهيسر

ساگر صفي الله شر

## ”ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنجَ، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهارَ جي“

شاهه سائين جي هن بيت ۾ ڪيتري نه سچائي آهي ته هر ماڻهو سهڻو (ڪردار ۾) نه هوندو آهي ۽ هر پکي هنج نه هوندو آهي. انسانيت سان چاهه رکندڙ ۽ ماڻهن جون دليون منور ڪندڙ فقير منور علي مهيسر به اُنهن آڳرين تي ڳڻجندڙ شخصيتن مان هڪ آهي، جيڪو پنهنجي وجود ۾ سنڌ جو جيئرو جاڳندو سپوت آهي، جيڪو هميشه صوفي رمزن سان ٽمٽار ۽ انساني خدمت جو جذبو ساڻ رکي ٿو. منور علي مهيسر جو تعلق اُن بزرگ ۽ صوفي گهراڻي فقير هادي غمڪسار سان آهي جنهن هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي کان وٺي انسانيت جي خدمت ڪندي ماڻهن کي پاڻ ۾ ٻڌي، امن ۽ ڀائيچارو قائم رکڻ ۽ حقيقي مالڪ جي عبادت ڪرڻ لاءِ درس ڏنو. فقير منور علي مهيسر خيرپور ضلعي ۾ تعلقي ڪنگري جي ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ فقير حافظ علي حسن مهيسر جي گهر ۾ جنم ورتو، جنهن پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ باوجود پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي ۽ اڄ سندس اولاد پنهنجي محنت سان وڏن عهدن تي پهچي عوامي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. فقير منور علي مهيسر هن وقت اوقاف کاتي سنڌ جو چيف ايڊمنسٽريٽر آهي. اِن کان علاوه هُن پنهنجي سروس ڪيريئر جي شروعات 1991ع ڌاري ڪميشن پاس ڪري مختيارڪار جي پوسٽ کان ڪئي ۽ ايس ڊي ايم، ڊي ڊي او روينيو، ڊي او روينيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر کان ٿيندو سيڪريٽري ليول جي عهدي تي پهتو آهي، جنهن جو رڪارڊ سڀني جي سامهون آهي ته هُن ڪڏهن به پوسٽ ۽ عهدي جو ذاتي فائدو نه ورتو ۽ جنهن به کاتي توڙي اداري ۾ رهيو اُن جي ڀلائي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪيو ۽ عوامي خدمت کي ئي پنهنجو فرض سمجهيو آهي. منور مهيسر ڀائرن ۾ ٽيون نمبر ڀاءُ آهي، سندس وڏو ڀاءُ الطاف حسين عرف شير علي مهيسر اسٽيٽيڪل آفيسر طور خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي، ٻيو ڀاءُ ناميارو قانوندان شفقت علي مهيسر جيڪو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جو ڪيترائي ڀيرا صدر رهي چڪو آهي. فقير منور علي مهيسر پرائمري تعليم ڳوٺ رفيق مهيسر، ميٽرڪ گورنمينٽ ناز هاءِ اسڪول، انٽر سپريئر سائنس ڪاليج خيرپور مان پرائڻ بعد اعليٰ تعليم شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۽ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد مان حاصل ڪئي. پاڻ پنهنجي گهرواري سان هڪ خوشگوار زندگي گذاري رهيو آهي، کيس ٽن پٽن ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي. انسانيت سان پيار، صوفي ازم جي پرچارڪ، ثقافت، ادب، ملهه ملاکڙن، تاريخ ۽ ڪتاب پڙهڻ سندس نمايان مشغلا رهيا آهن، هو راڳ جو بهترين ڄاڻو آهي ۽ کيس مختلف وقتن تي جهونگاريندي پڻ ڏٺو ويو آهي، سندس خيال آهي ته انسان سڀ برابر آهن اونچ نيچ اميري غريبي وارو فرق نه رکڻ گهرجي. فقير منور علي مهيسر حضرت قلندر لعل شهباز کان وٺي ڀٽائي سرڪار، روحل فقير، ٻيدل فقير، سچل سائين، ريجهل شاهه، بيدل بيڪس سميت سمورن صوفي بزرگن ۽ اوليائن جو پانڌيئڙو آهي، هو درگاهن تي وڃي روحاني سڪون ماڻي ٿو. اوقاف کاتي ۾ چيف ايڊمنسٽريٽر جي پوسٽ سنڀالڻ کانپوءِ هُو سنڌ اندر درگاهن جي بهتري ۽ اُتي زائرين جي سهولت لاءِ انتظام سڌارڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي ۽ هو کاتي جي ملازمن جي ڀلائي لاءِ پڻ ڪم ڪري رهيو آهي. هُن لاءِ مشهور آهي ته جنهن به کاتي مان پوسٽ ڇڏي بدلي ٿي ويندو آهي ته اسٽاف جا ماڻهو ڪانئس روئي موڪلائيندا آهن ۽ هو ساڻن هميشه ناتو رکندو آهي پوءِ جتي به هُجي. منور علي مهيسر ڪچهرين جو ڪوڏيو جتي ويندو اُتي محفلون مچي وينديون ۽ صوفي راڳ سميت نڙ بيت ۽ سگهڙائپ جون نشستون شروع ٿي وينديون. هو جڏهن به پنهنجي ڳوٺ موڪلن ۾ اچي ٿو ته وڏي انگ ۾ سندس دوست، پرين پيارا، امير توڙي غريب ساڻس ملڻ لاءِ پهچي وڃن ٿا ۽ رات دير تائين ڪچهريءَ جو سماع رهي ٿو ۽ سندس اوطاق تي ماڻهن جي ڀيهه رهندي آهي. تازو هُن حضرت قلندر لعل شهباز جي شاعري جو ڪتاب ”مي رقصم فيض قلندر“ اوقاف کاتي سنڌ پاران ڇپرايو آهي، هي قلندر جو ڪتاب جيڪو فارسي ٻولي ۾ آهي جنهن جو ترجمو انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ ڪيو ويو آهي، هُن



ڪيترن ئي سنڌي چئنلن تي صوفي پروگرامن ۾ گهڻو وقت ڪمپيئرنگ جا فرض پڻ نڀايا آهن، جنهن ذريعي هو مختلف درگاهن تي وڃي صوفي راڳين سان محفلون منعقد ڪندو هو، هو تصوف جو سٺو ڄاڻو آهي. فقير عبدالرحمٰن مهيسر المعروف فقير هادي غمڪُسار جي درگاهه جو ساليانو عرس مبارڪ 23 جمادي الاول کان 3 ڏينهن جاري رهندو آهي، جتي سنڌ جي مختلف درگاهن جا فقير وڏي انگ ۾ اچي عقيدت جا گل نڇاور ڪندا آهن. ان موقعي تي ادبي محفلون، صوفي راڳ رنگ ٿيندو آهي، جنهن ۾ صوفي مذهب جي پرچار ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهن کي امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو ويندو آهي. عرس جا انتظام ٽئي ڏينهن فقير منور علي مهيسر، سندس ڀائر، مٽ مائٽ ۽ فقير سنڀاليندا آهن. فقير منور علي مهيسر اهو انسان آهي جنهن سان غريب طبقو پيار ڪندو آهي اهڙيون صوفي رمزون صرف هن فقير منش انسان ۾ ئي هونديون آهن، جيڪو وڏو عهدو هجڻ باوجود غريب ماروئڙن سان بي انتها محبت ڪري ٿو. هن نفسا نفسيءَ جي دور ۾ ماڻهو جتي ملڪيتون ڏاهڻ ۾ پورا آهن اُتي کيس ملڪيت بدران ماروئڙن جو فڪر هوندو آهي. فقير منور مهيسر پاڻ توڙي سندس ڀائر پنهنجي درگاهه تي ويراڳ ڳائي ذهني سڪون ماڻيندا آهن ۽ اهو ويراڳ سالن کان جاري آهي، هونئن به مهيسر برادري جي لاءِ اهو عام آهي ته هو فقيري سان گڏ سگهڙ، شاعر ۽ وڏا عالم ۽ دين جي خدمت ڪرڻ وارا آهن، مهيسر برادري جي عالمن جي لاءِ اهو مشهور آهي ته هو پاڳاري خاندان جا ديني استاد آهن ۽ پاڪ ڪتاب اڪثر پاڳاري خاندان جي سمورن رهندڙ پاڳارن ۽ انهن جي اولاد کي به پڙهايو آهي، جڏهن ستون پاڳارو پير شاهه مردان شاهه پنهنجي لکيل محفلن ۽ ڪچهرين ۾ اهو چوندو هو ته اسان جا مهيسر استاد خاندان آهن جن اسان کي قرآن پاڪ پڙهايو آهي ۽ انهن جي دلي عزت ڪندو آهيان. منور علي مهيسر جا خاندان وارا اڪثر فقير سڏائيندا آهن هنن ڪڏهن به پنهنجي در تي آيل کي خالي نه موٽايو آهي.

ڪتاب تي تبصرو

# ”مان موڪي ۽ مڪلي“ نسيم بلوچ

مسافر هاليپوٽو




سنڌيا پبليڪيشن حيدرآباد طرفان تازو ئي نسيم بلوچ جي شاهڪار نظمن جو مجموعو (مان موڪي ۽ مڪلي) ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. جنهن جو مهاڳ ادي گلشن لغاري لکيو آهي. هي ڪتاب 96 صفحن تي ٻڌل آهي ۽ ڪتاب جي قيمت 200 رپيا آهي.

نسيم بلوچ هڪ سچو ۽ کرو شاعر آهي جنهن وٽ نه صرف شاعري ۾ ماڪيءَ جي ميناج آهي پر سندس شعرن ۾ گلابن جو هڳاءُ پڻ آهي. ساڻس گفتگو دوران لڳندو آهي ته سندس لفظ گلابن جون ڪليون آهن ۽ انهن مٿان مرڪن جا رنگين پوپٽ پيا اڏامندا هجن، سندس شاعراڻي طبيعت ۾ جذبن ۽ احساسن جا معصوم ٻارڙا ڪيڏندا ڏٺا اٿم.

نسيم بلوچ انهن شاعرن منجهان آهي جيڪي ڌرتي، قوم ۽ تاريخ جا امين سڏيا آهن، اهو ان ڪري ٿو چوان جو سندس پهرئين ڪتاب جو عنوان ئي آهي ”مرڪ مهانگي نه ٿئي“ انهيءَ ڪتاب جا ٻه ايڊيشن آيا ۽ مارڪيٽ مان اڻ لڀ ٿي ويا. اها نسيم بلوچ جي ڪيل ڪم جي سوڀ ۽ مڃتا آهي. ان کانپوءِ سندس ٻيو ڪتاب آيو جنهن جو نالو پڻ نرالو ۽ وڻندڙ آهي ”خوابن جو لانگ مارچ“ جيڪو پڻ مارڪيٽ مان ڪونه پيو ملي.

اسان جي سنڌي سماج ۾ مڃتائن جو فقدان رهيو آهي هتي عظيم شخصيتن کي ورسين ۾ ياد ڪيو ويندو آهي، حياتيءَ ۾ وساري ٻي يارو مددگار ڇڏيو ويندو آهي، پر نسيم بلوچ اهو خوشنصيب شاعر آهي جو ڪيس پنهنجي حياتيءَ ۾ مڃتا ۽ محبتن جي ايڏي وڏي موٽ ملي آهي.

سنڌ جي علمي ادبي تاريخ ۾ نسيم بلوچ اهو شاعر آهي جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ واسين لاءِ ظاهري اکين ۽ چپن سان مرڪي ٿو، دل ۽ روح جي اکين سان روئي ۽ رڙي ٿو.

نسيم بلوچ جي قلم جي نوڪ سان ڦٽن جا مرهم سرجن ٿا، سندس باري ۾ اها ڳالهه سندس نئين ڪتاب ”مان موڪي ۽ مڪلي“ پڙهڻ کانپوءِ لکي اٿم. اهو خوبصورت نظمن تي ٻڌل هڪ بهترين شعري مجموعو آهي جنهن ۾ پاڻ تمام سادن لفظن جو استعمال ايڏو ته سهڻي انداز ۾ ڪيو اٿس جو پڙهڻ واري کي مزو اچي وڃي ٿو.

”روز زمانو زنجيرون ٿو جوڙي مون لئه
وقت جي هن پونئر ڪڙي کي
ڦرندي ڦرندي ٽڪ ٽٽو ٿئي!!
ڏور ڪٽان ڪو لقا جو آواز ٿو گونجي
ان ۾ سارو درد سمايل
تنهنجو آ يا منهنجو آ“

نظم حوالو: تنهنجو منهنجو درد!! ڪتاب: ”مان موڪي ۽ مڪلي“ صفحو 31.

نسيم بلوچ جي نظمن ۾ روڊ تي پٿر ڪُٽيندڙ ڪولهڻ جي رتو رت ٿيل هٿن جا عڪس به آهن ته مڪليءَ جي ماڙارن ۾ دفن ٿيل تاريخ جي ڪردارن جا نياءَ ۽ انياءَ به پسيا اٿم... وٽس ذات سان گڏ ڏانءُ به سمنڊ جي ڇولين جيان ڇُلندو ٿو رهي، رشتن ناتن جي احساسن کان وٺي محبتن جي پويترتائن جا سمورا احساس اولاد جيان پلجن ٿا، جتي هو پنهنجي اندر ۾ حوصلن جا همالیہ رکي ٿو ته ان ئي اندر ۾ ڌرتي، قوم ۽ تاريخ جي اذيتن جا انبوهه به رکي ٿو. سندس شعر ڪردارن جي گفتگو ئي لڳندا آهن پاڻ ڪٿي مڪليءَ جي ماڙارن سان ڳالهيون ڪري ٿو ته:

”مڪلي منهنجي محبوبہ...
۽ منهنجو من به مڪلي جهڙو.
جڏهن توکي هينئن چيم،
مرڪي تو ته وراڻيو سائڻ
تون ئي سڀ ڪجهه تون ئي راڻو،
منهنجو تو سان آهي ماڻو.
هو آ مڪلي خلموشي جي،
تون ته نسورو ساز جيان آن.
هڪ انوکي راز جيان آن،
توکي ڪيئن وساريان سائين.
تو سان هر پل گهاريان سائين،
مون کي دور تون سمجهين ڇو ٿو.
مڪلي منهنجي محبوبہ...“

”نظم: مڪلي منهنجي محبوبہ!!، صفحو 35، ته ڪٿي ڪنهن پينو فقير جي خالي ڪشڪول سان رت هاڻيون رهاڻيون ٿو رچي.

”دنيا دم گذر... او بابا!! دنيا دم گذر!!
فقير کي ڪو پنج ڪٽي ڏئي
دنيا دم گذر... او بابا!! دنيا دم گذر!!

نظم: هڪ گمنام فقير جي دعا!! صفحو 63، ته ڪٿي سندس شعر وينگس جي وارن جا وراڪا ٿا لڳن ته وري ڪٿي سندس نظم سنڌ جي سُڪي ويل واهن جي ترن ۾ پيل ڏارن جا نوحه ٿا لڳن...

اڄڪلهه سنڌ ۾ شاعرن جي هڪ وڏي کيپ وڏي ۽ ويجهي رهي آهي انهن ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا شاعر اهڙا آهن جيڪي ذات جي ديويءَ سان سچائيءَ جا ناتا جوڙي پنهنجي ڌرتيءَ ۽ قوم لاءِ شعور ۽ سُرت جي لاٽ ٻڌجي ٻرندا ٿا رهن ۽ تاريخ ۽ محبتن جا امين ٻڌجي لکندا ٿا رهن... نسيم بلوچ انهن تمام ٿورن شاعرن مان هڪ آهي، پاڻ پلي ڪنهن کان به متاثر هجي يا نه به هجي پر مون کي نسيم بلوچ جي لکڻ جو انداز سنڌ جي گهڻن شاعرن کان ڌار ۽ نرالو لڳو آهي. سنڌ جي هاڻوڪين حالتن ۾ ”مان موڪي ۽ مڪلي“ جهڙن ڪتابن جي تمام گهڻي گهرج آهي. آئون يقين سان چوان ٿو ته نسيم بلوچ جا شعر ۽ نظم سنڌي قوم جي ايندڙ نسلن لاءِ حق، سچ ۽ شعور جا پڙاڏا ضرور بڻيا... مون کان سندس ذات، ڏانءُ ۽ ذات تي پورو لکجي ناهي سگهيو ان لاءِ آئون ڪانئس معافي جو طلبگار آهيان.

ماهوار منگريون همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

حصو چوڏهون

# اداس موسم

اعجاز منگي

مان پنڌ ڪرڻ جو شوقين آهيان پر شرط آهي تہ رستو خوبصورت هجي ساوڪ هجي ۽ وڻ هجن پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو گهمندو آهيان ٿڪبو بلڪل ناهيان. پنهنجي ننڍڙي شهر جي ٻاهران باءِ پاس روڊ ٺهيو هو شام ٿيندي ئي نڪري پوندو هئس چار پنج ڪلو ميٽر ساندهہ سفر ڪري اچي گهر موٽبو هو، گرمي سخت هوندي هئي پگهر ۾ جسم شل ۽ ٿڪل پر پوءِ جيڪڏهن ڪو يار گهمڻ لاءِ اچي چوندو هو تہ سندرو ٻڌي وري نڪري پوندا هئاسين ۽ وري هل هلان گهمڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. خير ڳالهيون ڪٿان ڪان وڃي ڪٿي ٿيون نڪرن فلورنس مان پنهنجي ڳوٺ اچي پهتس. ارنو ندي جي ڪناري آواره گردي ڪندي حُسن جا جام اکين سان پيئندي واپس اچي سينٽر تي پهتاسين هڪ چوڪ هو هر طرف ڇهڇٽو لڳو پيو هو سج جي روشني ۾ جوان ڇوڪرين جا جسم ۽ منهنجا جذبا چمڪن پيا مون آئس ڪريم ورتي. آئس ڪريم مون ڪي ڪا خاص ناهي وڻندي پر هڪ نئين شيءِ جو مزو وٺڻ لاءِ اتان جي آئس ڪريم جو ذائقو ڏسڻ ٿي گهريم. آئس ڪريم جي قيمت 11 يورو هئي. پاڪستاني 1200 رپيا پر آئس ڪريم ڪائي مزو اچي ويو ڏاڍي زبردست هئي.


اتان ڪانپوءِ مائيڪل اينجلو اسڪوائر ڏانهن پنڌ شروع ڪيوسين. هتي اٽلي ۾ ٻوليءَ جو ڪوبہ مسئلو ناهي، اڪثر ماڻهو انگريزي سمجهن ٿا. رستو ڇڙهندي اڳتي وڌندا وياسين ساڳيو ارنو ندي جو ڪنارو هو ۽ ساڳيا پڪي پيا اڏامن، اڇا اڇا خوبصورت ۽ سندن اڏام ڪافي هيٺ هئي. ڪڏهن ڪڏهن ندي جي پرسان ريلنگ تي اچي ويهن ٿا پر ڪين ڪوبہ خوف نہ هو تہ ڪين ڪو نقصان پهچائيندو، هو بلڪل آرام سان اڏامندا وتن، رستن تي گهمندا وتن ۽ وري اڏاميو وڃن پر شايد ڪين خبر آهي تہ ڪين ڪوبہ نقصان نہ پهچائيندو. گهمندا رهياسين پر پنڌ ڪافي هو ۽ رستو بہ خوبصورت هو. ان ڪري ٿڪ جو احساس ئي نہ ٿيو ۽ نيٺ وڃي مائيڪل اينجلو اسڪوائر تي پهتاسين، پر اسڪوائر تہ ڪافي مٿي هو. مٿي ويندڙ ڏاڪڻين جي ٻنهي طرف ريلنگ هئي ۽ ريلنگ جي پرسان ول ۽ گل رکيل هئا.

مٿي وڃڻ وقت هڪ ننڍو آبشار نظر آيو ۽ آبشار جتي ڪري پيو، اتي ننڍڙو تلاءُ ٺهيل هو ۽ تلاءُ ۾ بدڪون پيون ترن، اڇيون ۽ اجريون بدڪون.

ڏاڪڻيون چڙهڻ وقت پاڻ ڪي تہ ڪوئي ٿڪ نہ ٿيو پر اهي جيڪي گهٽي گهمڻ جا عادي ناهن اهي سهڪي پيا پون انهن ڪي انهن جا ساٿي ٻانهن ۾ پري مٿي وٺي پيا وڃن، اهڙو سفر تہ شايد ڪٿي ئي نہ. گرم گرم ساهن جي هلچل ۽ نرم نرم جسم جو ڇهاءُ سردي واهہ ڇا تہ وڻندڙ سفر ٿي پوي ٿو. هڪ الهڙ نوخيز ڪا صفا هلڻ ڪان نابري واري ويٺي هئي پوءِ قرآن يا بائبل جو قسم ڪنيو هئائين تہ ڇا بہ ٿي پوي ان ڪان مٿي نہ چڙهندس، سندس ساٿي ڪيس ٻانهن ۾ ڪنيو پوءِ تہ ٻنهي جا ٽهڪڙا ئي ٽهڪڙا هئا اسان جهڙا گهٽائي مرڪن پيا. زندگي ڪيڏي نہ خوبصورت آهي جيڪڏهن امن آهي پريشاني ناهي. مٿي پهتس تہ هڪ وڏو خالي ميدان هو جتان فلورنس جو نظارو ڪري سگهجي پيو. هڪ ڳالهہ جو اندازو يورپ ۾ اچي شديد ٿيندو آهي تہ ماحول انتهائي صاف سٿرو آهي ساهہ کڻ تہ تازگيءَ جو احساس ٿيندو آهي هڪ خاص خوشيءَ جو احساس رهندو آهي ۽ ٻئي لمحي دل اداس بہ ٿي ويندي آهي تہ اسان وٽ اهي شيون ڇو نہ آهن اسان وٽ غربت ۽ بيوسي آهي ٻڪ وگهي ٻار پيا مرن اسپتال پهچڻ کان اڳ ۾ ئي بيمار دم ٽوڙيو وڃهن جي پهچن ٿا تہ دوائن جي ڪوٽ يا وري ڊاڪٽر آهن ئي ڪونہ. شڪارپور ۽ سيوهڻ ۾ بم ڌماڪا ٿيا گهٽيون جانيون ان ڪري ضايع ٿي ويون جو اتي نہ ڊاڪٽر هئا نہ سهولتون ۽ نہ دوائون عجيب قيامت جا منظر هئا. مون ڪي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ناهي ايندي تہ اها حڪمرانن جي بيحسي آهي يا اسان عوام بيوقوف آهيون اسان ۾ اهو سياسي شعور ڇو نٿو پيدا ٿئي تہ اسان ڪي پنهنجي سياسي سوچ ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي خير اهو سياسي بحث ڪافي ڊگهو ٿيندو ويندو في الحال ان ڪي اتي ئي ٿا ڇڏيون نہ تہ ڪافي ڊيگهہ ٿي ويندي. ڳالهہ پئي ٿي صاف سٿري آب هوا جي جنهن جو وڏو سبب شايد هتي تمام گهٽي وٽڪار آهي، ٻيهي فلورنس ڪي ڏسان پيو تہ ساوڪ ۾ ڪا ڪا عمارت نظر اچي پئي نہ تہ سمورو شهر ساوڪ سان پريل پيو نظر اچي، اها ڏاڍي زبردست شيءِ آهي.

زندگي جيان شهر بہ ساوڪ سان پريل هجي نہ تہ رڻ ۽ رڃ نظر ايندي آهي. اسڪوائر تي مٿي ڊيوڊ جو مجسمو نصب ٿيل هو پر اصل ڊيوڊ جي ڪاپي هئي، ڇو تہ اتي سندس مجسمو سائو هو ۽ سندس جسامت بہ اصل ڊيوڊ کا ڪافي ننڍي هئي. ڊيوڊ جون ڪاپيون فلورنس ۾ جڳهہ جڳهہ تي نصب ٿيل نظر ايندون آهن. ڇا اسان وٽ اهو نٿو ٿي سگهي تہ اسان بہ جيڪي شهپارا آهن انهن جون ڪاپيون ٺاهي چوڪن ۽ چوراهن تي نصب ڪيون. جيئن موهن جي دڙي جي ناچڻي جون مورتيون هجن. مون ڪي هڪ ڳالهہ تي حيرت ٿي تہ جيڪي هنن پٽ شاهہ تي مجسمو لڳايو آهي اهو آهي ڪنهن جو، لڳي ٿو تہ سنڌ جي ڪنهن آرٽسٽ کان نہ ٺهرايو هوندائون. اسان وٽ اهو وڏو الميو آهي تہ اسان پنهنجي ماڻهن تي ڀروسو نٿا ڪريون مهراڻ يونيورسٽي ۾ هڪ هاسٽل ٺهڻي هئي ان جو آرڪيٽيڪچر هنن لاهور مان ٺهرايو حالانڪ مهراڻ يونيورسٽي جو پنهنجو ڊپارٽمينٽ آهي ۽ سالن کان ڪم ڪري پيو خبر ناهي انتظاميہ ايئن ڇو ڪيو. هڪ دوست سان هاسٽل ملڻ ويس جتي هوا جو گذر بنهہ نہ هو ڄامشوري ۾ ڪنهن هاسٽل ۾ هوائون نہ اچن ڪيتري نہ ڏک ۽ پريشاني جي ڳالهہ آهي ۽ بهترين آرڪيٽيڪٽ هئڻ جي باوجود ٻاهرين ماڻهن کان ڪم ڪرايو. اسان وٽ شاگرد ڪوالٽي وارو ۽ ليبر سستو آهي توهان ڪين ٿورا پئسا ڏيئي تمام پلو ڪم ڪرائي سگهو ٿا ان جا بہ فائدا آهن هڪ تہ شاگردن جي ڪجهہ آمدني ٿيندي ڪين ڪتابن کان هٽي ڪري اصل ڪم ملندو، ان ڪانسواءِ انهن ۾ وڏا ڪم ڪرڻ جو اعتماد پيدا ٿيندو ۽ وڏي ڳالهہ اها تہ توهان ڪي بهترين ڪم ٿي ملندو. ان لاءِ مهراڻ يونيورسٽي سميت سنڌ جي هر اداري ڪي پنهنجي شاگردن کان ڪم وٺڻ گهرجي.

ٻي ڳالهہ اها تہ مارڪيٽ ۾ وينل ماڻهو ۽ اڪيڊميہ ۾ واسطو پيدا ٿيندو. يورپ، چائنا ۽ آمريڪا ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ وڏا وڏا ڪم شاگردن کان ڪرايا ويندا آهن. ڳالهہ ڊيوڊ جي مجسمن کان نڪتي ۽ ڪٿي کان ڪٿي وڃي پهتي. اصل ۾ مائيڪلو اينجلو اسڪوائر هڪ جبل تي ٺهيل آهي جتان پوري شهر جو نظارو ڪري



سگهجي ٿو. اسان ڪجهہ وقت اسڪوائر تي گذاريو. ان ڪانپوءِ اتي ڪائڻ لاءِ ڪجهہ وٺي هڪ بينچ تي ويهي فلورنس شهر جو مزو وٺڻ لڳاسين. هلڪي هلڪي ٿڌي هوا، هلڪي هلڪي اس، سڪون ۽ پکي ڏاڍو مزو پيو اچي. ڪافي دير ويهڻ ڪانپوءِ سوچيو ٿورو هلجي ۽ پيو جهان بہ ڏسجي ان ڪانپوءِ مان اسڪوائر کان مٿي ويندڙ رستي تي هلي پيس مٿي ويس تہ هڪڙو چرچ هو، آچر جو ڏينهن هو ان ڪري شام جي عبادت هلي پئي پاڻ ڪنهن مذهب ۽ انسان کان نفرت ناهيون ڪندا، هر انسان معتبر آهي مان چرچ ۽ مندر وڃڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس ناهيان ڪندو ان لاءِ هليو ويس. ساڳي ٽائپ جو پادري ساڳيا اطالوي ۾ ليڪچر ۽ ساڳيا پوڙها ماڻهو آخر ۾ واعظ ختم ٿيو تہ ساڳي ڪار ماڻهو قطار ٺاهي پادري وٽ پيا وڃن ۽ پادري کين واري واري سان شراب جو ڍڪ پيو پياري جنهن مان کين راحت پئي ملي. عيسائيت ۾ شراب کي حضرت عيسيٰ جي خون سان تشبيح ڏيندا آهن ۽ شراب پيئڻ کي ثواب سمجهندا آهن ۽ راهہ نجات بہ. اٽلي چرچن جو مرڪز آهي ۽ تمام گهڻا چرچ آهن ائين ڪٿي چئجي تہ هر گهٽي ۾ هڪڙو چرچ آهي پر اسان وانگر ناهن اتي ويهڻ جي جڳهہ آهي ۽ گنجائش مطابق ڪڏهن ائين ناهي ٿيو جو ڪنهن کي ويهڻ جي جڳهہ نہ ملي هجي. عبادت ختم ٿي تہ اسان بہ ٻاهر نڪري آياسين هوا ۾ ٿڌ جو احساس وڌي ويو هو هلڪي هلڪي ٿڌ پئي محسوس ٿي ان لاءِ واپسي جو سوچيوسين. واپسي جي ٽڪيٽ نہ ورتي هئي پر هتي اهڙو ڪوبہ مسئلو نہ آهي ٽرين ۾ ٽڪيٽ آساني سان ملي ويندي آهي پر هڪ مسئلو آهي تہ ٽڪيٽ مهانگي ملندي آهي جيڪڏهن انٽر نيٽ تان خريد ڪريو ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ تہ ڪافي مناسب قيمت تي ملندي آهي، پر جيڪڏهن توهان ان وقت وٺندا تہ مهانگي پوندي پر هتان وانگر پريشاني بلڪل نہ ڏسڻي پوندي جيئن عيد جي ڏينهن ۾ مون کي حيدرآباد کان اسلام آباد وڃڻو هو، يقين ڪريو ٻيڻي قيمت ڏيئي ڪافي ڪوشش ڪانپوءِ ٽڪيٽون مليون ۽ وري ٽرين جيڪا حالت ڪئي اڃان تائين ياد آهي، جن ڏينهن ۾ مان مهراڻ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هئس. لاڙڪاڻي کان ڄامشوري ٽرين تي پئي ويس مانجهند وٽ ٽرين خراب ٿي پئي گرمين جا ڏينهن هئا ڪانءُ جي اک پئي نڪري سج نيزي پانڌ لهي آيو هو، شاگردن وٽ پئسا هونئن ئي گهٽ هوندا آهن ان لاءِ اڌ ٽڪيٽ وٺندا آهن اڪانامي ڪلاس ۾ نہ پکا نہ ئي پيئڻ جو پاڻي گرمي، گهٽ، ٻوسٽ، زندگيءَ مان بيزاري محسوس ٿيڻ لڳي، ڪل پئي سڙي، استاد بخاري سان بہ ڪا اهڙي ويڌن ٿي هوندي جو لکيو هئائين:

محبوب ڇيو پهچ اچي پهتو آن
تندور هجي واهہ پچي پهتو آن
چڪچور حال ڏسي غم نہ ڪر دلبر
بهرحال تو وٽ بچي پهتو آن.

پنجن ڇهن ڪلاڪن ڪانپوءِ ٽرين نيڪ ٿي هلي، سڪ جو ساهہ کنيو ۽ رات جو ڪافي دير سان ڄامشوري پهتاسين اهڙا گهٽائي سفر آهن جيڪي ياد آهن. بہ شيون هميشہ ياد رهن ٿيون انتهائي خوبصورت سفر يا انتهائي بدترين سفر خير سوچيوسين تہ هاڻي واپس وڃڻ گهرجي رات ٿي چڪي هئي بتيون پيون ٻرن آهستي آهستي سيءُ بہ وڌڻ لڳو ماحول محبوبہ جي پهرين چمي جهڙو ٿي چڪو هو پر اسان کي واپس وڃڻو هو هميشہ ائين ٿيندو آهي جڏهن محفل مچڻ لڳندي آهي تہ واپس ئي وڃڻو پوندو آهي. ارنو ندي جي ڪناري تي ٻنهي طرفن کان روشنيون ٿي چڪيون هيون، ماحول جي خوبصورتي وڌي وئي هئي، پاڻي جي ماٺار ۽ ماحول جي سانت عجيب ڪيفيت ۽ سرور ڏيئي رهيا هئا پر ان سان گڏ اداسيءَ جو دل تي هلڪو هلڪو تهہ ڄمي چڪو هو. اداسي جي موسم هجي تہ شام اڪثر مون کي اداس ڪري ڇڏيندي آهي ڪڏهن توهان اهو محسوس ڪيو آهي تہ جڏهن خوشي پنهنجي انتها تي پهچندي آهي تہ اداسي هلڪيون هلڪيون وکون کڻي دل جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي آهي بلڪل ننڍڙي ٻار جيان، جنهن جي اچڻ جي توهان کي خبر ناهي هوندي. ڪا ياد اچي ويندي، ڪو ڏک اچي ويندو پوءِ دل تي اداسي جو هلڪو تهہ ڄمي ويندو هاڻ بہ ائين پيو ٿئي ماڻهو ۾ مدهوشي ڇانئجي وئي هئي پر مون کي واپس وڃڻو هو.

Pizzale Michelangiolo کي ڇڏڻو هو واپس هيٺ شهر پهتاسين ميلا، ملالا وڌي چڪا هئا ريسٽورنٽ جي ٻاهران پيل ڪرسين ۽ ميزن تي وائن جون بوتلون خالي ۽ گلاس ڀريل هئا جام تي جام پيا هلن مرڪن جا موتي پيا وکيرجن اسان آهستي آهستي اسٽيشن ڏانهن وڌياسين، واپس روم وڃڻو هو ۽ روم ڪانپوءِ فرانسڪاتي. ...
(هلندڙ)...

# نيو يارڪ ۾ ٽي ڏينهن

زاهده ابڙو

نيو يارڪ آمريڪا جي تمام گهڻي آباديءَ وارو شهر آهي. هن شهر جي خوبصورتي اها بہ آهي تہ هتي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي نج انداز ۾ رهن ٿا ۽ هي شهر انهن کي پنهنجو ڪري ٿو وٺي ۽ آخر اهي آمريڪن ثقافت جو حصو بڻجي وڃن ٿا. هيءَ رياست بين الاقوامي ڪاروبار، ميڊيا، فيشن ريئل اسٽيٽ ۽ تعليم جي لاءِ تمام گهڻي مشهور آهي. هتي لڳ ڀڳ 200 ڪاليج ۽ يونيورسٽيون آهن. ان ڪانسواءِ ٽوئر ازم جي لاءِ هڪ وڏي دنيا آهي هر وقت سياحن جا ٽولا JFC ايئرپورٽ (جان ايف ڪينڊي) تي لهن ٿا ۽ وري پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن اڏام ڀرين ٿا. مان بہ خوش هئس تہ هڪ سنڌ جائي نيو يارڪ ۾ هڪ سياح طور آيل آهيان ۽ انهن جاين تي گهمي ۽ ڦري رهي آهيان جيڪي بين الاقوامي طور ڄاتل سڃاتل ۽ سياحن لاءِ ڇڪ ڀريون آهن. مان صبح جي وقت گهڻو ڪري هوٽل ۾ ئي ٽي رهيس ۽ گهڻو ڪري ويهي پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن کي نوٽ ڪندي هئس. منجهند جي وقت مُرڪ يو اين کان واپس اچي پوءِ ڪنهن سياحتي ماڳ تي هلڻ جو پروگرام ٺاهيندي هئي تہ اوڏانهن ويندا هئاسين. مُرڪ کي بہ اهو ئي فڪر رهندو هو تہ پنهنجي ماءُ کي وٺي آئي آهيان تہ ڪا ڏسڻ واري جاءِ رهجي نہ وڃي سو هوءَ پنهنجي پلان مطابق ڏاڍي پابندي سان پئي هلندي هئي. ٽئين ڏينهن تي بروڪلين برج جو پروگرام ٺاهيوسين هن پل کي دنيا جي مشهور ترين پلين ۾ ڳڻيو ٿو وڃي هيءَ پل نيو يارڪ جي ٻن حصن يعني بروڪلين جتي ڪارن ماڻهن جي گهڻائي آهي ۽ ٿورو ڀڃتي ڀيل علائقو تصور ڪيو ٿو وڃي ۽ مشهور تجارتي مرڪز مينهيٽن جيڪو مهانگو ترين علائقو آهي جتي ٽائمز اسڪوائر بہ آهي کي پاڻ ۾ ملائي ٿي. 1869ع ۾ هن پل جي تعمير شروع ٿي جيڪا 1883ع ۾ ختم ٿي. هن پل جي ڊيگهہ 5989 فوٽ ۽ ويڪر 85 فوٽ آهي. هيءَ دنيا جي شاهڪار پل تعميرات جي ماهر جان آگسٽس روبلنگ جي جوڙيل آهي. هتي روز هزارين سياح اچي پير پائين ٿا ۽ پنهنجي اکين ۾ بروڪلين جي خوبصورت يادن کي سهيڙي کڻي وڃن ٿا. هيءَ پل هڪ خاص انداز ۾ ٺهيل آهي. هڪ پاسي کان گاڏيون اچن پيون ۽ ٻئي پاسي کان وڃن پيون ۽ ٽيون حصو پنڌ هلڻ وارن لاءِ ٺهيل آهي جنهن جو اڌ حصو سائيڪل سوارن لاءِ خالص ڇڏيل آهي ۽ اهو ڪاٺ جي سنهين سنهين پٽين سان جڙيل آهي جنهن تي نوجوان ڇوڪريون، ڇوڪرا ۽ ٻار تيزيءَ سان سائيڪل ڊوڙائيندا ٿا وتن ۽ انهن پٽين مان هڪ خاص آواز ٿو پيدا ٿئي جيڪو روح کي ڏاڍو مزو ٿو ڏئي ۽ دل ٿي چوي تہ جيڪر خود بہ اتي سائيڪل سواريءَ جو مزو ماڻجي. ان جاءِ تي پنڌ هلڻ سان ڪو حادثو بہ ٿي سگهي ٿو اسان بروڪلين وڃڻ لاءِ مينهيٽن کان ميٽرو ۾ ويٺا هئاسين جنهن اسان کي بروڪلين برج اسٽريٽ تي اچي لاٿو، ميٽرو ايتري تہ تکڙي ٿي هلي جو پنجن منٽن ۾ هڪ چڱو خاصو فاصلو طئي ڪيو وڃي. اتان پوءِ اسان پنڌ ڪندا برج تي آياسين جتي اڳ ۾ ئي سياحن جا ٽولا بيٺل هئا ۽ فوٽو شوٽ جا سيشن هلي رهيا هئا، سيلفيون ۽ وڊيوز ڪڍي رهيا هئا. برج تي گاڏيون ڏاڍي آرام سان ٿي هليون ڪنهن کي بہ هرو ڀرو هارن وڄائيندي يا تکڙ ڪندي ڪونہ ڏٺم. اسان بہ پل تي بيهي ڪجهہ پوز هنياسين ۽ پوءِ دل تہ اهو پئي چاهيو تہ اڳتي بروڪلين هليو وڃجي پر مُرڪ چيو تہ شام جو اتي وڃڻ عقلمندي ناهي. ڇو تہ اتي سياحن سان گهڻو ڪري ڦر جا واقعا ٿيندا رهن ٿا ان ڪري ضد ڪونہ ڪيم ۽ پوءِ جنهن



رستي تان وياسين ان ئي رستي تان موٽي آياسين. اتان موٽندي آمريڪا جي وڏن شاپنگ اسٽورن مان هڪ وڏي اسٽور ”ميسيز“ تي هليا وياسين جيڪو ڇهہ منزلہ آهي، هر منزل تي مختلف قسم جون شيون رکيل آهن، مان بنيادي طور شاپنگ جي شوقين ناهيان ان ڪري اهي سڀ شيون ڏسي بہ منهنجي

دل نٿي هرڪي، ڇو تہ گهڻو ڪري اسان کي پنهنجي ضرورت موجب هر شيءِ پنهنجي ملڪ ۾ ملي ٿي وچي باقي ڪاسميٽڪس ۾ هتي شيون تمام سٺيون موجود آهن. مون پنهنجي لاءِ ڪو هينڊ بيگ پسند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪٿي شيءِ نہ پئي وڻي تہ ڪٿي قيمت اجازت نہ ڏني ۽ پوءِ ميسيز مان گهمي ٻاهر نڪري آياسين گهڻو پنڌ ڪرڻ جي ڪري ۽ سيءُ وڌي وڃڻ جي ڪري بک اوچتي اچي تنگ ڪيو ۽ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳيس تہ ڪا شيءِ کائڻ لاءِ ملي وڃي نيٺ ٽائمز اسڪوائر جي ويجهو پهچڻ تي هڪ مصري ماڻهوءَ کان "ڪارٽ فوڊ" ورتوسين، آمريڪا ۾ ڪارٽ فوڊ (گاڏي تي رکيل کاڌو) عام جام ملي ٿو جنهن ۾ گهڻو ڪري حلال کاڌو هجڻ ڪري مسلمان سياح اهو ترغيب سان کائين ٿا مون فش ۽ رائيس پسند ڪيا مُرڪ چڪن ۽ رائيس لاءِ چيس. هن اسان کان پڇيو تہ توهان ڪٿان جا آهيو مون کيس ٻڌايو تہ پاڪستاني آهيون جنهن تي هن چيو تہ پاڪستاني بہ مصرين وانگر تيز مصالحي وارو کاڌو پسند ڪندا آهن. مون کي خبر نہ هئي تہ اهو کاڌو ايترو تيز هوندو جو اسان کي اچلائڻو پوندو. هن مون کي پنهنجي طرفان هڪ ڊرنڪ گفٽ ڪئي ۽ اسان ٽائمز اسڪوائر تي پاسي ۾ رکيل ڪرسين تي ويهي ڊنر ڪرڻ لڳاسين پر پهريون گرهہ کائيندي ئي اکين مان ڳوڙها نڪري آيا ڪوشش ڪئي سون تہ ڪجهہ کائي سگهون ڇو تہ پاڪستاني هزار ٻارهن سئو رپيا هڪ ڊيل لاءِ ڀريا هئاسين، پر مرچ ايترا تہ تيز هئا جو اسان جي ملڪ جا مرچ وچي پري ويهن. الائجي ڪهڙي قسم جو مرچ استعمال ٿيل هو صفا نہ کائي سگهياسين ۽ پوءِ فيصلو ڪيم تہ اڳتي لاءِ ڪارٽ فوڊ نہ کائبو. پوءِ اتي ويهي ٿوري دير ماڻهن جي انبوهہ ۾ تفريح ڪئي سين، جتي هر ماڻهو پنهنجي ذات ۾ مگن ٿي لڳو. پوءِ اتي پنهنجي هوٽل ڏانهن موٽڻ لاءِ ورياسين تمام گهٽي ٿڌ ٿي وئي هئي مون کي بہ ڪوٽ پاتل هو ان ڪري ٻاهر گهمڻ ۾ پريشاني نہ ٿي، ان ڪانسواءِ پيرن ۾ جاگرز تمام گهڻو ڪمن ٿا اچن جڏهن توهان ٻاهر ٿا وڃو، ان وقت پيرن ۾ جاگرن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ فوٽ ويئر غلط ثابت ٿي سگهي ٿو.

بهرحال ڪمري ۾ پهچڻ سان ئي جسم ۾ حرارت بحال ٿي ۽ پنهنجي ملڪ جي گرميءَ کي ياد ڪري ائين لڳو ڄڻ تہ قدرت جي وڏين نعمتن مان هڪ نعمت اسان کي مليل آهي پر شايد اسان ان جو صحيح استعمال نہ سکي سگهيا آهيون.

نيو يارڪ جي سياحن لاءِ جتي ٻيون ڪيتريون ئي جايون آهن اتي هڪ وڏي اٽريڪشن اها بہ آهي تہ اتي ڪنهن هاءِ رائيز بلڊنگ تان وچي سڄي نيو يارڪ جو منظر ڏسجي. ون ورلڊ سينٽر جي آبزر ويٽري ۽ ايمپائير اسٽيٽ جي آبزرويٽري سيني کان وڌيڪ مشهور آهن ون ورلڊ سينٽر اها بلڊنگ آهي جيڪا ورلڊ ٽريڊ سينٽر (ٽوئن ٽاورز) جي حملي ۾ تباهہ ٿيڻ کانپوءِ جوڙي وئي آهي، جيڪا مينهيٽن جي علائقي ۾ ئي آهي جيڪا هن وقت نيو يارڪ جي ڊگهي ۾ ڊگهي بلڊنگ آهي. مون کي ان بلڊنگ ڏسڻ جو بہ اشتياق هو تہ اتان ويهي نيو يارڪ جو نظارو بہ ڪرڻ لاءِ ڏاڍي اتساهڪ هئس. هڪ ڏينهن پهرين هوٽل جي رسيپشن تي ويٺل ٻن پاڪستاني ماڻهن مان هڪ جنهن جو نالو اعجازالحسن هو ان مُرڪ کي چيو تہ ون ورلڊ سينٽر ضرور پنهنجي ماءُ کي گهمائجان. هتي ٻڌائيندي هلان تہ ان جي ٽڪيٽ چاليهہ ڊالر آهي، مطلب تہ اسان کي 80 ڊالر خرچ ڪرڻا هئا، پر مان صبح جو ڪمري ۾ ٽي وي پئي ڏٺي تہ رسيپشن تان ڪال هئي، "اعجازالحسن اسپيڪنگ، آءِ هيو ٽو پاسز فار ون ورلڊ سينٽر بٽ ريچ ديئر ايٽ فائيو پي ايم." مون کيس ٿينڪس ڪيا.



"Aijaz ul Hassan Speaking, I have two passes of one world center but reach there at 5:00 pm sharp" رسيور رکي مون يڪدم مُرڪ کي ڪال ڪئي تہ هوءَ اڄ جلدي اچي تہ جيئن اسان آبزر ويٽريءَ تي وڃي سگهون. مُرڪ بہ پنهنجي حساب سان جلدي ميٽرو بس ۾ ويني ۽ هوٽل پهتي اسان ٻئي نڪتاسين ان وقت 4:30 ٿي رهيا هئا. اسان مينهيٽن تان ويجهي ميٽرو ٽرمينل تائين جهڙوڪ ڊوڙندي ڊوڙندي پهتاسين ۽ اتي پهچڻ کان هڪ منٽ اندر ٽرين بہ اچي پهتي ۽ ٽرين ۾ ڪافي رش بہ هئي ويهڻ لاءِ جاءِ نہ ملي تہ بيهي سفر ڪيوسين ميٽرو ۾ ويهڻ بہ هڪ آرٽ آهي جيڪو اتان جي نوجوانن کي خوب اچي ٿو بنا ڪنهن سهاري جي فون هٿ ۾ ڪٽي يا سامان سوڌو بيٺا آهن. ون ورلڊ سينٽر اسٽيشن تي پهچڻ کانپوءِ ڪافي پنڌ ڪري اچي منزل تي رسياسين هڪ انتهائي اوچو ٽاور جنهن کي ڏسڻ لاءِ پنهنجو ڪنڌ تمام گهڻو مٿي ڪرڻ کانپوءِ بہ مڪمل عمارت نظر نٿي اچي ڇو تہ اسان ان جي ويجهو بيٺل هئاسين. ماڻهن جي قطار لڳل هئي، اسان بہ قطار ۾ بيٺاسين، پر مُرڪ هڪ گارڊ کي پاس ڏيکاريو جنهن تي هن چيو تہ توهان کي قطار ۾ بيهڻ جي گهرج ناهي، بس اندر هليا وڃو. اتي هڪ وڏو هال هو جنهن مان لنگهي اسان ٿورو مٿيرو هڪ ٻئي هال ۾ آياسين جتي

سياحن جون قطارون لڳل هيون. اهي قطارون سياحتي مرڪزن تي اسڪريننگ لاءِ هر جاءِ تي لڳل آهن هر ماڻهوءَ جي اسڪريننگ اهڙي تي ٿئي جهڙي ڪنهن ايئرپورٽ تي ٿيندي آهي. اسڪريننگ جا مرحلا طئي ڪري نيٺ اڳئين مرحلي تي پهتاسين جتي هڪ ٽنل (غار نما) ڪاريڊور مان لنگهي ٻاهر نڪتاسين تہ ڪجھ سيڪيورٽيءَ جي ماڻهن رهنمائي ڪئي تہ لفٽ ۾ متي وڃون. لفٽ بہ ڪافي وڏي هئي ۽ لفٽ جي ديوارن تي اندرئين پاسي اسڪرين لڳل هئا جنهن تي نيو يارڪ اسڪاءِ لائين (نيو يارڪ جون سيئي سياحتي جايون) جون تصويرون هلي رهيون هيون نہ رڳو ايترو پر لفٽ اسان کي ايتري تہ تيز رفتاريءَ سان 108 منزل تائين پهچايو جو ڪنن ۾ دٻاءُ محسوس ٿيو ۽ ڳيت ڏيئي ڪنن جو داٻ ختم ڪرڻو پيو. ان ڪانپوءِ سيڪيورٽي واري ماڻهو اسان کي هڪ جاءِ تي ڪنو ڪيو جتي هڪ پٽ جيڪا ٿري ڊي (3D) ۾ جڙيل هئي ان تي هڪ وڊيو هلائي وئي جنهن ۾ آمريڪا جا سيئي لينڊ مارڪ شوٽ ٿيل هئا، اتي مون کي ائين محسوس ٿيو تہ هڪ ٻار منهنجي اڳيان سائيڪل تي تڪڙو نڪري ويو هجي ۽ مان ان کي ڏسڻ لاءِ ڪنڌ ورائي ٿي ڏٺو تہ احساس ٿيم تہ اهو اثر ٿري ڊي ديوار هجڻ ڪري ئي هو. حقيقت ۾ ڪوبہ ٻار سائيڪل تي هتان ناهي لنگهيو.

ٻن منٽن ۾ 108 منزل تي پهتاسين جتان وري مرضي پوي تہ گائيڊ وٺي ۽ هڪ اليڪٽرونڪ اسڪرين هٿ ۾ ڪٽي پوءِ اڳتي هلجي يا توهان پنهنجي اکين سان خود مشاهدو ڪيو. اسان پنهنجي اکين تي ڀاڙڻ چاهيو، ايترا ڊالر ڪٽي تا ڏيئي سگهون هڪ غريب ملڪ جا شهري، سو اسان جي اکين بہ گهڻو ئي سٺو سات ڏنو ۽ هر شيءِ صاف صاف پئي نظر آئي. ون ورلڊ سينٽر جي ان منزل تي هر پاسي ماڻهوءَ جي قد کان ٻيٽا ٽيٽا ٿلها ۽ شفاف شيشي جا پينل لڳل آهن جن مان ماڻهو هر طرف وڃي نيو يارڪ اسڪاءِ لائين جو نظارو ڪري سگهي ٿو جيڪي عمارتون ڳاٽ اوچو ڪري ڏسڻ ڪانپوءِ بہ پوريون نٿيون نظر اچن هتان کان ننڍيون ننڍيون پيون پيائجن. آزاديءَ جو مجسمو جيڪو ڪنهن ديو جيڏو آهي هتان کان ڪنهن ننڍڙي گڏيءَ وانگي پيو لڳي. هڊسن درياھ جا ور وڪڙ هتان کان بلڪل واضح ٿا نظر اچن. نظارو اهڙو تہ پلو آهي جو ان کي ڏسڻ لاءِ ڪجھ ڏوڪڙ خرچ ڪرڻ ۾ واقعي بہ خوشي جو احساس ٿيندو. انهيءَ منزل تي ڪافي شاپس ۽ ريسٽورانٽ بہ آهن سياح هر جاءِ تي ايترا تہ آهن جو خبر پوي ٿي تہ نيو يارڪ واقعي دنيا جي ماڻهن لاءِ هڪ پرڪشش جاءِ آهي. هر پاسي کان اسڪاءِ لائين ڏسي ڏاڍو مزو آيو اهي منظر جيڪي هاليووڊ جي فلمن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن هاڻي اکين اڳيان هئا. پنهنجين اکين سان قدرت توڙي انساني جوڙيل دنيا کي ڏسڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي. شال جن جن کي گهمڻ ۽ سياحت جو شوق آهي اهي پنهنجو شوق پورو ڪن. ڇو تہ سياحت سان انسان جو شعور بہ وڌي ٿو تہ اعتماد بہ، ان کان وڌيڪ ڪين دنيا جي ٻين ثقافتن ڏسڻ جو موقعو بہ ملي ٿو ۽ پوءِ هو پاڻ کي ۽ پنهنجي رائج ثقافت جي ٻين سان ڀيٽ ڪري سگهي ٿو ۽ پاڻ ۾ گهربل تبديلي آڻي سگهي ٿو. اسان بہ ڪافي وٺي پيتي ۽ پوءِ لفٽ جي ذريعي هيٺ لهي آياسين. اتان کان 34 اسٽريٽ تي اچڻ لاءِ ميٽرو ۾ ويٺاسين. 34 اسٽريٽ تي پنڌ ڪندا ٻاهر آياسين ان ڏينهن بہ سخت سيءُ هو ٻاهر تيز هوا لڳي رهي هئي. اسان هڪ پرفيوم شاپ تي وياسين جتي ٻن انڊين سيلز مين ويٺل هئا، هن اسان کي ڪافي سٺيون ۽ نيون پرفيومز ڏيکاريون جيڪي آمريڪا ۾ تازيون آيل هيون. بهرحال مون کي منهنجي پسنديده پرفيوم Paul Smith بہ اتان ملي وئي، جيڪا هاڻي ڪافي پراڻو برانڊ ٿيڻ سبب مارڪيٽ ۾ گهٽ ملي ٿي. بهرحال مون کي ڏاڍي خوشي ٿي تہ مون کي پنهنجو پسنديده برانڊ ملي ويو. مُرڪ پنهنجي لاءِ ۽ ڪجھ تحفن ۾ ڏيڻ لاءِ پرفيوم خريد ڪيون. ان ڪانپوءِ پرفيومز جي هڪ ٻئي شاپ تي آياسين جتي بہ انڊين ڇوڪريون سيلز گرل طور ويٺل هيون، هڪ ڇوڪري مُرڪ کي ڏسندي ئي سڃاڻي ورتو ۽ ساڻس ڪچهري ڪرڻ لڳي ۽ ڪيس ڇيو تہ تون هڪ سال ڪانپوءِ آئي آهين ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي ٻواءِ فرينڊ جي باري ۾ ڪيس ٻڌائڻ لڳي. مان تہ حيران هيس سندس ياداشت تي! هوءَ مرڪ سان ايئن پئي ڪچهري ڪري جڻ سندس اسڪول جي فرينڊ هجي، ڏاڍي خود اعتماد ۽ زبردست هئي. 34 اسٽريٽ تي گهڻا ئي وڏا شاپنگ سينٽر آهن ايچ اين ايم بہ انهن مان هڪ آهي اتي آياسين جتان اسان سوئيٽر ورتا ۽ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پياسين، هلي هلي هاڻي بک جو احساس شدت سان ٿي رهيو هو. اسان کي ڪنهن صلاح ڏني هئي تہ ”ٽرڪو“ ريسٽورانٽ تي کاڌو ضرور کائي ڏسون، اها هڪ ترڪ ريسٽورانٽ آهي سو ان کي ڳولڻ لڳاسين ۽ مرڪ گوگل ڪندي ”ٽرڪو“ تي پهتي ”ٽرڪو“ هڪ ترڪش ريسٽورانٽ آهي جيڪا نائنٿ ايونيو ۽ 43 اسٽريٽ تي هئي، ان وقت اسان هيرالڊ اسڪوائر تي بيٺل هئاسين جيڪو 34 اسٽريٽ ۽ 7 ايونيو تي هو. هڪ ايونيو کان ٻي ايونيو تائين پنڌ ڪرڻ بہ ڏاڍو ڏکيو هجي ها جيڪڏهن موسم ايتري سهڻي نہ هجي ها ۽ هر طرف سياحن جا ٽولا نہ هجن ها. انهن ٻن سببن جي ڪري پنڌ تہ پنڌ نہ لڳندو هو بس تفريح لڳندي هئي. نيٺ ٽرڪو پهتاسين جتي اسان چڪن ۽ رائس ان سان گڏ ڏهيءَ ۾ اخروٽن سان ٺهيل رائتو ۽ فرائيز آرڊر ڪيا. کاڌو تمام گهڻو لذيذ هو، ترڪش ۽ ليبنيز ڪزين ٻئي منهنجون پسنديده ٿي ويون آهن ڇو تہ انهن ۾ ذائقو تمام سٺو ۽ مصالحہ تمام گهٽ ٿا پون. اسان جي اصل سنڌي کاڌن وانگر. هاڻي تہ اسان بہ انڊين ڪزين تي پاڻ کي هيرائي ڇڏيو آهي. ...

(هلندڙ)...

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

ڪهاڻي

# اباڻا ڪک

ساحل سڪندر

مڪڻ اڄ ننڊ مان سوير پرو اٿي وينو، سندس سيراندي رکيل پاروٽي ڀَت جو وٽو ڪٽي کائڻ لڳو جيڪو امڙ نصيبان روز مڪڻ لاءِ رکندي هئي.

هن ڀت کائيندي پنهنجي بابي سڄڻ ڏانهن نهاريو تہ هو مال جي مَنهنَ جي ٽوٽي لوڏي رهيو هو سندس ڀر ۾ مڪڻ جي ماءُ نصيبان لوٽو پاڻي جو جهليو بيٺي هئي، جيڪا مڙس سڄڻ جي اشاري تي لوٽي مان پاڻي ٽوٽي جي پاڙ ۾ وجهي رهي هئي تہ جيئن ٽوٽيءَ جي پاڙ نرم ٿئي کيس سولائي سان ڇڪي ٻاهر ڪڍجي.

پريان مڪڻ جو وڏو ڀاءُ امير پنهنجي گهرواريءَ سان گڏجي گهر جو ٽپڙ ٽاڙي ٻڌي رهيو هو.

اهو سارو لقاءُ ڏسندي مڪڻ جي نگاهہ گهر جي ڪنڊ ۾ پيل کٽ تي پئي جنهن تي سندس ڏاڏي تسبي پڙهندي ذڪر تي ڪيو ۽ هر هر پنهنجي پلوَ سان ڳوڙها ٿي اگهيا.

مڪڻ ڀَت کائي کٽ تان هيٺ لٿو سڌو ڏاڏي ڪراڙي ڏانهن وڌي اچي سوال ڪيائين ڏاڏي امان:

هي بابا وارا کهڙي ڪرت سان لڳل آهن هي ادا ۽ ڀاڄائي گهر جو سامان ڇو ٻڌي رهيا آهن ۽ اوهان جي اکين منجهان نير پيا وهن، اهڙو ڇا ٿيو آهي...!


مڪڻ جي پڇيل سوال تي ڏاڏي وڌيڪ روئڻهارڪي ٿي وئي گهٽيل لفظن سان مڪڻ کي اشارو ڪندي چيائين تہ ٻچا وڃي پنهنجي پيءُ کان پڇ.....

مڪڻ ڏاڏي جو جواب ٻڌي پريشان ٿيڻ لڳو اچي پنهنجي پيءُ جي ڀر ۾ بيٺو.

سڄڻ جي هٿ ۾ رنبو هجي جنهن سان هو ڇاپري جون ٽوٽيون وائکيون ڪري ڪڍي رهيو هو مڪڻ معصوميت مان ڏاڏي کان پڇيل ساڳيو سوال پيءُ سان مخاطب ٿيندي دهرايو ابا او ابا اوهان گهر ڇو ٿا ڊاهيو؟

پٽس جو پگهر ۾ شل ٿي نظر آيو، مٿي تي ٻڌل پوتڙي سان پگهر اگهندي مڪڻ سان ڳالهائيندي چيائين، مڪڻ پٽ اسان جي روزي روٽي هن علائقي منجهان ختم ٿي وئي آهي اڳئين سال جو گنديُن منجهہ رکيل ان بہ ختم ٿي ويو آهي.

پٽ هيل ڏنئي تہ پاڻ جيڪو قرض کڻي سارين جو ٻج پوکيو هو اهو پاڻي نہ اچڻ ڪري سڙي رک ٿي ويو.



پٽ تون اجان ننيو آهين پر ڇا توکان وسري ويو تہ هيل سڄي تر جوءِ ۾ رونبا ڪونہ ٿيا، سارياليو فصل ڪونہ ٿيو، آسرو هو تہ پلا ڪٽڪ جو فصل پوکي سارين جي نہ ٿيڻ واري ليٽ ماري ونبي.

پٽ هاڻ تہ ڪٽڪ بہ پوکي نہ سگهياسين.

ڪالهہ آئون شهر ويو هئس جتي ڏيو ڏيو پاڻي ڏيو جون دانهون هيون پر ٻچا اهڙيون دانهون سارين جي مند ۾ بہ ٿيون هيون پر بابا اهي شايد ڪنهن نہ ٻڌيون جو پوک لاءِ پاڻي نہ اچي سگهيو اسان واري شاخ مان تہ واري اڏري رهي آهي، پٽ مڪڻ ڏس تو واري ٻري ٻڪري بہ ڪيئن بک وگهي مري وئي. پنهنجي ڳئون ۽ وڇ لاءِ مون کي هاڻ ڪنهن وٽان پلال ذرو بہ ڪونہ ٿو ملي.

پٽ زميندارن کي تہ وري بہ شهر مان ڪا اوڌر سوڌر ملي وڃي پر اسان هارين کي ڪير ڪجهہ ڏيندو ان ڪري هاڻ هي جوءِ ڇڏي ڪنهن ٻئي پار لڏي ٿا هلون.

پيءُ جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي مڪڻ پوئين پير موٽي پنهنجي راند واري ٽائر کي ڳولهڻ لڳو.

پريان ڏنائين تہ سندس وڏي ڀاءُ امير ٽريڪٽر ٽرالي ڪاهي اچي در تي بيهاري.

ان وقت سج اڀري مٿي چڙهيو، ڳوٺ جي رئيس سميت سڄڻ جي مٽن مائٽن ۾ چوٻول ٿيا تہ سڄڻ جيڪر نہ لڏي ها، پر سڄڻ کي روڪڻ جو ڪنهن وٽ ڪو سبب نہ هو.

سامان ٽرالي ۾ سٽجي ويو عورتن سان گڏ ٻارن کي ڏاڪڻ رکي ٽرالي مٿان چاڙهيو ويو.

مڪڻ پاڙي جي سمورن ٻارن کي حسرت منجهان ڏسندو رهيو سندس هٿ ۾ هڪ ٽائر ۽ ڀيڻ ڪومل جيڪا سال اڳ ڇئن ورهين جي ڄمار ۾ سائيءَ وگهي گذاري وئي هئي، جنهن جي اڳڙين منجهان جڙيل هڪ گُڏي هئي. هو اجان ڀرسان بيٺل پاڙي جي دوست کان موڪلائڻ جي ڪري رهيو هو تہ مڪڻ جي ٻانهن مان سندس وڏي ڀاءُ جهلي ڇڪي کڻي ڏاڪڻ تان مٿي ٽراليءَ ۾ ويهاريو.

بس سمورا گهر ڀاتي تڙ تڪڙ ۾ اچي وينا جو ڊرائيور هارن ڏيندي جلدي هلڻ لاءِ چئي رهيو هو ڇو تہ نئين منزل تي رسڻ لاءِ ڊگهو پنڌ ڪرڻو هو، بس ٽريڪٽر هليو، ٻيوسي هئي ۽ سڏڪا ۽ ڳوڙها هئا، علائقي جي بک ۽ بدحالي هڪ صديون پراڻو رشتو ٽوڙي وڌو...!

جيئن جيئن ڳوٺ کان پر پرو ٽريڪٽر لڏي جو هلندو رهيو سڄڻ سميت ڏاڏي ۽ مڪڻ کي پنهنجا اباڻا اجها ڇڏڻ جو ڏک اندر ۾ جهير وجهندو رهيو، نيٺ ڳوٺ اکين کان اوجهل ٿي ويو ۽ مڪڻ پنهنجا ساٿي ڇڏي ڪنهن اڻ ڏٺل ماڳ ڏانهن اسهي ويو...!!

# مختصر ڪهاڻيون

## اجتماعي خودڪشي

**عرفان منان**

اڄ ٽيون ڏينهن هو سانوڻ جي گهر جي چُلهه نہ ٻري هئي، سندس زال ڪي پاڙي جي عورتن هاڻي اڌارو اٽو ڏيڻ بہ بند ڪري ڇڏيو هو، پيٽ ۾ بک جا وٽ پوڻ ڪري ننڍڙا ٻار ڪوڪون ڪري بڪئي پيٽ سمهي پيا هئا. سانوڻ ڪافي وقت تائين سندن چهرن ڏانهن گهوريندو رهيو، لاڳيتو بک ڪاڻ سبب معصومن جون نازڪ اکيون ڏرا ڏئي ويون هيون ۽ منهن جو رنگ ئي اجهامي ويو هئن. سانوڻ ڪيسي مان پن جي اڌ ٻچيل ٻيڙي ڪڍي ان کي دکايو، بہ ٽي ڦوڪون هڻڻ کانپوءِ سوچن جي صحرا ۾ ڀٽڪڻ لڳو،

**هي بکون،**
**هي فاقا،**
**هي غربت**

آخر ڪيسين منهنجي مقدر ۾ لکيل هوندا، هن وبائن مان منهنجي جان بہ ڇٽندي الائي نہ، هو سوچن جي رڻ ۾ رُلي رُلي موٽيو، ٻيڙي مان وڏا وڏا سوٽا هڻندو رهيو ۽ وري اداسيءَ جي اوتر ۾ گهلبو رهيو، ڇا ڪيان هاڻي تہ مزدوري بہ ڪانہ ٿي ملي، وڏيري تہ هارپ تي ڏنل ٻني بہ واپس وٺي ڇڏي آ، ٻچن جو پيٽ ڪيئن پاليان. وهمن، وسوسن جي واچوڙن ۾ گم ٿي ويل سانوڻ کي سرت ان وقت آئي جڏهن پن جي ٻيڙي سڙي ختم ٿي رهي هئي ۽ سندس هٿ جون آڱريون ٻچيل ٻيڙي جو ٽُنڊ ساڙي رهيو هو، هو ٻيڙي جو ٽوٽو پٽ تي اڇلائي ڪڻ تان اٿيو، قميص جي کيسي ۾ پيل ڏهن رپين جي نوٽ کي ڪڍي دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو تہ اٽو چاليهہ رپيا ڪلو ٿي ويو آ، ڏهن رپين ۾ ملندڙ پاءُ اٽو منهنجي خاندان جي ٽن ڏينهن جي بک لاهي نٿو سگهي. سانوڻ هڪ دفعو ٻيهر خزان جهڙن خيالن ۾ وڪوڙجي ويو، نرڙ تان پگهر جون بوندون هيٺ ڪري پيس، ڪجهہ وقت تہ بلڪل بت ڻيل رهيو، وڏي سوچ ويچار ڪان پوءِ اهو نتيجو ڪڍيائين تہ ڏهن رپين ۾ ملندڙ زهر جي پڙي سيني ڀاتين لاءِ ڪافي آهي، واهہ واهہ هتي تہ ”زندگي مهانگي ۽ موت سستو آهي.“ صبح جو اخبار جي وڏين سرخين ۾ لکيل هو تہ سانوڻ غربت کان تنگ اچي پنهنجي گهرياتين سميت اجتماعي خودڪشي ڪري ڇڏي.

## خالي ڪرسي

**اقبال جمالي**

ڪجهہ دوستن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ڇونہ بهتر مستقبل لاءِ ڳوٺ کان شهر وڃي تعليم واپرائجي پوءِ هو ان ڳالهہ تي متفق ٿيا ۽ شهر اچي سٺي ڪاليج ۾ داخلا ورتائون ۽ اتي هڪ مسواڙ جي گهر ۾ رهڻ لڳا صبح جو ڪاليج وڃي پڙهي منجهند جو پنهنجي مسواڙ واري گهر ۾ موٽي ايندا هئا ۽ شام جو ريلوي اسٽيشن جي ڀر واري هوٽل ۾ گڏ ويهي چانهہ جون چسڪيون وٺندا هئا ۽ ڪڏهن ٽي وي ڏسندا هئا تہ وري ڪڏهن ملڪ جي سياسي صورتحال تي پاڻ ۾ ويهي پيا تبصرا ڪندا هئا ۽ ايئن وقت گذرندو رهيو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ انهن دوستن منجهان هڪڙي دوست کي جرمني جي اسڪالرشپ ملي وئي ۽ هو اعليٰ تعليم لاءِ سنئت جرمني هليو ويو، باقي دوست پنهنجي جرمني ويندڙ دوست جي غير موجودگي ۾ اداس رهڻ لڳا پوءِ انهن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ هوٽل ۾ جڏهن چانهہ پيئڻ ويندا سين تہ جنهن ڪرسي تي اسان جو دوست اسان سان گڏ ويهي ڪچهريون ڪندو هو سو هوٽل جي مئنيجر کان اها خالي ڪرسي بُڪ ڪرائيندا سين ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي دوست لاءِ هڪ ڌار چانهہ جو ڪوپ بہ گهرائيندا سين. بهرحال انهن ايئن ئي ڪيو ۽ هو روز شام جو ان هوٽل ۾ ويهي چانهہ پيئندا هئا ۽ اتي پنهنجي ٽيبل سان پنهنجي دوست لاءِ هڪ عدد خالي ڪرسي بہ لڳرائيندا هئا ۽ معمول موجب ان خالي ڪرسي جي اڳيان ٽيبل تي هڪ عدد چانهہ جو ڪوپ بہ اضافي گهرائي رکندا هئا ۽ جيستائين اتي ويٺا هوندا هئا تيستائين اها خالي ڪرسي اتي پيل رهندي هئي ۽ بيري کي چئي اهو اضافي چانهہ جو ڪوپ هوٽل جي ٻاهران ويٺل فقير کي ڏيندا هئا. هي سلسلو روز جو معمول بڻيل هو آخر هڪ ڏينهن شام جو جڏهن انهن دوستن ان خالي ڪرسي جي سامهون چانهہ جو اضافي ڪوپ گهرائي رکيو ۽ ڪجهہ دير بعد بيري کي سڏ ڪري چيائون تہ هي چانهہ جو ڪوپ کڻي وڃي هوٽل جي ٻاهران ويٺل فقير کي ڏيئي اچ پر بيري ٻڌايو تہ سائين جنهن فقير جي لاءِ توهان مون کي روز چانهہ جو ڪوپ ڏيندا هئا اهو فقير اڄ گذاري ويو، بيري جي اها ڳالهہ ٻڌي سيئي دوست گهڻا پريشان ٿي ويا ۽ اهو چانهہ سان ڀريل ڪوپ بيري کي واپس ڪري هوٽل کان ٻاهر نڪري جيئن ئي پنهنجي جاءِ تي پهتا تہ هڪ ڳوٺاڻو اتي هنن جي انتظار ۾ بيٺل هو جنهن هنن کي ٻڌايو تہ توهان جو دوست جيڪو پڙهڻ لاءِ جرمني ويل هو اهو هڪ ٽريفڪ حادثي ۾ گذاري ويو.

## غزل

تاج بلوچ

وڏي پاپوھ مان ڪڏهين جا منهنجي جهول ۾ آئي
نهوڙي روح کي ويئي ڪري زهر آب تنهائي
ويس ورچي مان ٿڪرن ۾ ۽ موٺي پاڻ ۾ آيس
ملي دوکي کان مُڪتي پر ورھ ڪا پيڙ موٽائي
وفا ۽ بيوفائي ۾ نہ مون کان ليڪ پاتي ٿي
ڪٿي سارا شگفتہ ۽ ڪٿي مهراڻ جي ڄائي
اوهان ئي خوبصورت ۽ اوهان ئي دلرُبا بيشڪ
مُنا ماٺهو اهي جيڪي، هئا فطرت جا سودائي
بلنديون شهرتون، جلون جون مبهم بي رخيون سمجهي
اسان دل جي نديءَ جي تيز تر طغياني ترسائي
رسامو، رنج يا شڪوو علامت عشق جي آهن
چيو جنهن، "تنهنجي ئي آهيان" انهيءَ ڪيئن واٽ بدلائي
ڪٿي پروين شاڪر ۽ ڪٿي پروين جوڳياڻي
اسين آهيون ڪٿي پينار جلوون جا تمنائي
بدن محبوب جو ڪاٺي، ڪري ميرو نہ چاندوڪي
اسان پردا نشينن سان ڪئي تڏهين شناسائي
مرڻ گمنام عاشق جيئن ڪٿي هو پاڻ کي منظور
وڏي ارڏائي سان آهي، قبولي تاج رسوائي.

## بيت

اداس لُنڊ

پٽن پوٽن وچ ۾ پياسو پوڙهو جهور
اکين کان بي نور پاڻي پاڻي پيو ڪري
ايندي ڪا نہ اديب جي ويجهي ڪاري رات
جت ٻري ٿي ڏات اتي آهي سوجهرو
ٻٽيو هو جڳ راھ ۾ نفرت جو درياھ
ليڪن تنهنجو چاھ تاري آيو تنهن مٿون
در جي وٽين مان ويس ڪري مان ديدار
سڪايا پئہ وار بيٺي آڳر تي پرين
راحت ڪيڏي هئي ملي سرها ٿيا ها ساھ
تون ۽ مان پٽ شاھ گهميا هئاسين ياد ٿئي
چوڙيون ڪنگڻ واليون ڪيون تو واپس
ٽٽي آ دل بس منهنجي تنهنجي پيار کان
جيئن مون هوش سنڀاليو خوشي ڏٺي ڪين
هتي ڇڻ مسڪين چائو درد سهڻ لئہ
ڪريا آسن جا محل تو ڪان پو دلبر
منهنجو من اندر ٿي ويو موهن جو دڙو
سانوڻ ۾ پيي تو ڏسين سرءُ جا اهڃاڻ
تو سان گڏ مهراڻ سڪي سانگين ساھ ٿو
پاڻي روڪڻ لاءِ هو ڊيمون اڏي ٿو
سنڌو سڏي تو ڏيئي سر سرها ٿيو.

## سَرابُ

سرمد غني

زندگي...!
تنهنجي رُسڻ
ڪانپوءِ...!
پرچاءَ جا سيئي
پيچرا،
مون کي ڏِڪارن پيا.
۽ شهر تنهنجي جون،
گهٽيون...،
اجنبيءَ وانگر،
مون کي گهوري،
ڇڻ،
جُڳن جيڏيون
سزائون ڏينديون
هُجن!!؟؟
۽ مان،
پير پٽون ڪندين،
ڏِڪار جي انهن پيچرن تان،
گذرندي،
تنهنجي صدائن جي
مُنتظر هجڻ جي،
سراب ۾،
پيو...،
پنهنجي وجود کي
ڳولهيان!!؟؟
اهو سمجهندي بہ
تہ...، هاڻي،
منهنجي سڏ کي
پڙاڏو نہ رهيو آهي!!
جو هاڻي،
اهو...،
سدائين لاءِ،
ڪٿي!!؟!
گم ٿي
ويو آهي!!

## غزل

مقبول مارو

پنهنجا اڄ ٿي غير ويا،
منهن مٽائي ڪير ويا.
جي نيڻ وڇائي وهندا هئا،
سي مَٽي هِن پيَر ويا.
هانءُ ۾ جن جي هئي هُبڪار،
چو پلجي آهن هِيرَ ويا.
مليا ڇا لاءِ دشمن سان،
۽ اڄ وساري وَير ويا.
ڪائي ناهي هِت سجاڻپ،
ڪري ڏاڍو انڌير ويا.
"مارو" ڪنهن کي ڏوھ ڏي،
ماڻهو ورهائي مَيرَ ويا.

## غزل

جبار"تاثير"سومرو

پورهيتُ ڪيڏو ووڙيندو آ،
پيٽ گذر لئہ ٻوڙيندو آ.
پاڻ ڪَکائين گهر ۾ رَهندي،
ٻين جون ماڙيون جوڙيندو آ.
پنهنجن ٻچڙن لاءِ سدائين،
اُسَ ۾ بيهي لوڙيندو آ.
جيوَن ڪارڻ سانجهيءَ تائين،
پنهنجو جيءُ جَهنجهوڙيندو آ.
مزدور جي عَظمت شان وڏائي،
پنهنجو ڳاڏو گهليندو آ.
دوکي جي ديوارُن ۾ پيو،
کوکا ڪِلِيون کوڙيندو آ.
گرمين، سَردين منجھ سدائين،
مُنهنُ نہ ڪنهن کان موڙيندو آ.
ڪينَ ڪڏهن "تاثير" کو ڪنهن سان،
رشتو ناتو ٽوڙيندو آ.

## وائي
# چو تہ توسان پيار آ
### امتياز عادل سومرو

مُون کان پُڇ مُون چو ڇَڏيو سَنسار آ،
چو تہ توسان پِيار آ..
لُڙڪَ ڏِين يا مُرڪَ ڏِين مان ڇا چَوان،
ڇا بہ ڏِين توکي اِهيو اختيار آ،
چو تہ توسان پِيار آ..
تُون اَچين مُون ڏي اچين پر چو اَچين،
مان تہ پِيو اِينڊُس مُون کي لاچار آ،
چو تہ توسان پيار آ..
قسمتُن توکي مُون کان وَرتو کَسي،
مُون کَيو تقدِيرَ سان ٽَڪرار آ،
چو تہ توسان پيار آ..
تُنهنجِي اکڙين ۾ اُداسيءَ جِي جَهلَڪَ،
مُنهنجِي دِل تي جَڻ وڏو کو بَار آ،
چو تہ توسان پيار آ..
دل کي تنهنجي تانگھ آ جيڏِي گهڻِي،
ديدَ کي اُن کان گهڻِي دَرڪار آ،
چو تہ توسان پيار آ..
پيارَ ڏِئي مان پيار توکان ڪِيئن گهُران؟
پيارَ ۾ ڀِيندو نہ کو واپار آ،
چو تہ توسان پيار آ..
سُونهن تُنهنجِي جَڻ صَحافتَ سِنڌ جِي،
عِشق مُنهنجو جَڻ سِنڌي اَخبار آ،
چو تہ توسان پيار آ..
تو ڏِنو هڪ وارِ هِڪڙو وارُ هو،
مُون کي لَڳندو وارُ سَو هَر وارِ آ،
چو تہ توسان پيار آ..
ڏارَ ڀِيڻَ تي اِن ڪري ناهيان رُنو،
خَلقَ کِلَندِي چَوندِي "عادل" ٻار آ،
چو تہ توسان پيار آ..

# رات منهنجي پاڙي مان هڪ خواب ڪنيجي ويو آهي
### عيسىٰ ميمڻ

رات جي انڌياري ۾
جڏهن تنهنجي اکين ۾ اچڻ چاهيو هو،
ڪجھ حال دل جو سلڻ چاهيو هو
تنهنجون نماڻيون اکيون
در جي ٻيڪڙن ۾ نهارينديون
اوسيئڙي جي صليب تي
ڪيڏيون نہ خشڪ ٿي ويون آهن.
اهي اکيون
جن اکين سدائين سوجهري جي تلاش ۾
انڌيرن سان اٽڪڻ جو فن سکي ورتو هو،
اهي اکيون
جن اکين ڌرتي ۽ ديس جا
سمورا ڏک اوتي ڇڏيا هئا.
لڪائي ڇڏيا هئا.
اميد جا ڪرڻا محفوظ ڪري ڇڏيا هئا
ڪي ئي راز نياز جون ڳالهڙيون
ڪي آدرشي سپنا اٽڪيل هئا جن ۾
اڄ سموري وستيءَ ۾ ڪيڏي نہ ويراني آهي
ڪيڏي نہ اداسي آهي
اهي گنهگار ڪيڏانهن ويا
جن جي لاءِ
جيل جون سلاخون
۽
عذاب گهر سدائين منتظر رهيا آهن.
تون سڀ ڄاڻين ٿي
تون سڃاڻين ٿي سيني ڪي شايد
پنهنجي اکين ڪي اوري ڪر
مون ڪي اهي اکيون چمڻ ڏي
مون ڪي تنهنجي اکين سان پيار آهي
۽ ها
توکي هڪ راز جي ڳالھ ٻڌائڻ چاهيان ٿو
منهنجي پاڙي مان رات هڪ معصوم خواب ڪنيجي ويو آهي
اهو خواب تنهنجي اکين جو خواب هو
جيڪو خواب تنهنجي اکين مان جلاوطن رهيو آهي.
ان خواب جي سلامتي لاءِ توکي وينتي آهي.

# غزل
### معراج منگي

زندگيءَ وانگر ملي ٿي،
بندگيءَ وانگر ملي ٿي.
مون نہ سمجهيو راز آهي،
عاشقيءَ وانگر ملي ٿي.
پاڻ پَرچي ۽ رُسي پئي،
شاعريءَ وانگر ملي ٿي.
پيار جو پيغام ٻڌجي،
هوءَ هوا وانگر ملي ٿي.
رُت جهڙاليءَ ۾ اچي پئي،
ڌر تتيءَ وانگر ملي ٿي.
روز محفل کي سجائي،
مئڪشيءَ وانگر ملي ٿي.
دوستيءَ جي آڙ ۾ سا،
دشمنيءَ وانگر ملي ٿي.
غير ناهي پوءِ پئي جڻ،
اجنبيءَ وانگر ملي ٿي.
ڏوھ ڪنهن جو آ ٻڌايو،
بي رُخيءَ وانگر ملي ٿي.
ڪنهن جي ڳولا ۾ سدائين،
هوءَ سکيءَ وانگر ملي ٿي.
رات جي ڪاراڻ ٽوڙي،
روشنيءَ وانگر ملي ٿي.
عڪس تو "معراج" باسي،
آرسيءَ وانگر ملي ٿي.

# غزل
### عنايت تبسم

جيت منهنجي هار وانگر ٿي وئي،
هر خوشي انڪار وانگر ٿي وئي.
سوچ جا تو ايترا ٽڪرا ڪيا،
ڳالھ ننڍڙي ڦار وانگر ٿي وئي.
چنڊ جڻ پوڙهو ٿئي هر روز تو،
چانڊني پر ٻار وانگر ٿي وئي.
ياد هن واپس ڏني چوندي اهو،
تو جيان هي بار وانگر ٿي وئي.
ايتري ڪوشش مگر ڇڏجي نہ ٿي،
ڪا تہ عادت يار وانگر ٿي وئي.

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد
Regd. No: 3160



# آن لائين مهمان وِٽ ارم
# ڊاڪٽر سحر امداد شاهه

ارم محبوب

**ارم: زندگي؟**
**سحر امداد:** زندگي ڏاڍي ڪٺن، ڏکي ۽ اٽانگي آهي، عارضي آهي مگر پوءِ بہ پياري آهي. زندگي ڇا آهي؟ ڇو آهي؟ ڪيئن آهي؟ ان جو وستار شاهہ سائين جي هن بہ سٽي بيت ۾ ڪيڏي نہ گهرائي سان بيان ڪيو ويو آهي:

**مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾**
**ايا آئين چون مڇڻ پانڌ پسائيين!**

**ارم: خوشي؟**
**سحر امداد:** ڏک سهڻ لاءِ آهن سک ورهائڻ لاءِ آهن شاهہ سائين ڏکن کي سکن جي سونهن چيو آهي بلڪہ هن تہ ائين بہ لکيو آهي تہ:

**ڏک ڏکي کي ڏيِ جَنِ ڏٺي سي ڏکيا ٿيا.**

**ارم: خواب؟**
**سحر امداد:** سنڌ منهنجي جاڳندڙ اکين جو سونهري سپنو آهي سنڌ منهنجو ڪالهہ، اڄ ۽ سڀاڻي آهي اها منهنجي پهرين ۽ آخري پريرڻا آهي. سنڌ جا هزارين سال اڳ سنڌوءَ جي ڪناري تي جنمي هئي، سا هزارين سالن کانپوءِ انهن ئي ڪنارن تي اجاري، بي آب ۽ ويران اکين سان درياءَ جي پيٽ ۾ رڳو واري اڏامندي ڏسندي! سنڌ جتي ريڻ درياءَ جو رڳو پيٽ جا نشان رهجي ويا آهن. ٿر جي سحرائن ۾ سرسوتي ندي ڪٿي گم ٿي وئي آهي ۽ ٿر جي سحرائن ۾ رهجي وئي آهي رڳي اڄ تہ ڇا اها رڃ، سچ ۽ اڄ سنڌ جو مقدر آهي، پر اسان کي آس جو پلئہ هر حال ۾ پڪڙي رکڻ کپي نراسائي ڪفر آهي.



**ارم: محبت/نفرت ڇا آهي؟**
**سحر امداد:** اصل ۾ محبت ۽ نفرت هڪ ئي سڪي جا ٻہ پاسا آهن، نفرت تڪليف ڏئي ٿي محبت سڪون، نفرت بديءَ کان جهالت، اٽبرابري، انياءَ کان ڪرڻ جڳائي! تعلق صرف پنهنجن پيارن سان/محبت ڪندڙن سان ئي جوڙجي:

**"محبت جن جي من ۾ تن تشنگي تارا!"**

**ارم: اداسي؟**
**سحر امداد:** اداسي جي ڪيفيت خود رحميءَ مان جنم وٺي ٿي ۽ خود رحميءَ کان بچڻ لاءِ هڪ ٽڪ نسخو آهي تہ انسان پاڻ کي مصروف رکي ذهني ۽ جسماني طور تي.



**ارم: خوف؟**
**سحر امداد:** خوف هڪ خوفناڪ ڪيفيت آهي. جيڪا انسان کي ذهني، جسماني ۽ اعصابي طور بنهہ ڪمزور ڪري ٿي ڊپ ۽ خوف ڪچي ۽ ڪمزور ذهنن جي پيدار آهي. علم، ڄاڻ، شعور انسان کي ان ڪيفيت کان مڪت ڪري ٿو.

**ارم: اسان جو نوجوان؟**
**ڊاڪٽر سحر امداد:** ان کي صحيح تربيت ۽ تعليم جي ضرورت آهي. هن کي محنتي ۽ بااخلاق استادن جي ضرورت آهي. هن کي (گهر توڙي ٻاهر) سُٺي ماحول جي ضرورت آهي. هن کي راند روند ۽ صحتمند مصروفيتن جي ضرورت آهي. هُن ۾ ذهانت ۽ صلاحيت آهي. سندس اعليٰ ترين صلاحيتن کي سندس مائٽ ئي اڀاري، نکاري سگهن ٿا ۽ هڏڏوڪي استاد ئي هن جا mentor ٿي سگهن ٿا. وقت جي اهم ضرورت آهي تہ اسين سنڌ کي هڪ مثالي نئون نسل ڏيون، ان کي بنا ديڄارڻ جي، ٻچڙاين کان ٻچڻ جا گُر سيکاري، ڪابہ ڳالهہ ماءُ پيءُ کان لڪائڻ بدران ٻڌائڻ جي هن ۾ هير وجهون، پنهنجي ٻار جا دوست ٿيون، ڪين وڏن ۽ ڪامياب ماڻهن جون ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ "وڏا مقصد" آڏو رکون، وڏن جي عزت ڪرڻ ۽ اَجائي آڪڙ کان پرهيز ڪرڻ سيکاريون. ٻارن کي سائنس پڙهڻ جو شوق ننڍپڻ کان وجهون، گهر، گهٽيءَ، سماج کي هن لاءِ بهتر بڻايون، Low Profile ۾ رهڻ ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ سيکاريون، اجائي ايڪٽوزم کان پاسو ڪن ۽ سمجهايون تہ پاڻ کان وڏي عمر وارن سان ڪڏهن دوستي نہ رکن، علتن ۽ برائين کان بچايون، ان لاءِ ٻارن جو صحتمند سرگرمين ۾ مصروف رهڻ ضروري آهي. راندين، مباحثن ۽ تقريرن ۽ ڪلچرل پروگرامن ۾ حصي وٺڻ تي ڪين اڀاريون، سي ايس پي آفيسر، پائليٽ، سائنسدان ۽ انجنيئر ۽ بزنس مين ٿيڻ جا شوق ننڍپڻ کان ڏياريون، ٻارن کي همٿايو تہ "گريجوئيشن" کانپوءِ "ٽاپ رئنڪرس" آمريڪا، ڪئناڊا ۽ انگليند جي يونيورسٽين ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ تي وڃڻ لاءِ ڪوشش ڪن (اڄڪلهہ اهي سهولتون آن لائين موجود آهن) ۽ جن جا مائٽ خرچ ڀري سگهن ٿا اُهي پنهنجي خرچ تي بہ پنهنجن ٻارن کي ٻاهر موڪلين، نوجوانن کي (۽ سندن مائٽن کي پنهنجي اولاد لاءِ) سدائين زندگيءَ جا اعليٰ مقصد آڏو رکڻ کپن ۽ اها انگريزي چوٽي ڳنڍ ۾ ٻڌن تہ: Sky is the Limit!

**ارم: اسان جو ادب؟**
**ڊاڪٽر سحر امداد:** اسان جو ادب شاهوڪار هو، دنيا جي ادب سان ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي بيٺو هو، تخليق، تحقيق ۽ ترجمي جي لحاظ کان هڪ معيار قائم ٿي چڪو هو، جيڪو هاڻ نہ رهيو آهي. ادبي رسالا نہ رهيا آهن! جي آهن تہ انهن ۾ ايڊيٽر نہ آهن! هاڻوڪو شاعر/اديب پنهنجي پاڇي کان پري نهاري نٿو، پاڇو جيڪو سندس پيرن ۾ پيو آهي! ان صورتحال تي ڪو ڪُجي بہ نٿو سگهي! جنهن ٻوليءَ جي "ادب" ۾ "بي ادبن" جي ساري هجي، اُتي ڪجهہ ڪُڇڻ بہ ڪفر آهي!

**ارم: شاعري؟**

**ڊاڪٽر سحر امداد:** شاعري مون لاءِ رُوميءَ جي هن مثنويءَ مطابق آهي:

**"شاعري جزويست از پيغمبري**
**جاهلانش ڪُفر دانند از خري!"**

اهائي ڳالهه اسان جي شاهه سائين هينئن چئي آهي:

**"وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي!"**

۽ اسان کي "وهائڻ" ۽ "وَهائڻ" جي فرق جي ڄاڻ هئڻ کپي!

**ارم: سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا؟**

**ڊاڪٽر سحر امداد:** پهرين ڳالهه اها آهي ته آئون ٽي. وي ڏسان ئي ڪونه! ٽي. وي تي ڏسڻ جهڙو آهي ڇا! سنڌي اليڪٽرونڪ ميڊيا کي پنهنجا پروگرام ڏسڻ لاءِ گهڻي محنت ۽ نون "آئيڊياز" جي ضرورت



آهي. ٻوليءَ سُڌارڻ، ڊرامن جا موضوع ۽ ٽيڪنيڪ سُڌارڻ جي ضرورت، مارننگ شو ۾ رڳو هڪ يا ٻه سهڻيون صورتون ڪافي ناهن، سُهڻو دماغ سڀ کان اهم ضرورت آهي. عام ماڻهوءَ جي سطح تي لهڻ بدران ماڻهن کي پنهنجي بلند سطح تي آڻڻ جي ضرورت آهي. مون ناجيه مير جو ڪرنٽ افيئرز جي پروگرام "Insight" جا ڪجهه ايپيسوڊ ڏاڍي ڌيان سان ڏٺا ۽ شيئر پڻ ڪيا، اهڙيءَ ريت ويجهڙائيءَ ۾ شروع ڪيل پروگرام "Spotlight" هڪ معياري پروگرام آهي، پر مسئلو وري به ساڳيو "عوامي پسند ۽ ناپسند" جو آهي! پر آئون نٿي سمجهان ته "سنڌي عوام" ايڏو ٻُوڪ آهي!

**ارم: فيس بُڪ؟**

**ڊاڪٽر سحر امداد:** فيس بُڪ ماڊرن اوطاق (يعني ڊرائنگ رُوم) آهي، جنهن ۾ اوهان جا دوست، دشمن virtually موجود آهن. "فيس بُڪ" جي يقينن اهميت آهي، پر اسان وٽ گهڻي ٻاگي واندن جي وِندر آهي!

**ارم: زندگيءَ جو حسين دور؟**

**سحر امداد:** زندگيءَ جي هر دور جو پنهنجو حُسن آهي ۽ پنهنجا چئلينج آهن. اها انسان جي فطرت آهي ته هو ڪنهن به حال ۾ خوش ناهي. ان ڪري هو تبديليءَ جي خواهش به رکي ٿو ۽ ان لاءِ ڪوشش به ڪري ٿو. ڪڏهن ڪاميابي ماڻي ٿو، ڪڏهن ناڪامي! پر زندگي هر حال ۾ روان دوان رهي ٿي. منهنجو ننڍپڻ جو دور به هڪ وڏي ڪٽنب، هڪٻئي سان پيار ڪندڙ ڀائرن، ڀينرن ۽ ماءُ پيءُ جي رفاقت ۾ گذريو. جواني ديواني ٿيندي آهي، سا ڪجهه ته پنهنجي ديوانگيءَ ۾ گذري ۽ باقي گهڻي فرزانگيءَ ۾. اولاد کي پالي نپائي وڏي ڪرڻ ۽ اعليٰ منزلن تي رسائڻ جي ذميوارين کي مثالي نموني پوري ڪرڻ ۾ گذري ۽ هاڻي به ڪم جهڙوڪر وڌي ويا آهن، پر پوءِ به دنيا گهُمڻ جا خواب، ڪجهه نئون لکڻ جا خواب اڃان به ڏسان ٿي. زندگي گذارڻ لاءِ ڪو اعليٰ مقصد ساڻ هجي ته زندگي هر حال ۾، هر دور ۾ خوبصورت آهي، حسين آهي!

**ارم: اسان جي "سحر" جي شاعر نه هجي ها ته؟**

**سحر امداد:** شاعري انسان جي فطرت ۾ هوندي آهي، آئون فطرتن هڪ آرٽسٽ هئس، منهنجو پيءُ هڪ گهڻ پڙهيو، باذوق ۽ ادب دوست انسان هو. هُن مون کي نرسري رائمس پڙهڻ جي عمر کان گهڻو پهرين (ٻاتائي ڳالهائڻ جي عمر ۾) فيض احمد فيض جي شاعري ياد ڪرائي هئي. منهنجي امڙ مصور هئي، هوءَ سُريلي هئي ۽ ڏاڍو مِٺو ڳائيندي هئي. هن پاڪستان ٺهڻ کان به اڳ ڊرائنگ جا سمورا امتحان پاس ڪيا هئا ۽ ٽريننگ ڪاليج فار وومين ۾ ڊرائنگ ٽيچر هئي. هوءَ واٽر ڪلر جي ماهر هئي، ڏاڍيون خوبصورت پئنٽنگس ٺاهيندي هئي، سو آرٽ اسان جي genes ۾ هو. آئون بنا ڪنهن سکيا جي به خوبصورت تصويرون ٺاهيندي هئس، اسڪلپچر ٺاهيندي هئس، مون جيڪي مٽيءَ مان گوتم ٻڌ جو هڪ bust ٺاهيو هو، جيڪو اسان جي ڊرائنگ روم ۾ ڪارنس تي سجيل هوندو هو. امان مون کي جيڪڏهن NCA وڃڻ جي اجازت ڏي ها ته يقينن آئون ڪا نامور مصور هجان ها. مون ته اردو ۾ شاعري انين ڪلاس کان پئي ڪئي، جيڪا مون ڪڏهن به ڪنهن کي به نه ڏيکاري ۽ نه ٻڌائي. پهريون ڀيرو زبيده ڪاليج ۾ نجم رياض (فهميده رياض جي ننڍي ڀيڻ جيڪا ان زماني ۾ ريڊيو حيدرآباد لاءِ اردو ۾ ڊراما لکندي هئي) ۽ شهناز سليم (جيڪا پڻ هڪ باذوق ۽ ادب دوست هئي، جيڪا اڳتي هلي ريڊيو حيدرآباد تي پروگرام پروڊيوسر ٿي) کي پنهنجي اردو شاعري ٻڌايم. (جيڪي تڏهن زبيده گرلز ڪاليج ۾ منهنجو روم ميٽ هيون) انهن ٻنهي منهنجي شاعريءَ جي تعريف ڪئي ۽ مون کي چيائون ته آئون اها ڇپرايان، جيڪا مون ڪڏهن به نه ڇپرائي. ڇو ته منهنجي اندر جي چري سنڌياڻي صرف سنڌيءَ ۾ ئي ڇپجڻ ٿي چاهيو ۽ جڏهن شيخ اياز اسان جي گهر تي منهنجي شاعري ٻڌي، بابا کي چيو ته: "سائين! ڪِڪِيءَ جي شاعري ڇپرايو." ان کانپوءِ ئي مون پنهنجي شاعري ڇپرائي. مون پنهنجن سينئر شيخ اياز ۽ مخدوم طالب المولىٰ جي صدارت ۾ ٿيل مشاعرن ۾ شعر پڙهيا ۽ داد حاصل ڪيو. انهن مشاعرن ۾ آئون اڪيلي ڇوڪري هوندي هئس. اها ڳالهه پڻ منهنجي فخر جو حصو آهي. منهنجي شاعريءَ جو مجموعو: "چوڏهينءَ چنڊ آڪاس" فهميده رياض پنهنجي اداري طرفان ڇپرايو ۽ ان تي هڪ ڀرپور مهاڳ لکيو، جنهن ۾ هن مون کي جوڳي مڃتا ڏني. مون پنهنجي ٽين-ايج کان نثر ۾ پڻ لکيو. 1967 ۾ منهنجا آرٽيڪل "عبرت" اخبار ۾ ڇپيا. 1968 جي زبيده گرلز ڪاليج مئگزين ۾ پڻ منهنجو هڪ شاندار آرٽيڪل ڇپيل آهي. آئون هڪ محقق به آهيان. منهنجي تحقيقي ڪتاب: "شعور شاعر شاعري" کي 2009 ۾ بهترين تحقيقي ڪتاب جو ايوارڊ مليو. جديد سنڌي شاعريءَ تي منهنجي پي ايڇ ڊي جي ٿيسز تحقيق ۾ نيون راهون کوليون آهن. مون وڏن توڙي ٻارن کي پڙهايو به آهي ۽ پاڻ به پڙهان پئي. سو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان منهنجي "عشق" جون انيڪ صورتون آهن!

رپورٽ

# پاڪستان جي اڳوڻي سفيرعالم بروهي جي ڪتابن جي مهورت

لطيف گاد



مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشوري ۾ عالمي موضوعن تي لکيل اڳوڻي سفير عالم بروهي جي ٻن شاهڪار انگريزي ڪتابن جي مهورت ٿي گذري. اهي ٻئي ڪتاب بعنوان اي وائيس ان دي ولڊرنيس ۽ دي چيئنجنگ گلوبل جيو پوليٽيڪل اينڊ اسٽريٽجڪ ڊائنامڪس، چئلينجز فار پاڪستان، پاسٽ اينڊ پريزنٽ. محمد عالم بروهي بنيادي طور لاڙڪاڻي (شهدادڪوٽ) سان واسطو رکي ٿو، جتان هن 1979ع ۾ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري فارين سروس ۾ ملازمت اختيار ڪئي. پنهنجي نوڪري دوران هو ملڪ جي وفاقي ڪاتن ۾ انتهائي اهم جاين تي فائز رهيو. سال 2010ع ۾ رٽائر ٿيڻ بعد ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪري لکڻ ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ مختلف عالمي موضوعن تي پنهنجي تجربي جي بنياد تي ڇاٽايل ٻئي ڪتاب لکيائين.

مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ٿيل مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسلم عقيليءَ چيو ته سياست کي اقتصادي ترقيءَ کان ڌار نٿو ڪري سگهجي ۽ وچ اوڀر ۾ جيڪي به اختلاف آهن اهي اقتصادي ترقيءَ جي ڪري ئي آهن. هن چيو ته جٽادار ترقي ماڻڻ لاءِ اعليٰ تعليمي ادارن، صنعتن ۽ حڪومتي پاليسين ۾ هڪجهڙائي ضروري آهي. وائيس چانسلر چيو ته محمد عالم بروهيءَ هي ٻه ڪتاب لکي شاندار ڪم ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته سندس زندگيءَ جا تجربا، مشاهدا ۽ مطالعا ايندڙ نوجوانن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا ۽ جيڪو ماڻهو ملڪ ۾ توڙي ٻاهر پرڏيهي پاليسي سان لاڳاپيل اهم عهدن تي رهيو هجي ان جون لکڻيون يقينن گهڻ رخي معلومات رکن ٿيون. ڊاڪٽر اسلم عقيليءَ وڌيڪ چيو ته منهنجي عالم بروهيءَ سان پهرين ملاقات ڪراچيءَ ۾ هڪ مهورتي تقريب ۾ ٿي هئي جنهن دوران هن مونکي پنهنجي ڪتابن جي باري ۾ ٻڌايو ۽ پوءِ مون اهي ڪتاب پڙهي طئي ڪيو ته انهن جي مهورت مهراڻ ۾ ڪرائيندا سين ۽ اسان هڪ يونيورسٽيءَ جي حيثيت سان ڪتابن جي اهميت کي سمجهون ٿا ۽ هنن ڪتابن جي مهورت مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ڪرائڻ جو مقصد نوجوانن کي ڪتابن سان جوڙڻ آهي. مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي ٻنهي ڪتابن جي مصنف ۽ پاڪستان جي اڳوڻي سفير محمد عالم بروهيءَ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسلم عقيليءَ جو ٿورو مڃيندي چيو ته اها منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي ته منهنجي ڪتابن جي مهورت مهراڻ جهڙي اداري ۾ ٿي رهي آهي ۽ هن اداري جي ساک ۽ ناماچار نه رڳو سنڌ پر ملڪي سطح تي به تمام گهڻي آهي. هن چيو ته مان جيترو وقت به پرڏيهي ملڪن ۾ رهيس اتي هميشه سنڌ کي ساريندي رهيس. اڳوڻي سفير چيو ته هاڻي دنيا هڪ ئي وقت ڪيترن ئي بحرانن مان گذري رهي آهي ۽ مصر، شام، لبيا، ترڪي، افغانستان، عراق سميت ڪيترائي ملڪ تاريخ جي بدترين دورن مان گذري رهيا آهن، جتي ٻاهرين طاقتن جي ڪري اندروني بحران ۽ گهرو ويڙهه جاري آهي. سندس چوڻ هو ته افغانستان ۾ جٽادار حل لاءِ آمريڪا کي طالبانن سان ڳالهيون ڪرڻ گهرجن ۽ ان سڄي مرحلي ۾ پاڪستان جو هجڻ ضروري آهي. عالم بروهي چيو ته ڪوبه ملڪ پنهنجي پرڏيهي پاليسي ۾ طئي ڪيل حدفن مان سئو سيڪڙو نتيجا نٿو ماڻي سگهي ۽ پاڪستان ۾ به صورتحال ساڳئي آهي. ڇاڪاڻ ته عالمي قوتن جي مفادن سبب ڪٿي ڪي رنڊڪون پيدا ٿي پونديون آهن. اڳوڻي سفير وڌيڪ چيو ته سنڌ اندر تعليم جي صورتحال تمام گهڻي خراب آهي ۽ دنيا ۾ ٻيا ملڪ ڀلي ڪيترن به بحرانن ۾ ڇو نه هجن، پر اهي تعليم جي حوالي سان انتهائي مضبوط هوندا آهن. تقريب کي خطاب ڪندي پاڪستان جي اڳوڻي سفير ۽ ڪائونسل جنرل ظفرالله شيخ چيو ته مان 1974ع ۾ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪيو ۽ پرڏيهي ڪاتي ۾ هجڻ سبب مختلف ملڪن ۾ زبردست ۽ منفرد تجربا ڪيا ۽ ان ڏس ۾ منهنجي پهرين پرڏيهي پوسٽنگ جاپان ۾ ٿي جتي جاپاني سکڻ جو موقعو مليو ۽ جاپاني دنيا جي ٽن ڏکين ٻولين منجهان هڪ آهي. هن چيو ته محمد عالم بروهي جيڪي به ڪتاب لکيا آهن انهن مان هڪ سندس يادگيرين تي ٻڌل آهي ۽ ٻيو ڪتاب عالمي معاملن ۽ سياست تي آهي، جنهن ۾ حالات حاضرا، ڊپلوميسي ۽ دنيا ۾ ايندڙ لاهن چاڙهن بابت ڄاڻ آهي. جڏهن ته اهي ٻئي ڪتاب سي ايس ايس جي خواهش رکندڙ اميدوارن لاءِ انتهائي فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿا. تقريب دوران خطاب ڪندي ۽ ڪتابن جو تجزيو ڪندي پروفيسر مشتاق ميراڻيءَ چيو ته عالم بروهيءَ پنهنجي ڪتابن ۾ دنيا اندر موجود عالمي تڪرارن تي تمام بهترين انداز ۾ لکيو آهي ۽ انهن جو پسمنظر ڄاڻائڻ سان گڏوگڏ مسئلن جو حل پڻ ٻڌايو آهي. جڏهن ته نه رڳو عالمي پر سنڌ سطح تي پڻ ڪيترين ئي ساروڻيون انهن ڪتابن جو حصو آهن. تقريب ۾ قيصر بنگالي، مهراڻ يونيورسٽيءَ جي آرڪيٽيڪچر ۽ سول شعبي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر خان محمد بروهي، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالسميع قريشي، پروفيسر ڊاڪٽر ڀائي خان شر، پروفيسر ڊاڪٽر بخشل لاشاري، پروفيسر ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو، پروفيسر غلام عباس مهر، زاهده ابڙو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

پروفائل


# مهان ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر نجم عباسي

سليم چنا

هن مهان ڪهاڻيڪار، ناول نگار، شاعر، ترجمي نگار ۽ جسماني بيمارين جي طبيب ڊاڪٽر نجم عباسي غريب ۽ مسڪين ڪٽنب جي فرد الهہ آندو خان عباسي جي گهر، خانواهڻ تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ 18 آڪٽوبر 1927ع تي سنڌ جي سر زمين تي جنم ورتو.

پيءُ پرائمري ماستر هئس، شروعاتي تعليم خانواهڻ مان ۽ ميٽرڪ نوابشاهہ مان 1946ع ۾ پاس ڪري چار مهينا لوڪل بورڊ اسڪول ۾ استاد ٿي پڙهايائين. اڳتي علم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيڪ پڙهندي، محنت ڪندي، ڪراچي جي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ اچي پهتو ۽ سال 1953ع ۾ ايم ي بي ايس پاس ڪري سرڪاري نوڪري ۾ لڳو. 1958ع ۾ سرڪاري نوڪري تان استعيفيٰ ڏئي گاڏي کاتي ۾ قاضي عبدالقيوم روڊ ويجهو پنهنجو نجي طب خانو کوليائين.

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي تخليقي عمل جي شروعات نوابشاهہ ۾ لوڪل بورڊ اسڪول جي پڙهائي دوران شروع ٿي. سندس علمي، ادبي تربيت قابل فخر استاد ايچ ايم خواجا جي اثر هيٺ ٿي. ادب ۾ سندس ذوق شوق وڌيو تہ ان دور ۾ محمد عثمان ڏيپلائي کي بہ پڙهيائين جنهن جو مٿس گهرو اثر ٿيو.



نجم عباسيءَ جي ئي پڙهائي واري دور ۾ مشهور عالم، اديب ۽ عربي جو استاد مخدوم امير احمد هو جيڪو شاگردن کي عربي سان گڏ انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت پڻ وڏي ڄاڻ ڏيندو هو. سندس ئي ڪوشش سان اسڪول ۾ بزم ادب قائم ٿي جنهن ۾ ادب، شاعري ۽ تقريرن جي تربيت ڏني ويندي هئي. ڊاڪٽر نجم عباسي هوشيار هجڻ سبب هر آچر تي ٿيندڙ انهن ادبي گڏجاڻين ۾ ويندو هو. جتي مشاعرا بہ ڪرايا ويندا هئا ۽ شاعري جي اصلاح مخدوم امير احمد پاران ڪئي ويندي هئي.

نجم عباسي ان دور جي ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر ٿي سامهون آيو سندس ذهانت ۽ قابليت کي ڏسندي کيس انهيءَ بزم جو 1944 کان 1946ع تائين سيڪريٽري جو عهدو ڏنو ويو. ان سان گڏ کيس ڊبيٽنگ سوسائٽي جو بہ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. هن بزم پاران هڪ مخزن بہ ڪڍيو ويندو هو جنهن جو ايڊيٽر بہ نجم عباسي هو. پاڻ ان شاگردي واري دور ۾ مسلم نيشنل گارڊ ۽ مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن سان سلهاڙيل رهيو. بهترين مقرر هئڻ سبب نجم عباسي سياسي تقريرون بہ تمام گهڻيون ڪيون. پاڻ پهريون شعر سورهن سيپٽمبر 1941ع ۾ لکيو. سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي. 1946ع ۾ شاعري ڇڏي ڪهاڻين طرف آيو. تڏهن سندس پهرين ڪهاڻي "همت ۽ ڪوشش" جي نالي سان آڪٽوبر 1946ع ۾ مهراڻ رسالي ۾ ڇپي، اهڙي ريت ڪهاڻيون لکندي نجم عباسيءَ ناول بہ لکيا ۽ سٺين لکڻين جا ترجما بہ ڪيا. پنهنجي مطالعي جي شديد شوق هيٺ ونس ڪتابن جي هڪ وڏي لائبريري هئي جيڪا 1988ع ۾ سنڌي مهاجر جهيڙن ۾ ڌارين جي گهر تي حملي ۾ ضايع ٿي وئي. انهن جهيڙن ۾ نہ فقط سندس گهر تي قبضو ڪيو ويو پر سندس ڀاڻيجي نوجوان فهيم عباسيءَ کي بہ شهيد ڪيو ويو. ايڏي وڏي هاڃي ڪانپوءِ هو لطيف آباد ڇڏي نسيم نگر قاسم آباد ۾ اچي رهيو، جتي کيس 1989ع ۾ فالج جو حملو ٿيو، جنهن جي ڪري پاڻ ڪلينڪ بند ڪري ڪيترائي سال علاج هيٺ رهيو، پر اديبن سان پنهنجي گهر تي ملاقاتون جاري رکيون. سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب "طوفان جي تمنا" 1969ع ۾، ٻيو مجموعو "جيڪي منهنجي من ۾" 1977ع، "ناچڻي" 1978ع، "ايڏو سور سهي" 1978ع، "رشتا ناتا" 1981ع، "سورج هوندي مرجهايل" 1982ع، "للڪار" 1983ع، "پٽر تي ليڪو" 1983ع، "پروفيسر" 1984ع، "دارون هن ديواني جو" 1985ع، "مٽي سنڌ سڪار" 1988ع، "دوکو" 1989ع، "منهنجون بهترين ڪهاڻيون" 1991ع، "پاڻ ۾ ويٺا آهيون" 1992ع، "اوچا ڳاٽ پهاڙن جا" 1993ع، "پهاڙن ۾ پڪار" ترجمو 1984ع، "مون پڻ ڳايو" (شاعري) 1979ع، "ڏنم اڻ ڏٺل" (ڪبيون ڪهاڻيون) 1980ع، "پيار ناول" 1984ع، "تلاش ناول" 1987ع، "ڳاڙهو لال ٽئين" ترجمو 1974ع، "اڪيلا نہ آهيون" ترجمو 1982ع، "گانڌي" ترجمو 1987ع، "زلزلو" ترجمو 1988ع، "ماسترياڻي" ترجمو 1988ع، "لينن جي انقلابي ڪهاڻي" ترجمو 1988ع، "هڪ انقلابي جو ننڍپڻ" ترجمو سندس وفات ڪانپوءِ 2001ع ۾ ڇپيو. "ناچڻي جو جنم" (خط) 1979ع، "بلنديون ناول" 1984ع، "ڪهاڻي جو قافلو" (ڪهاڻيون ۽ مضمون) 1986ع، "تصوف جي چير ڦاڙ" (مضمون) 1987ع، "جبل مٿي باهڙي" (خط) 1993ع، "سوچون هڪ سچار جون" سندس وفات ڪانپوءِ 1999ع ۾ ڇپيو.

اهڙي طرح نجم عباسي سنڌي ادب کي 33 ڪتاب ڏنا. خانواهڻ جي مٽي جي هن ناياب گلاب سنڌ، هند ۽ دنيا اندر رهندڙ سنڌين کي پنهنجي علمي، ادبي ۽ طبي خدمتن سان واسي ڇڏيو. مان خوش نصيب آهيان جو 1970ع جي ڏهاڪي ۾ ٿيندڙ منظور چيمبرز گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ هر هفتي جي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين کان وٺي سندس ڪلينڪ تي وڃي ساڻس گڏجاڻيون ڪيون. پاڻ منهنجي ڪهاڻين جي پهرين ڪتاب "سچ منهنجي هٿن ۾" سال 1995ع ۾ بابت انتهائي سٺي راءِ ڏئي چڪو آهي. مان بہ سندس پچاڙڪن ڏينهن ۾ ونس گهٽو ويندو هئس ۽ ڪانئس مون 1994ع ۾ هڪ انٽرويو ورتو هو جيڪو عبرت مئگزين جي فل پيج تي فيبروري 1994ع ۾ ڇپيو هو. ڪانئس مون ٻيو انٽرويو 21-09-1995 تي ورتو هو جيڪو سندس زندگي جو آخري ۽ يادگار انٽرويو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ساڻس ڪيل هڪ اهم ادبي ڪچهري ڪانپوءِ مون مٿس هڪ ڪهاڻي مهان ڪهاڻيڪار جي نالي سان لکي ڇپرائي هئي جيڪا منهنجي ٽئين ڪهاڻين جي ڪتاب "روشني" مئي 1997ع جي صفحي نمبر 89 کان 96 تائين ڇپيل آهي.



سنڌ جي هن مهان ڪهاڻيڪار 25 آڪٽوبر 1995ع تي نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد ۾ هن فاني جهان کي الوداع ڪري پنهنجي لافاني زندگيءَ جو تاحيات سفر شروع ڪيو. کيس سوين آلين اکين سان سندس وصيت موجب اباڻي مقام خانواهڻ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

# پينٽنگ





Artist:
Khaliq Channa

خالق چنا جو تعلق شڪارپور جي ڳوٺ ميان صاحب سان آهي. خالق چنا هن وقت ميان صاحب جي هاءِ اسڪول ۾ آرٽ جي استاد طور ڪم ڪري رهيو آهي. آرٽ جي دنيا ۾ هو پنهنجو هڪ منفرد مقام رکي ٿو. هن پورٽريٽ ۽ لينڊ اسڪيپ جي آرٽ ۾ تمام بهترين ڪم ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز جي شاعري کي ڪيليگرافي ۽ جديد آرٽ ڪي ڪينواس تي خوب چٽيو آهي. هن وقت تائين سندس ڪيئي شاگرد NCA لاهور مان پاس آئوٽ ٿي آرٽ جي ميدان ۾ پاڻ مڃائي چڪا آهن. سنڌ جو ناميارو آرٽسٽ سائين فتح هاليپوٽو سندس استاد آهي.

# اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ

گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي

STS
SIBA Testing Services

## ضـــروري هـــدايتون

### براءِ جونيئر ايليمينٽري اسڪول ٽيچر (JEST) BPS-14

**Test Dates: November 25, 2018**

1. اصل شناختي ڪارڊ ۽ ايڊمٽ/سلپ کڻي اچڻ لازمي آهي. جنهن کان سواءِ ٽيسٽ سينٽر ۾ داخلا جي اجازت نہ هوندي.
2. قومي شناختي ڪارڊ گم ٿيڻ جي صورت ۾ ڪابہ FIR, NC يا NADRA Token قبول نہ ڪئي ويندي.
3. موبائل فون، پرس، ڪلڪيوليٽر ۽ ٻيو ڪوبہ اليڪٽرانڪ آئيٽم ٽيسٽ سينٽر تي کڻي اچڻ سخت منع آهي.
4. اُميدوارن کي اطلاع ڏني وڃي ٿي تہ ٽيسٽ پيپر جي ذمہ داري انهن تي هوندي. ٽيسٽ پيپر ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي، ٽيسٽ پيپر ڦاڙڻ يا واپس نہ ڪرڻ جي صورت ۾ اُميدوار جو ٽيسٽ ڪينسل ڪيو ويندو.
5. ٽيسٽ سينٽر تي پهچڻ جو وقت صبح 8:30 وڳي آهي.
6. ٽيسٽ شروع ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن بہ اُميدوار کي ٽيسٽ سينٽر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ هوندي.
7. ٽيسٽ سينٽر جي تبديليءَ لاءِ ڪابہ درخواست منظور نہ ڪئي ويندي.
8. گهربل اسٽيشنري ٽيسٽ سينٽر تي ئي مهيا ڪئي ويندي.
9. تمام اهل اُميدوار پنهنجو ايڊمٽ ڪارڊ/سلپ هيٺ ڄاڻايل لنڪ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا.

**eslip.sts.net.pk**

*"Donate for Diamer Basha and Mohmand Dams".*

**SIBA ٽيسٽنگ سروسز**

PID (H) 204/18

Sukkur IBA University

سکر آئي بي اي يونيورسٽي، ايئرپورٽ روڊ سکر فون: 071-5644159-5644160

موبائل: 0336-6546675, 0312-1399243 (Timing: 9 - 5pm) يو اي اين: (111-785-422) 071

# COMEX ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

## CCE-2018 (PCS)

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,